

# تذڪرهٔ شهباز

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

Gul Hayat Institute

صنما ره- قلندر سزد از بمن نمائی،
که دراز و دور دیدم ره و رسم پارسائی.
(عراقي)

# تذڪرهٔ شهباز

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
ڪراچي- 2012ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: تذڪرهٔ شهباز
ليکڪ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
پهريون ڇاپو: ڊسمبر 1964ع
ٻيو ڇاپو: جون 1969ع
ٽيون ڇاپو: جون 2012ع
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: عبدالعزيز عقيلي، سيڪريٽري ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

قيمت: -/120 روپيا

Gul Hayat Institute

ملڻ جو هنڌ:
ثقافت کاتو ڪتاب گھر
سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي- 74400، سنڌ.
فون: 021-99206073

# انتساب

هي پيارءِ عقيدت جو پورهيو سڪ ۽ ساچاهہ جي صاحب،
**بابي سائين مرحوم (حاجي غلام حسين)**
جي نالي منسوب ڪريان ٿو
جنهن 22 ذوالحج ١٣٨٨هہ (مطابق 11-مارچ 1969ع) تي
**اسان** کي فراق جو ڦوڙائو ڏيئي، هن فاني جهان مان **لاڏاڻو** ڪيو.
**پنهي جهانن** جي سردار جي صدقي، شال مولي پاڪ ڪين مرهي.

”جوڳي پنهنجي جوءِ ويا، جهڙ جيئن نيڻ جهمن.“

**غمزده**
**عبدالمجيد**

Gul Hayat Institute

# فهرست

پبلشر نوٽ ____ 7
ٻه اکر :پهريون ڇاپو ____ 9
ٻه اکر:ٻيو ڇاپو ____ 10
مهاڳ ____ 11
تعارف ____ 15
ابتدائيه ____ 17
سيوهڻ ____ 19

باب پهريون: سوانح حيات ____ 23
سوانح حيات ____ 24
نالو ۽ لقب ____ 24
نسب ____ 25
وطن ____ 28
ولادت ____ 31
ظاهري تعليم ____ 32
بيعت ____ 34
سيد جمال مجرد ۽ سندس طريقو: ____ 36
قلندري طريقو ____ 41
مستي ____ 44
منصور ۽ شهباز ____ 45
سهروردي سلسلو ____ 48
سيد جلال سرخ بخاري ____ 51
حضرت بابا فريد گنج شڪر ____ 52
سير و سياحت ۽ سيوهڻ ۾ اقامت ____ 54
حضرت بو علي قلندر ____ 57

Gul Hayat Institute

ملتان ۾ ڪڏهن آيا؟ ______ 57
سيوهڻ ۾ آمد ______ 58
سندن اچڻ وقت سنڌ جي سياسي حالت ______ 60
رشد ۽ هدايت ______ 66

**باب ٻيون: درگاه جون عمارتون ______ 71**
نوبت ۽ دمال ______ 78
ميلي جي دمال ______ 81
لعل سائينءَ جي ميندي ______ 82
يادگار ______ 83

**باب ٽيون: طالب ۽ مستفيض ٽيل ______ 87**
1_سيد علي سرمست: ______ 87
2_سيد علي سيوستاني: ______ 87
3_مخدوم علي سيوستاني: ______ 88
4_سيد عبدالوهاب: ______ 88
5_سيد عبدالله شاه علوي: ______ 88
6_سڪندر بودلو: ______ 88
7_سيد مير ڪلان: ______ 89
8_سيد پورا بادل شير: ______ 90
9_سيد صلاح الدين: ______ 91
10_شيخ مڪڻ: ______ 93
11_شاه گودڙئو: ______ 93
12_پير پٺو: ______ 94
13_لعل بڪر: ______ 96
14_لعل موسيٰ: ______ 96
15_مخدوم بلاول سمو: ______ 97
16_شاه عبداللطيف ڀٽائي: ______ 97
17_حضرت قادر بخش بيدل: ______ 98
18_بيڪس: ______ 100
19_سيد ناٿن شاه: ______ 100
20_نبن فقير: ______ 101
**باب چوٿون: شاعري ______ 107**

Gul Hayat Institute

# پبلشر نوٽ

ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو جي ذاتي دلچسپيءَ ڪري پوين چئن سالن کان ثقافت کاتو قلندر لعل شهباز جي عرس مبارڪ جي موقعي تي ملڪي سطح جي ڪانفرنس ڪرائيندو آيو آهي. هن کان اڳ ضلعي انتظاميہ کي ادبي ڪانفرنس وغيره لاءِ گرانٽ ڏني ويندي هئي، جيڪا ايامن کان ان سلسلي کي قائم رکندي پئي آئي. اهڙيءَ ريت پهريون ڀيرو قلندر لعل شهباز جي زندگي، فڪر ۽ فلسفي تي ڪتاب ڇپائڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو آهي. قلندر لعل شهباز جي تعليمات تي تحقيق ۽ ان جي ڦهلاءَ جي تمام گهڻي ضرورت آهي، ڇو تہ سندس تعليمات ۾ عالمي ڀائيپي ۽ انسان دوستيءَ جو درس ملي ٿو. هن دور ۾ جڏهن دهشتگردي، تشدد، انسان دشمني ۽ بدامني چوٽ چڙهي چڪي آهي ۽ نسل پرستي، فرقي واريت وڌ ويڙهيءَ وانگر ڦلهجي رهي آهي. اهڙين حالتن ۾ انسان دوست بزرگن جي پيغام کي ڦهلائڻ ۽ سمجهائڻ جي ضرورت تهائين وڌي وڃي ٿي. ثقافت کاتو حڪومت سنڌ ان ضرورت جي پورائيءَ لاءِ هر لحاظ کان ڪوششون ڪري رهيو آهي.

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب "تذڪره شهباز" سنڌ جي ناميار محقق عالم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو لکيل آهي، جيڪو قلندر شهباز جي حياتي، قلندري طريقي ۽ ان طريقي جي ٻين بزرگن سان وابستہ تذڪري تي ٻڌل آهي. اهڙي طرح ڊاڪٽر صاحب جن سيوهڻ جو احوال ۽ ان دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو نقشو بہ هن ڪتاب ۾ چٽيو آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ انهن

حالتن ۾ ڪيئن حضرت شهباز قلندر ماڻهن ۾ پيائيپي، امن ۽ آشتيءَ لاءِ پنهنجي فڪر ۽ عرفان کي ڦهلايو.

محترمہ سسئي پليجو صاحبہ پنهنجي وزارت جي شروعات کان ئي گهڻي دلچسپيءَ سان ڪتابن جي اشاعت ۾ رهنمائي ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ اسان 142 ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪري نہ صرف سنڌي ادب جي خزاني ۾ واڌارو ڪيو پر ڪاتي جي چاليهن سالن جو رڪارڊ صرف ٽيئن سالن ۾ پورو ڪيو. انهيءَ شاندار ڪارڪردگيءَ تي محترمہ سسئي پليجو صاحبہ جَسُ لهڻي. ايڊيشنل سيڪريٽري سيد اشفاق حسين موسويءَ ۽ ڊائريڪٽر جنرل ڪلچر رفيق احمد ٻرڙو بہ اشاعتي سلسلي ۾ پنهنجي ڪوشش جو حصو ونديو ۽ لعل شهباز جي ڇپجندڙ ڪتابن بابت مختلف مرحلن تي اسان جي مدد ڪئي، جنهن لاءِ اُهي جس لهڻ.

عبدالعزيز عقيلي

سيڪريٽري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

18 جون 2012ع

Gul Hayat Institute

# ٻه اکر :ٻيهريون ڇاپو

سنڌي ادبي اڪيڊمي جي اشاعتي سلسلي جي هيءَ ٽين ڪڙي آهي، جا سنڌي ادب جي سڄڻن جي خدمت ۾ پيش ڪريان رهيا آهيون. باوجود محدود وسائل جي اسان جي ڪوشش آهي تہ اڪيڊمي هڪ اعليٰ درجي جو علمي ۽ ادبي ادارو ٿئي. اميد تہ سنڌي ادب جا گهڻگهرا هن ڏس ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيندا.

اڪيڊميءَ جو ٻيو ڪتاب "ماڻڪ موتي لعل" تمام مقبول ٿيو آهي. سنڌ ۽ هند جي برک اديبن هن ڪتاب کي ساراهيو آهي ۽ شاگردن لاءِ بہ درسي ڪتاب طور منظور ٿيو آهي، جنهن لاءِ سيد عطا حسين شاهہ صاحب موسوي ۽ جناب سيد عبدالحسين شاهہ موسوي جا ٿورائتا آهيون. هن ڪتاب لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ نهايت محنت ۽ تحقيقي جفاڪشيءَ سان لکيو ويو آهي. هر ڳالهہ کي تاريخي تارازيءَ ۾ توريو ويو آهي ۽ هر روايت کي درايت جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويو آهي. شهباز ميموريل ڪاميٽي سيوهڻ جا شڪرگذار آهيون، جن ڪجهہ ڪاپيون خريد ڪري، اسان جي همت افزائي ڪئي آهي. اميد تہ سنڌ جي شهنشاهہ شهباز سائينءَ جي هيءَ سوانح حيات نهايت مقبوليت حاصل ڪندي.

Gul Hayat Institute

پلئہ پايو سچ، آچيندي لڄ مران!

سيد خادم حسين شاهہ
ڊائريڪٽر
سنڌي ادبي اڪيڊمي

بندر روڊ، لاڙڪاڻو
6- ڊسمبر 1964ع

# ٻيو ڇاپو

هن ڪتاب کي عالمن ۽ مؤرخن طرفان ساراهيو ويو ۽ عوام ۾ ان کي مقبوليت حاصل ٿي. رئيس ضياءالدين مرحوم ته وڏي قدرداني ڪئي، انهيءَ ڪري پهرين ڇاپي جون سموريون ڪاپيون جلد ئي خلاص ٿي ويون. ڪجهه وقت کان ڪتاب جي بار بار تقاضا ٿي رهي هئي. حضرت قلندر شهباز جا معتقد ۽ سنڌ جي تاريخ جا شيدائي ڪتاب جي ٻي اشاعت لاءِ زور ڀري رهيا هئا. انهيءَ ڪري هن ٻي ايڊيشن کي اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ جو انتظام ڪيو ويو آهي.

هن ٻي ايڊيشن ۾ مصنف تمام گهڻا واڌارا ڪيا آهن ۽ ڪيترين ڳالهين بابت نئين معلومات ڏني آهي. ڪي سڌارا به ڪيا اٿس ۽ هر ڳالهه کي تحقيق جي روشنيءَ ۾ پيش ڪيو اٿس. ترتيب کي ڪجهه قدر بدلايو اٿس ۽ ڪتاب کي جدا جدا بابن ۾ ورهايو اٿس. انهيءَ ڪري ڪتاب جي ضخامت وڌي وئي آهي. مطلب ته هيءَ ايڊيشن نئين زنگ ڍنگ سان پيش ڪيو پيو وڃي. اميد ته هيءَ ايڊيشن اڃا به وڌيڪ مقبوليت حاصل ڪندو.

سيد خادم حسين شاهه

بندر روڊ، لاڙڪاڻو

8_ جون 1969ع

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

جناب عبدالمجيد صاحب هن ڪتاب ۾ حضرت قلندر لعل شهباز سيوهاڻي بابت هن وقت تائين ڇاپرائي پڌري ڪيل مواد تي هڪ سرسري نظر وجهي سموريون ڪم واريون ڳالهيون سهيڙي هڪ هنڌ مختصر موزون ۽ مسلسل نموني ۾ پيش ڪيون آهن. جنهن محنت ۽ جفاڪشيءَ لاءِ هن بيشڪ ڪيرون لهڻيون. اسان جي قلندر جي قال ۽ حال تي احوال ۽ خيال اڃا ٿورڙائي ۽ ابتدائي حالت ۾ آهن. چونڊ ڪرڻ لاءِ ميدان موڪرو نه ٿيو آهي. تڏهن به جيڪي ڪجهه سامهون اچي چڪو آهي، ان بابت ڇنڊڇاڻ ڪري قابل مصنف ۽ مؤلف هڪ مبارڪ جي لائق ڪم ڪري ڏيکاريو آهي:

الله کرے زورِ قلم اور زیادہ

افسوس جو جيترو ٿي اڳوڻي سنڌ ۾ حضرت قلندر لعل شهباز جو درجو اتم ۽ تصوف وڏو آهي، ايترو ئي سنڌن پاڪ حياتي ۽ انوکي مسلڪ بابت علم ۽ ڄاڻ مختصر آهي. سنڌ اندر زياده زور يادگيري ڪرڻ، ڳائڻ ۽ ڳالهين ڪڻڻ تي هوندو هو جنهن جو هڪ قوي سبب مهراڻ جي متواتر موجن ۽ ٻوڏن سبب سانگن ۽ لڏپلاڻ جي زندگي هئي، تنهن ڪري ئي لکيل تواريخ گهٽ ٿي ملي. ياد ڪيل روايتن ۾ وري من گهڙت جزي جو رولو آهي. انهن تڪليفن هوندي به هن ڪتاب ۾ اختلافي ڳالهين کي سميٽي سموهي تحقيق جي روشنيءَ ۾ آڻي رکيو ويو آهي. مرند يا مروند، وفات جي تاريخ بابت مختلف رايا، صحيح شجرو ۽ اسم مبارڪ، قلندري طريقو قلندر جي شاعري ۽ قلندر جي ڪرامتن بابت اختلاف وغيره سڀ معاملا ڪنا ڪري وڏيڪ ڪوجنا ڪرڻ لاءِ هڪ چڱو مال خزانو موجود ڪيو ويو آهي. جيتري قدر ٿي سگهيو آهي لائق مصنف ۽ مؤلف پنهنجي ذاتي جذبي ۽ عقيدي کي دخل ڏيڻ کان روڪي وڏيڪ ڇاهه خالص واقعات جي ڇنڊ ڪرڻ طرف رکيو آهي.

مروند تي مرند کي ترجيح ڏيڻ لاءِ اڃا ڪو خاطر خواهه دليل پيش نه ٿيو آهي. تاريخ جي صفحي تان ڪنهن شهر جي نالي نشان مٽجي وڃڻ

سبب ان ڪي علم جي آغوش مان ڪڍي ڦٽو ڪرڻ ايئن ٿيندو جيئن ديبل بندر جي پٽي نہ ملڻ يا اٽلانٽس جي عدم موجود تي وڃڻ سبب انهن ڪي دلين تان بہ ميٽي ميساري ڇڏڻ. ايئن مڃڻ تہ رڳو زبان جي ثقالت سبب يا زبان ڪي هلڪي يا ڳوري لڳڻ سبب ايئن ڪيو ويو سو صحيح نہ آهي يا چئبو تہ قلندر شهباز شاعر ٿي نہ هو. مطلب تہ هيءَ ڳالهہ اجا تحقيق طلب سمجهڻ گهرجي.

هيءَ ڳالهہ بہ اجا صاف ٿيڻ جوڳي آهي تہ حضرت قلندر شهباز سنڌ ۾ ڪهڙي طرف کان وارد ٿيو؟ لاهور ۽ ملتان جي طرف کان يا دلمن (جو موهن جي دڙي کان جدا خضدار ۽ گوادر جي وچ تي ڪاٽي بلوچستان ۾ آڳاٽو تهذيب جو مرڪز هو). هنگلاج ۽ لاهوت لامڪان جي پاسي کان ڪيچ مڪران وارن جو حضرت قلندر لعل شهباز سان جيڪو والهانہ عقيدو ڏسجڻ ۾ ٿو اچي، سو فقط لاهوت لامڪان واري هنڌ تي هڪ چلي ڪيڻ کان ڪو وڏو تعلق ظاهر ٿو ڪري.

اهڙي طرح اسلامي تصوف ۾ قلندري طريقي جي مقام ۾ قلندري طريقي ۾ شهبازي قلندري جنس جي جاءِ ۾ شهبازي قلندري مسلڪ ۾ مستي جو مفهوم وغيره بہ اجا بحث طلب نڪتا چاتا وڃن تہ بهتر ٿيندو. جيستائين انهن سيني پاسن تي پوري روشني نہ پوندي تيستائين جناب حضرت قلندر لعل شهباز جو مخصوص فلسفو عمل ۽ عقيدو ڀلي پانت پڌرا نہ ٿيندو. مون اڳيئي ”قرب قلندر“ ۾ عرض ڪيو آهي تہ قلندري طريقي بابت گهڻي غلط فهمي پيدا ٿيل آهي، جنهن ڪي دور ڪرڻ جي ضرورت آهي. هي شهبازي قلندري مذمتي طريقي کان بہ الڳ آهي ۽ مجذوبيت يا استغراق بہ نہ آهي. تلهي فقيري بہ نہ آهي ۽ هن ۾ ينگ واري بيخودي بہ نہ آهي. هن ۾ اصحاب ڪهف واري ڪنج عافيت بہ ڪانهي.

*موضوع بحث یوں بھی ہمارا سکوت تھا،*
*رسوا اب اضطراب ہوا ہے ہوا کرے۔*
(جعفر منصور)

هيءَ پيچ و تاب ڪرب و بلا ۽ اضطراب بہ نہ آهي. مستي جيڪڏهن ”پاڻ“ خودي يا ان کان آجو ڪري، الڳ بيهاري تہ بجا آهي، پر اها ”دنيا جي ڪمن ڪارين کان بہ غافل“ ڪري تہ پوءِ تہ اهو وري وڃي

استغراق جي اجهاڳ ۾ پوڻ ٿيو. اها قلندري شهباز جي پرواز واري مستي نہ چئبي، ڇاڪاڻ تہ ان مستي جو سمورو رازئي عمل صالح ۾ سمايل آهي:

بارها از فعل بد نادم شدی
بر سر راهِ ندامت آمدی
(مولانا روم)

شهبازي قلندري مستي جو تاجي پيتو سالم هوش ۽ صالح عمل آهن ۽ عمل بہ اهو جنهن کي ناڪامي سان روشناسي نہ ٿي ٿئي. شريعت جي ڪشتي ۾ چڙهڻ وارا ۽ طريقت جي سڙهہ کي سئين ڪرڻ وارا بي عمل زندگي ڪيئن گذاري سگهندا!!

گر تجلی دوست خواہی بر دوام
خواب غفلت بر تن-خود کن حرام.

تنهن ڪري "خودرا سهو کن" ۽ "ترک مناهي لهو گن" ۽ پوءِ "در عشق خودرا محو کن" وارو نسخو ڪو راجائي ٿو ڏسجي ۽ نہ شهبازي قلندري، يعني حافظ سيد عثمان مروندي سيوهاڻي جو قول. جناب عبدالمجيد صاحب ڪيرون لهٽيون جو هن ڪير ۽ پاٽي کي ڏار ڪري ڏيکاريو آهي.

مطلب تہ اسان جيترو هن طريقي تي غور ڪنداسون اوترو ئي اهو اسان کي عجيب غريب انوکو ۽ بي مثال نظر ايندو. مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو قول تہ قلندري طريقي جو وڏو گُر هن دنيا کي ترڪ ڪرڻ آهي، سو منهنجي ناچيز راءِ ۾ رڳو انهيءَ اوائلي قلندري طريقي لاءِ چيل ٿو ڏسجي، جنهن جي مدنظر خود اسان جي قلندر بادشاهہ کي لک کن قلندرن واري دنيا مان هلي وڃڻ جو ارشاد ٿيو هو. ايترا قلندر تہ اهي ٿي سگهن ٿا جن بابت "نفحات الانس" ۾ مولانا جامي لکڻ فرمايو آهي تہ: "قلندر صوفين جو اهو طريقو آهي، جيڪو قلب جي نيت تي قانع آهي ۽ وڏيڪ احوال جي طلب نہ ٿو ڪري". ملامتي طريقي کان بہ انهن قلندرن کي هيئن پنتي هٽايو اٿس تہ هو رڳو ڳجهي طرح بہ نوافل، فضائل ۽ فرائض جي ريت نہ ٿا رکن. چئبو تہ ان وقت جا قلندر حشويه طبقي کان رڳو هڪ وک پري هئا. جنهن طبقي بابت جامي سڳورو صاف سلي ٿو تہ اسلام جي دائري کان ٻاهر نڪتل هئا. تارڪ الدنيا فرقي کي مرائيہ سڏيو ويو آهي.

مگر هن اسان جي پلاري بزرگ جي قلندري بلڪل نرالي شان رنگ ۽ ڍنگ جي هئي. تڏهن ته سموري اڳوڻي سنڌ (جنهن ۾ ڪيچ، مڪران، ڪابل، تنڌار ۽ ملتان وغيره به اچي ٿي ويا) جي ماڻهن جي دلين تي هن قلندري طريقي جو رنگ چڙهيل آهي ۽ ڪيف طاري آهي.

اهل دل ۽ ڪشف القبور وارا مڃن ٿا ته اجا سوڌو پنهنجي حقيقي مرشد غوث اعظم پيران پير دستگير جي قائم دائم اثر هيٺ سنڌن دلين تي بادشاهي قلندر لعل شهباز جي هلي ٿي اچي. انهن ٻن پلارن کان پوءِ ٽيون نمبر اثر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو مڃيو وڃي ٿو. حضرت خواجه عبيدالله احرار وانگر اسان جي قلندر جي "نظر بر قدم و هوش در دم" بخوبي نظر اچي ٿو ۽ مولانا جامي جيڪو شعر خواجه صاحب لاءِ موزون ڪيو آهي، سو اسان جي قلندر سان به ٺهڪي اچي ٿو:

چو فقر اندر قبائے شاہی آمد
به تدبیر عبیداللہی آمد.

هنن بزرگن هيءَ حديث سڳوري هميشه آڏو رکي ته!
الفقر سواد الوجه في الدارين.

"سرالاسرار" ۾ فقيرن جا رڳا ٽي رنگ ڏنا ويا آهن، مگر هن شهبازي قلندري کي چوٿون رنگ شمار ڪجي يعني ڳاڙهو. هن مان ئي ميان يار محمد ڪلهوڙي ڏنڊي جي زور تي بادشاهيءَ جو جاهه ۽ جلال حاصل ڪيو. جنهن تي وري "ميانوالي" طريقي جو نالو پئجي ويو. هڪ مسلمان دين ۽ دنيا، هن جهان ۽ آخرت ٻنهي لاءِ سرخ روئيءَ جو طالب ٿئي ٿو ۽ قلندري شهبازي طريقي واري لالاڻ پڻ اهو اهڃاڻ ۽ اشارو ٿي ڏئي.

اميد آهي ته هن نموني تي ٻيا اهل قلم به ڪوشش ڪري لعل شهباز جي موضوع تي تحقيقي ڪتاب لکندا. قلندر شهباز ميموريل ڪاميٽي انهيءَ مهم کي جاري رکڻ لاءِ وجود ۾ آيل آهي ۽ ان ڏس ۾ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

**ضياءُالدين ايس بلبل**
صدر انجمن آفتاب ادب، دادو
نائب صدر جمعيت الشعرا سنڌ
چيئرمين ادبي ڪاميٽي قلندر
شهباز ميموريل ڪاميٽي سيوهڻ

جڳت آباد – دادو
مؤرخه 6 – ڊسمبر 1964ع

# تعارف

مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي جو عزيزي عبدالمجيد ميمڻ حضرت قلندر شهباز جي سوانح حيات تي پنهنجو تحقيقي ڪتاب مونکي پڙهڻ لاءِ ڏنو آهي. عبدالمجيد صاحب کي سندس تحقيقي ڪاوشن تي مبارڪ ڏيان ٿو ۽ اميد ڪريان ٿو ته اڳتي به اهڙي نموني سنڌي ادب ۽ سنڌ جي تاريخ جا گهڙا پرپندو رهندو. اجوڪن نوجوانن مان ميمڻ صاحب بيشڪ ڪيرون لهڻيون، ڇاڪاڻ جو هو تحقيق جي ميدان ۾ نهايت محنت ڪري ٿو ۽ هر ڳالهه جي تهه تائين وڃي ٿو. سندس ڪتاب "ڪريم جو ڪلام" وانگر هي ڪتاب به هڪ ڪامياب تحقيق آهي. هر پهلوءَ تي مڪمل تحقيق ڪري هر ڳالهه کي چنڊي ڇاڻي مڪمل طرح واضح ڪيو اٿس. ٻين ڳالهين سان گڏ حضرت شهباز جي وطن تي ڪيل سندس تحقيق به قابل تعريف آهي. مان به پوريءَ تحقيق ڪان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته "مروند" جي نالي سان ڪو به شهر ڪنهن به زماني ۾ موجود نه رهيو آهي. منهنجي قديم نقشن جي ڪئٽالاگ ۾ فقط "مرند" (Marand) جو شهر ئي ايران ۾ صاف ملي ٿو. حضرت قلندر شهباز مرند مان نڪري، قديم تهذيب جي مرڪز "دلمن" (جو پڻ ايران جي اتر ۾ هو) مان ٿيندو سنڌ ۾ آيو هو. انهيءَ ڪري "مروند" جي بدران "مرند" پڙهيو وڃي. "مرند" واپار جو وڏو مرڪز هو. هتي وينس ۽ جنيوا جا واپاري مال خريد ڪرڻ ايندا هئا.

ڪنگس هل، سکر

مير رحميداد خان مولائي شيدائي

# ابتدائيه

مونکي نهايت خوشي آهي جو آءٌ سنڌ جي اوليائن جي سرتاج حضرت سيد محمد عثمان قلندر شهباز جي سوانح پاڪ پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. اصل ۾ ملتان مان شايع ٿيندڙ ماهنامہ آستانہ ذڪريا سنڌيءَ لاءِ هن موضوع تي مقالو لکيو هيم. جنهن کي ڇهن سالن جي تحقيق ۽ جستجو کان پوءِ سڌاري ۽ وڌائي پيش ڪري رهيو آهيان. ان وچ ۾ مونکي ٻہ ايڏائي سال سيوهڻ شريف ۾ رهڻ جي سعادت بہ حاصل ٿي، جنهن ڪري تحقيق جو چڱو موقعو مليو.

حضرت شهباز بابت احوال ڪيترين ئي تاريخن ۽ تذڪرن ۾ آيو آهي ۽ ٻہ ٽي ڪتاب بہ لکيا ويا آهن، پر ان هوندي بہ ڪو تحقيقي ڪم ڪو نہ ٿيو آهي. هن ڪتاب لکڻ وقت ان سموري ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد کي نظر ۾ رکيو ويو آهي ۽ تاريخ ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾ هر ڳالهہ کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان هوندي بہ جيڪڏهن ڪا ڪمي پيشي نظر اچي تہ مهرباني ڪري اطلاع ڏيندا تہ ٻي ڇاپي ۾ ان جو تدارڪ ڪيو ويندو.

آخر ۾ آءٌ محترم مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، محترم مير رحيم داد خان مولائي شيدائي، محترم مير حسان الحيدري (ماهنامہ آستانہ ذڪريا ملتان جو اڳيون ايڊيٽر)، محترم محبوب علي چنا ۽ محترم سيد خادم حسين شاهہ جو شڪريو بجا آڻڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان، جن هن سلسلي ۾ مفيد مشورا ڏنا.

نياز ڪيش
ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

سکر، سنڌ
11-02-1964

# سيوهڻ

تاريخن ۾ هن شهر جا جدا جدا نالا آهن. يوناني تاريخدانن هن کي "سندِ يمانا" سڏيو آهي. ڪننگهام "هندستان جي قديم جاگرافي" ۾ چيو آهي تہ: "سندِ يمانا شهر وٽ جابلو قومن جي بادشاهہ سامبوس، سڪندر جي سامهون هٿيار ڦٽا ڪيا. مسٽر جي. ڊبليو سمٿ هن سامبوس کي گزيٽيئر ۾ "شايد سمو" ڄاڻايو آهي. بلاذري، ادريسي ۽ ابن حوقل هن کي "سدو سان" سڏيو آهي. ان کان سواءِ سيوستان، شروسان ۽ سدوستان بہ نالا آيل آهن. تحفتہ الڪرام ۾ آيو آهي تہ هن کي سيوهڻ ۽ سهوڻ سڏيندا آهن. پنجين ولايت ۾ آهي ۽ سهوران جي نالي پٺيان سڏجي ٿو. "ڪاڪي پيرو مل" سنڌ جي هندن جي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ هي شهر راجا اشيز جي پٽ شبيءَ آباد ڪيو جنهن ڪري شبستان يا سوستان سڏجڻ ۾ آيو. سندس خيال آهي تہ اهو راجا رامائڻ جي وقت جو هو. دوار ڪا پرساد شرما، "سنڌ جو پراچين اتهاس" ۾ ڏيکاريو آهي تہ سڪندر مقدونيءَ جي ڪاهہ کان پوءِ سبيءَ جي شوي ڪترين سيوهڻ آباد ڪيو. حقيقت ۾ اهو غلط آهي، ڇاڪاڻ جو سيوهڻ سڪندر جي ڪاهہ کان اڳ موجود هو. ڪن جو خيال آهي تہ سيوهڻ جو قلعو سڪندر تعمير ڪرايو پر قلعو بہ اڳ ۾ ئي موجود هو.

رگ ويد ۾ آيو آهي تہ قديم آريا پنهنجن مکيہ خاندانن ۾ ورهايل هئا، پروُ آنوُ درهيو بدوُ ۽ ترسوُ. "آنوُ" آرين مان ڪي پنهنجي ويجهي ڏاڏي "شوي" جي نالي پٺيان "شوي آريہ" سڏبا هئا. انهن پنجاب ۾ "شور ڪوٽ"، بلوچستان ۾ "سبي"، ايران ۾ "سبستان يا سيستان" ۽ هي "سيوهڻ" آباد ڪيا. سيوهڻ پهريائين سندن نالي پٺيان "شوستان" ڪوٺجڻ ۾ آيو. جنهن جو اچار پوءِ بگڙجي "سيوستان" ۽ "سهوان" ٿيو ۽

Gul Hayat Institute

هاڻي سيوهڻ سڏجي ٿو. مشهور سياح ابن بطوطہ پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي:

”سنڌ ۾ سيوستان نالي شهر آهي، جو اصل ۾ ”شواستان“ هو يعني شو جو استان. پر ماڻهن جي زبان تي ”سيوستان“ مشهور ٿي ويو“.

چچنامي ۾ آيو آهي تہ سيوستان جي پسگردائيءَ ۾ سيوس نالي قوم رهندي هئي. ”سيوس“ بہ ”شوي“ جي ئي بگڙيل بناوت معلوم ٿئي ٿي.

حقيقت ۾ سيوهڻ، ان نالي پوڻ کان اڳ موجود هو. شوي قوم فقط هن کي وڌايو. ويجهايو ۽ اهو نالو رکيو هوندو. هي ايترو قديم آهي جو سنڌ ۾ جيڪي بہ قديم شهر آباد آهن، انهن ۾ هي سڀني کان آڳاٽو آهي. جن ماڻهن جون کوپريون موهن جي دڙي مان لڌيون ويون آهن، اهڙن ئي ماڻهن جون کوپريون سيوهڻ جي پريان شاهہ بلاول واريءَ واٽ مان بہ لڌيون ويون آهن. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سيوهڻ تمام قديم زماني کان آباد هو. قديم زماني کان پوءِ ”نئين حجري زماني“ جا نشان بہ سيوهڻ جي پرسان لڌا ويا آهن. سر جان مارشل ”موهن جو دڙو ۽ سنڌو سڀيتا“ (ج 1، ص 96) ۾ لکيو آهي: تہ ”نئين پٿر واري زماني جا نشان سنڌ ۾ لکيءَ جي جبلن جي قطار ۽ روهڙيءَ وارين ٽڪرين ۾ بہ اڪيچار آهن“. ان مان ثابت ٿيو تہ سيوهڻ قديم زماني کان آباد ٿيندو آيو آهي. اهڙو ڪو بہ ثبوت نٿو ملي تہ سيوهڻ ڪنهن زماني ۾ ڪنڊرن جي صورت ۾ رهيو.

سيوهڻ نہ فقط هڪ قديم شهر آهي پر قديم زماني ۾ هن کي وڏي اهميت رهي آهي. هي هڪ وڏو علائقو هو جنهن جي گاديءَ جو هنڌ سيوهڻ هو. ڪن مؤرخن لکيو آهي تہ هن علائقي کي سيوستان چيو ويندو هو ۽ قلعي ۽ شهر کي ”سيوهڻ“ سڏيو ويندو هو. چچ نامہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هندن جي زماني ۾ بہ سيوستان سنڌ جي پنجن علائقن مان هڪ هو جنهن جي حدن ۾ بڏيہ، جنگان، رونجهاڻ، ڪوهہ پايہ ويندي مڪران جي حد تائين حد هئي. هن کي خاص اهميت انهيءَ ڪري رهي آهي جو سنڌ تي جڏهن اتر يا الهندي کان ڪاهہ ٿيندي هئي تہ سيوهڻ سنڌ جي بچاءَ لاءِ هڪ دروازي جو ڪم ڏيندو هو. محمد بن قاسم ديبل فتح ڪرڻ کان پوءِ سيوهڻ طرف توجهہ ڏنو. تاريخ فرشتہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ تاتارين، جن 697هہ ۾ دهليءَ جي حاڪم غياث الدين جي زماني ۾ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي، تن

پهريائين سيوهڻ تي حملو ڪيو هو. جلال الدين خوارزم شاهہ جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو تہ هن پهريائين سيوهڻ قبضي ۾ ڪيو. مغل بادشاهہ اڪبر جو سپهہ سالار عبدالرحيم خانخانان جڏهن سنڌ تي ڪاهي آيو، تڏهن بہ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ هن پهريائين سيوهڻ تي ڪاهہ ڪئي. سيوهڻ فتح ڪرڻ کان پوءِ وڃي ٺٽو فتح ڪيائين ۽ مرزا جاني بيگ کي شڪست ڏنائين. ان کان اڳ ۾ جڏهن شاهہ بيگ ارغون سن 926هہ ۾ ڄام نندي جي پٽ ڄام فيروز کان سنڌ تي کسي، تڏهن بہ پهرين ۽ پوئين لڙائي سيوهڻ جي ميدان تي لڙي وئي. شير شاهہ کان شڪست کائي جڏهن همايون سنڌ ۾ آيو تڏهن سيوهڻ هٿ ڪرڻ جي وڏي ڪوشش ڪيائين، پر شاهہ حسن ارغون جي امير مرزا عليڪ جي مقابلي ۾ ڪامياب تي ڪو نہ سگهيو. يار محمد ڪلهوڙي جڏهن خدا آباد دادوءَ واري کي گادي بڻايو تڏهن سيوهڻ جي اهميت گهٽجڻ شروع ٿي. انگريزن جي زماني ۾ تہ وڃي هڪ بستيءَ جي صورت ۾ بچيو. سيوهڻ هينئر حضرت قلندر شهباز جي ذات اقدس جي ڪري زندهہ آهي ۽ زندهہ رهندو.

حضرت قلندر شهباز جي ذات کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترا عالم، فاضل ۽ اولياءَ هن سرزمين ۾ پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن گذاري ويا آهن.

Gul Hayat Institute

باب پهريون

# سوانح حيات

اهو خيال غلط آهي تہ حضرت قلندر شهباز جو فڪر ۽ عمل ڪن غير شرعي ڳالهين تي مبني هو. حضرت قلندر شهباز جي فڪر جو مفهوم مستيءَ ۾ سمايل آهي ۽ مستي ڪن غير شرعي ڳالهين جو نالو نہ آهي. مستي انهيءَ ڪيفيت جو نالو آهي، جو طالب دنيا وما فيها ۽ پاڻ کان لاتعلق هجي ۽ فقط ذات مطلق ۾ محو هجي. سچل سرمست مثنوي رهبر نامہ ۾ مستيءَ جي تشريح هن ريت ڪئي آهي:

مستیؔ آنست کہ از خود رهد
غافل از کارِ جهانی میشود.

(مستي اها آهي جو انسان پاڻ کان آزادي حاصل ڪري ۽ دنيوي ڪمن ڪارين کان بي خبر بڻجي وڃي).

مثنوي دردنامہ ۾ سچل سرمست فرمايو آهي:

یاران همہ بجذب و مستی
شد توبہ کنان ز خود پرستی.

(سيئي دوست جذب ۽ مستيءَ جي عالم ۾ خود پرستيءَ کان توبهہ ڪرڻ لڳا).

سچل سرمست مستيءَ کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي ٿو:

ایکہ جز مستی همہ ناقابلی ست
غافلی و غافلی و غافلی ست.

(اي دوست! مستيءَ کان سواءِ هر ڳالهہ بيوقوفي آهي ۽ بي خبري آهي، بي خبري آهي، بي خبري آهي).



Gul Hayat Institute

ان مان معلوم ٿيندو تہ "مستي" عشق الاهيءَ جي حد ڪمال جي نشاني آهي. مستيءَ جو مفهوم حضرت شهباز جي شعر مان بہ عيان آهي.

مستيءَ تي محترم رئيس ضياءُالدين بلبل بہ فلسفي جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو آهي، جنهن جو لب و لباب بہ اهو ئي آهي تہ مستي عشق جي انتهائي منزل آهي. حضرت مولانا اشرف علي ٿانويءَ بہ هڪ وعظ ۾ صاف ثابت ڪيو آهي تہ قلندري طريقو شريعت کان ٻاهر نہ آهي. هيءَ ڪيفيت قلندري طريقي جي ترجمان آهي. قلندري طريقي جو تعارف اندر ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ قلندري راهہ و رسم جو شرع سان ڪنهن بہ قسم جو ٽڪر ڪونهي. البت ايترو آهي تہ هي طريقو ظاهري عبادتن سان گڏ مستي، جوش جذبي، محويت ۽ استغراق تي گهڻو زور ڏئي ٿو. حضرت شهباز جي شعر مان بہ اهي ڳالهيون ظاهر آهن.

## سوانح حيات

حضرت قلندر شهباز جي سوانح پاڪ ڪنهن بہ تاريخ يا تذڪري ۾ مفصل ۽ جامع نہ ٿي ملي. نہ فقط ايترو پر ڪيترين ڳالهين ۾ تہ باوجود کوجنا ۽ جستجو جي اڃا تشنگي معلوم ٿئي ٿي. ان هوندي بہ وس آهر ڪيترين ئي تاريخن ۽ تذڪرن جي مطالعي کان پوءِ مواد اخذ ڪري ڪڙيون ملايون ويون آهن ۽ هر پهلوءَ کان روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## نالو ۽ لقب

عام طرح کين قلندر لعل شهباز سڏيو ويندو آهي. سندن اصلي نالو سيد عثمان آهي. ٻيا سمورا سندن لقب آهن، جي هن طرح بيان ڪيا ويا آهن: 1ـ لعل، 2ـ شهباز 3ـ قلندر 4ـ سيف لسان، 5ـ شمس الدين، 6ـ مهدي 7ـ مخدوم.

جيئن تہ پاڻ ڳاڙها ڪپڙا اوڙهيندا هئا، تنهن ڪري کين لعل سڏيندا هئا:[1] سندن دوست حضرت جلال بخاريءَ کي وري ڳاڙهن ڪپڙن پائڻ

[1] تذڪرت الانساب، ص 101، مرآت الڪونين ص 338، خزينت الاصفيا، ج 2، ص 46.

ڪري، "سرخ" لقب سان سڏيو ويندو هو. جيئن تہ پنهنجي مرشد وٽ پيِن سيني مريدن کان متي ۽ ولايت ۾ فائق هئا، تنهن ڪري ڪين مرشد کان "شهباز" جو قلب مليو.[1]

"قلندر" لقب انهيءَ ڪري پيِن جو مشرب قلندري اختيار ڪيو هئائون، جنهن جو تفصيل سان ذڪر اڳتي ايندو.

"سيف لسان" لقب انهيءَ ڪري پين، جو جيڪي چوندا هئا، اهو ٿي پوندو هو.[2] "مهدي" انهيءَ ڪري سڏيا ويا، جو ماڻهن کي گمان هو تہ آخر زماني جو مهدي موعود هي آهي. مشهور عالم ۽ محدث نواب سيد صديق حسن قنوجي ڀوپالي پنهنجي ڪتاب "حجج الڪرامت في آثار القيامت" ۾ لکيو آهي تہ: "حضرت قلندر شهباز ۾ ماڻهن مهدي هجڻ جو گمان ڪيو هو". سندس عبارت هن ريت آهي:[3]

> گویند جمعی کہ در حق آنھا گمان مھدیت رفتہ، دو گونہ اند. یکی اولیا و صلحائی امت، و دیگری امراء واھل حکومت. اول آنھا سید محمد نور بخش است و شیخ ادریس رومی وشاہ نعمت اللہ، ولی شہباز قلندر و اتباع او کہ قلندر نام دارند، مرد صالح بود.

شمس الدين لقب انهيءَ ڪري پين جو دين لاءِ سوجهرو هئا، يعني اسلام کي روشن ڪيائون.[4] پاڻ ظاهري علمن جا وڏا ڄاڻو هئا، تنهن ڪري ڪين مخدوم سڏيو ويو جيئن وڏن عالمن کي سڏيو ويندو آهي.

تذڪرت الانساب، معراج الولايات ۽ مرآت الڪونين ۾ آيو آهي تہ حضرت غوث بهاءالدين ملتانيءَ ڪين مريد ڪري "قلندر شهباز" لقب ڏنو. اهو صحيح نہ آهي. حضرت قلندر شهباز، حضرت غوث بهاءالدين ملتانيءَ جو مريد ڪو نہ هو پر ان جو دوست هو. مفصل بيان اڳتي ايندو.

Gul Hayat Institute

## نسب

سندن نسب جو سلسلو امام جعفر صادق تائين پهچي ٿو. ماثرالڪرام

---

[1] تذڪرت الانساب، ص 101.
[2] تاريخ سروري، بحواله قلندر نامہ سنڌي، ص 27، 28 ۽ 23.
[3] بحوالا قلندر نامہ سنڌي، ص 28.
[4] ايضن ـ ڪنهن سندن اچڻ جي تاريخ بہ "شمس الدين" جي ترجمي "نمود آفتاب دين" مان ڪڍي آهي.

جي صاحب سيد غلام علي آزاد بلگرامي ڏيکاريو آهي تہ سندن نسب شريف تيرهن واسطن سان امام جعفر صادق تائين پهچي ٿو. لب تاريخ سنڌ جي صاحب جيڪو شجرو ڏنو آهي، اهو بہ تيرهين پيڙهيءَ ۾ امام جعفر صادق سان وڃي ملي ٿو. تحفتہ الڪرام جي دستخطي نسخي تي جيڪو سندن شجرو ڏنل آهي، اهو بہ تيرهن واسطن سان امام عالي مقام تائين پهچي ٿو پر ڪيترن نالن جي هنڌان اڏوهي کائي وئي آهي. لب تاريخ سنڌ ۾ شجرو هن طرح آيل آهي:❶

"حضرت عثمان مروندي (ميمندي) عرف لعل شهباز بن، (2) سيد ڪبير بن (3) سيد شمس الدين بن (4) سيد نور شاهہ بن (5). سيد محمود شاهہ بن (6) سيد احمد شاهہ بن (7) سيد هادي بن (8) سيد مهدي بن (9) سيد منتخب بن (10) سيد غالب بن (11) سيد منصور بن (12) سيد اسماعيل بن (13) امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه."

قلندر نامہ سنڌي❷ نالي ڪان سواءِ هوبهو متين شجري جهڙو شجرو ڏنو آهي. يعني هن سيد منتخب بن سيد منصور ڏيکاريو آهي. "اهڙي طرح 12 پيڙهيون ڄاڻايون اٿس". "تذڪره صوفيائي سنڌ" اردو (ص 199) جي مرتب مولانا اعجاز الحق صاحب قدوسي لب تاريخ سنڌ جي قلمي نسخي تان شجرو نقل ڪيو آهي. ان ۾ هڪ ڪڙي اجا بہ وڌايل آهي، يعني "سيد اسماعيل بن امام محمد بن امام جعفر صادق ڏيکاريو ويو آهي". امام جعفر صادق کي ڇهہ فرزند هئا: موسيٰ ڪاظم، اسماعيل، علي، عمر، محمد، اسحاق ۽ حسن، يعني سيد محمد جو نالو بہ سندن فرزندن ۾ اچي ٿو پر حضرت قلندر شهباز لاءِ مشهور آهي تہ سيد اسماعيل جي اولاد هئا. سيد اسماعيل جي فرزند جو نالو بہ سيد محمد آيو آهي.

تحفتہ الڪرام سنڌي ترجمي (ص 249) ۾ سيد ڪبيرالدين بن سيد صدرالدين ڄاڻايل آهي. ممڪن آهي تہ مترجم يا ڇاپي جي غلطي هجي؛ ڇاڪاڻ جو حاشيءَ ۾ جيڪو مير قانع جو دستخطي شجرو ڏنل آهي، ان ۾ سيد ڪبير بن سيد شمس الدين ڏيکاريل آهي، پر سيد شمس الدين کان اڳتي هلي، متي ڏنل شجري کان مختلف ٿي وڃي ٿو يعني "سيد شمس الدين بن محمد يحيٰ بن سيد.....بن سيد محمد شاهہ بن سيد احمد شاهہ بن

---

❶لب تاريخ سنڌ، خداداد خان، ص 6.

❷قلندر نامہ سنڌي- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ص 5.

سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد غالب بن سيد منصور بن.....بن امام الجن والانس محمد جعفر الصادق عليهہ السلام جا ڄاڻايل آهي. خال وارا هنڌ ڪيڙي جا ڪاڏل آهن. بستان العارفين (سال 1909, ص 32) جي صاحب سيد مير حسين علي شاهہ جيڪو شجرو ڏنو آهي, اهو هوبهو قلندر نامہ سنڌي واري شجري جهڙو آهي, يعني 12 واسطن وارو. ڪن شجرن ۾ سيد ڪبير جي بدران سيد ابراهيم آيو آهي. ڪتب تعارف هنديءَ واري شجري ۾ "ابراهيم ڪبير الدين" آيل آهي. قلندر نامہ سنڌيءَ (ص 6) جي مصنف جو رايو آهي تہ: "اهو انهيءَ ڪري آهي جو ڪبيرالدين سندن لقب ۽ ابراهيم سندن نالو مبارڪ هو". قلندر نامہ جي مصنف وڌيڪ لکيو آهي تہ: "سندن والد ڪي سيد ابراهيم جوابي بہ ڪري چوندا هئا. ڪين جوابي ٻن سببن ڪري چوندا هئا. هڪ تہ جواب پارسيءَ ۾ چئبو آهي واهہ ڪي ۽ سيد ڪبير مرند ۾ هڪ وڏي واهہ تي گذاريندو هو انهيءَ لاءِ تہ عبادت لاءِ وضوءَ ۽ غسل ۾ سهولت ٿئي. ٻيو انهيءَ ڪري تہ سائلن ۽ طالبن ڪي سندن سوالن جو جواب پورو ڏيندا هئا. هڪ ٻي روايت آهي تہ سيد ڪبير گهڻو ڪري سير و سفر ۾ گذاريندو هو. جڏهن ڪربلا معليٰ ۾ امام حسين جي زيارت ڪرڻ ويو تہ ڪيس سلام جو جواب عنايت ٿيو ۽ ان ڪان سواءِ ڪيس ڪربلا جي شهيدن جي مدفون ٿيڻ وارين جاين جو علم بہ عطا ٿيو. انهيءَ ڪري متس جوابي لقب پيو.

تاريخ اولياءِ گجرات جو شجرو تہ تمام مختلف آهي. پيٽا لاءِ هن ڪي هيٺ ڏجي ٿو:

"سيد عثمان بن سيد حسن بن سيد محمود بن سيد صدرالدين بن سيد شهاب الدين بن نصيرالدين بن شمس الدين بن صلاح الدين بن اسلام الدين بن مومن شاهہ بن خالو شاهہ بن محب الدين بن محمد سبزواري بن عبدالمجيد ثاني بن محمد بن اسماعيل اعرج اڪبر بن امام جعفر صادق رضي الله عنه"❶

خرينتہ الاصفياءَ وارو شجرو بہ مختلف آهي, جو هن طرح آهي. "سيد عثمان بن حسن ڪبير الدين بن شمس الدين بن سيد صلاح الدين بن سيد شاهہ بن سيد خالد الدين بن سيد محب بن سيد مشتاق بن سيد نورالدين بن سيد اسماعيل بن امام جعفر صادق رضي الله عنه".❷

---

❶ بحوالا الشهباز جليل سيوهاڻي.

❷ خزينتہ الاصفياءَ ج 2 ص 43.

قلندر نامہ، لب تاريخ سنڌ ۽ تاريخ ڪنزالانساب وارن شجرن ۾ سيد محمد شاهہ، سيد نور شاهہ جو والد ڏيکاريل آهي پر ڪتاب تعارف هندي ۽ تحفتہ الڪرام وارن شجرن ۾ ڏاڏو ڄاڻايل آهي. ڪتاب تعارف هنديءَ واري شجري ۾ سيد نور شاهہ جي والد جو نالو سيد مشتاق آيل آهي.

ڪن شجرن ۾ سيد منتخب جي جاءِ تي سيد محب آهي. ڪتاب تعارف هنديءَ واري شجري ۾ لب تاريخ سنڌ جي شجري وانگر سيد مهديءَ جي ڏاڏي جو نالو سيد غالب ۽ پڙڏاڏي جو نالو سيد منصور ڏيکاريل آهي، پر سيد مهديءَ جي والد جو نالو سيد منظر ڏيکاريل آهي. ڪنزالانساب ۾ سيد مهديءَ جي والد جو نالو سيد محمد ڏيکاريل آهي. قلندر نامہ سنڌيءَ (ص 2) جي صاحب جو رايو آهي تہ: "جيئن تہ گهڻن نسخن ۾ سيد منتخب آهي، تنهن ڪري اهو صحيح آهي". "الشهباز" واري جليل سيوهاڻي، سيد منتخب تائين لب تاريخ سنڌ جي شجري جهڙو شجرو ڏنو آهي، باقي شجرو تاريخ اوليائي گجرات تان ڏنو آهي. ڪتاب تعارف هنديءَ ۾ سيد منصور بن سماعيل جي بدران سيد منصور بن سيد نورالدين بن سيد اسماعيل بن امام جعفر صادق ڏيکاريل آهي. تاريخ ڪنزالانساب واري سيد مهديءَ کان پوءِ شجرو هن طرح ڏنو آهي:

"سيد مهدي بن سيد محمد بن سيد احمد سيد مهدي بن سيد منتخب بالله بن سيد غالب الدين بن سيد عبدالمجيد بن سيد محمد عريضي بن سيد اسماعيل اعرج اڪبر بن امام جعفر صادق رضي الله عنه".

حضرت قلندر شهباز جي والد بزرگوار جي ولادت جمادي الثاني 501هہ ۾ تي ۽ 590هہ ۾ وفات ڪيائون. سندن حرم محترمہ يعني حضرت قلندر شهباز جي والده سندس حياتيءَ ۾ ڪجهہ سال اڳ وفات ڪئي. قلندر نامہ سنڌي (ص 5) جي صاحب ۽ بستان العارفين (33) جي صاحب لکيو آهي تہ حضرت سيد ابراهيم جوابيءَ جو روضو مرند ۾ آهي. الشهباز (ص 28) جي صاحب لکيو آهي تہ: "سندن مزار امام حسين جي روضي اطهر ۾ آهي".

## وطن

سندن وطن بابت مختلف روايتون آهن. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ قلندر نامہ سنڌيءَ (ص 5) ۾ لکيو آهي تہ: "سندن اصل وطن مروند هو جو

آذربائيجان ۾ تبريز ڏانهن اقليم پنجينءَ ۾ آهي“. لب تاريخ سنڌ (ص 6) جي صاحب ڄاڻايو آهي تہ: ”سنڌن اصل وطن ميمند هو جو افغانستان جي هرات پرڳڻي جي قريب آهي“. ماثرالڪرام جو صاحب ”تذڪره مشائخ سنڌ“ جي حوالي سان لکيو آهي تہ ”سنڌن وطن مروند (ميم تي زبر ري خالي، نون تي جزم ۽ دال خالي) هو جو تبريز جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي“. شيخ اڪرام بہ ”آب ڪوثر“ ۾ ”مرند“ ڄاڻايو آهي. الوحيد جي سنڌ آزاد نمبر ۾ بہ ايئن ئي ڄاڻايو ويو آهي تہ ”آذربائيجان (آرمينا) جي هڪ ڳوٺ ”مرند“ ۾ توليد ٿيا“. محترم محبوب علي صاحب چنا بہ مرند ثابت ڪيو آهي. ”مروند“ جي نالي سان ڪو بہ شهر اسان کي تاريخن، قديم جاگرافين ۽ سفرنامن ۾ ڪو نہ ٿو ملي. البت ”مرءِ“ جو شهر ملي ٿو. جيڪو هرات کان اتر ۾ ڪشڪ نالي شهر، جتي روس ۽ افغانستان جون حدون اچي ملن ٿيون، کان بہ 160 ميل اتر ۾ خشڪ جابلو ملڪ ۽ بيابان جي وچ ۾ هڪ وڻندڙ خيابان آهي. هي شهر خراسان جو قديم گاديءَ جو هنڌ هو. نہ فقط ايترو پر هي شهر ايترو قديم آهي جو هتي سڪندر جي وقت جا آثار بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هي شهر وڏو عاليشان شهر هو ۽ علم، عرفان ۽ آسودگيءَ جو مرڪز هو. اصطخريءَ، ابن حوقل ۽ مقدسيءَ سندس بيان مفصل ڏنو آهي ۽ کيس هڪ عاليشان شهر ڏيکاريو آهي. سلجوقين جي ڏينهن ۾ هتي هڪ وڏو مدرسو هو جنهن کي يونيورسٽي چئي سگهجي ٿو. وچين زماني ۾ ”مرو“ کي ”مروالرود“ کان جدا ڪرڻ لاءِ ”مرو الشاجهان“ سڏيو ويندو هو. هينئر روس جي حدن ۾ آهي.

خراسان ۾ ”مرو“ کان سواءِ ”ميمنه“ شهر جو نالو بہ ملي ٿو. ڀهريائين هن جو نالو ”اليهودان“ يا ”اليهوديه“ هو ۽ ”جوز جان“ علائقي جي گاديءَ جو هنڌ هو. ياقوت هن جو نالو جهودان الڪبريٰ لکيو آهي. لکيو اٿس تہ هن ۾ ڀهريائين يهودي آباد هئا، جن کي بنو ڪندنذر بيت المقدس ڏانهن تڙي ڪڍيو. ان ڪانپوءِ شهر جو نالو ”ميمنہ“ يعني ”مبارڪ شهر“ رکيو. هي هڪ چڱو شهر هو. ياقوت حموي، ابن حوقل ۽ مستوفي هن شهر جو ذڪر ڪيو آهي. ان کان سواءِ زابلستان ۾ ”ميمند“ يا ميوند“ جو شهر بہ ملي ٿو پر ”مرو“، ”ميمنه“، ميمند“، يا ”ميوند“ مان ڪو بہ اهڙو نالو مناسب نظر ڪو نہ ٿو اچي جنهن مان ”مروند“ نهيو هجي. هڪ صاحب لکيو آهي تہ ”مرو“ جي ڀرسان هڪ ننڍڙو ڳوٺ ”ملوند“ نالي موجود آهي، پر تاريخن ۾

قديم جاگرافي جي ڪتابن ۾ ”ملوند“ نالي شهر جو ذڪر ڪو نہ ٿو ملي. تي سگهي ٿو تہ اهو ڳوٺ قديم زماني ۾ بہ موجود هجي ۽ اهو ئي ڳوٺ حضرت قلندر شهباز جو اصل وطن هجي. فقير بہ اڪثر ”ملوندي“ چوندا آهن، پر ان ڳالهہ کي قبول ڪرڻ لاءِ مشڪل هي آهي تہ هي شهر آذربائيجان ۾ نہ آهي ۽ هوڏانهن اڪثر تذڪرا متفق آهن تہ حضرت قلندر شهباز جو وطن، آذربائيجان ۾ هو. آذربائيجان ۾ صرف ”مرند“ شهر جو نالو ئي ملي ٿو.

ڪن صاحب جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن نقشي ۾ ”مروند“ شهر نظر نٿو اچي تہ ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ اهو شهر هو ئي ڪو نہ. ان لاءِ دليل اهو ٿا ڏين تہ ديبل بندر بہ تہ هينئر نقشي ۾ ڪونهي، ان جو جواب اهو آهي تہ مروند جو شهر نہ فقط نقشي ۾ ڪونهي پر ڪنهن قديم تاريخ ۾ بہ ان جو نشان نٿو ملي. ديبل ۽ ٻين اهڙن شهرن جن جو هينئر وجود ڪونهي، انهن جو تاريخن ۾ ذڪر موجود آهي.

”مروند“ جو شهر درياهہ خدي جي اوير ۾ درياهہ جي هڪ شاخ جي ڪناري تي آباد هو جيڪا ”خدي“ ۾ اچي ملي ٿي. هي شهر آذربائيجان جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ تبريز کان اتر اولهہ ۾ چاليهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. مقدسيءَ چوٿينءَ صديءَ هجري ۾ ان متعلق لکيو آهي تہ: ”ان ۾ هڪ ننڍو قلعو ۽ مسجد هئي. شهر جي ٻاهران واريءَ آباديءَ ۾ جيڪا باغن سان ڀريل هئي، هڪ بازار هئي“. ياقوت لکيو آهي تہ شهر کي ڪردن برباد ڪيو ۽ ان کي لٽڻ کان پوءِ هتي جي رهاڪن کي قيد ڪري پاڻ سان وٺي ويا. مستوفيءَ لکيو آهي تہ جنهن درياهہ تي مرند واقع هو ان جو نالو ”زولو“ يا ”زڪوير“ هو. بيان ڪيو وڃي ٿو تہ هي درياهہ ڇئن فرسخن تائين لڪل زمين جي اندر وهندو هو. مستوفيءَ لکيو آهي تہ ان جي زماني ۾ مرند جي اڳين وسعت گهٽجي اڌ تي وئي هئي، پر اجا تائين قرمز جي ڪينئن جي، جن مان ڳاڙهو رنگ تيار ٿيندو هو پرورش ڪئي ويندي هئي ۽ هن شهر جو اهو ڪم مشهور هو. شهر جي چوڌاري سٺ ڳوٺ هئا، جي ان سان شامل هئا.① مذڪوره حقيقتن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ

① اصطخري، ص 181، ابن حوقل ص 239، مقدسي، ص 377، تزويني ج 1، ص 180، ج 2، ص 354، ياقوت ج 1، ص 218 ج 2 ص 502، ج 3، ص 120، ج 4، ص 503 مستوفي، ص 156_159، 218، بحوالہ Lands of the is Eastern Caliphate از G.L Streng ص 66_ 167.

جيڪڏهن سندن اصل وطن "آذربائيجان" ۾ قبول ڪبو تہ پوءِ ان شهر جو صحيح نالو "مرند" آهي ۽ چئبو تہ "مرندي" مان "مروندي" ٿي ويو آهي پر جيڪڏهن ڪين "خراسان" جو سمجهيو ويندو تہ پوءِ چئبو تہ "مرو" جي پرسان واري ڳوٺ "ملوند" جا هئا. وڌيڪ الله کي علم آهي. عجب اهو جو خود حضرت شهباز ڏانهن منسوب اشعار ۾ بہ "مروندي" استعمال ٿيل آهي. سنڌ ۾ عام طرح مروندي ئي مشهور آهي. فقير ملوندي بہ چوندا آهن. حديقتہ اولياءَ ۾ سندن شان ۾ جيڪو قصيدو آيو آهي، ان جي پڇاڙيءَ ۾ واري بيت ۾ "مروندي" آيل آهي:❶

*دمبدم رحمتِ خداوندی-باد بر روح شاه مروندی*

حضرت قادر بخش بيدل بہ "مروندي" استعمال ڪيو آهي:

يا قلندر وير واهر تي وري،
مير مروندي رسي ڪر رهبري.

حضرت شهباز سائينءَ جي غزلن مان فقط ٽن غزلن ۾ مروندي آيو آهي. انهن مان ٻن لاءِ اختلاف آهي. ڪن جو چوڻ آهي تہ هڪ عثمان هارونيءَ جو آهي ۽ ٻيو شمس تبريز جو. حقيقت ۾ ايئن نہ آهي پر ساڳيءَ زمين ۾ ٻنهي بزرگن جدا جدا غزل چيا آهن. سندن شاعريءَ تي بحث جدا باب ۾ اڳتي ايندو.

لاهور واري تذڪره نويس مفتي غلام سرور پنهنجي تذڪره خزينتہ الاصوفيا ۾ لکيو آهي: "اصل وي نيز از سنده است"❷ يعني هو اصل سنڌ جو آهي. اها ڳالهہ حقيقت جي بلڪل ابتڙ آهي.

## ولادت

Gul Hayat Institute

سندن والد بزرگوار الاهي عبادت ۾ ايڏو تہ مشغول هوندو هو جو وڏيءَ عمر تائين شادي نہ ڪئي هئائين. لب تاريخ سنڌ جي روايت آهي تہ: آخر هڪ رات خواب ۾ سيد عثمان جي روح مبارڪ پنهنجي والد بزرگوار کي چيو بابا، مونکي ٻاهر آڻيو. سندن والد ڪين جواب ڏنو "بهشت مان ٻاهر اچڻ

❶ لب تاريخ سنڌ، ص 6.
❷ خزينتہ الاصوفيا، مفتي غلام سرور، ج 2، ص 46.

افضل آهي ڇا؟“ ان تي وري پنهنجي والد کي عرض ڪيائين، ”دنيا ۾ ظهور ٿيڻ پڻ احسن آهي“. هيءَ روايت قلندرنامہ سنڌيءَ (ص 3) ۽ بستان العارفين (ص 23) ۾ نقل ٿيل آهي. ان کان پوءِ سيد ڪبير نڪاح ڪرڻ جو خيال ڪيو. مروند جي حاڪم سلطان شاهہ باطني اشاري موجب کين پنهنجي نياڻي ڏني، جنهن مان سنڌ جو روحاني رهبر قلندر لعل سيوهاڻي تولد ٿيو.

قلندر نامہ سنڌيءَ (ص 3) جي صاحب هڪ شاعر جا هي شعر ڏنا آهن، جن مان لعل سائينءَ جي ولادت جو سن، عمر ۽ وفات جو سن نڪرن ٿا!

بجو تاريخ شمس الدين عثمان، بدر کن رنج، از فلک ڪرامت

538 هہ

سن عمرش ولي الله، وفا تش۔ سروش غيب مي گويد ”برحمت“

112 — 650 هہ

ان مطابق ولادت جو سن 538 هہ ڏنو اٿس. بستان العارفين (ص 33) واري بہ اهوئي سن ڏنو آهي. لب تاريخ سنڌ (ص 6) واري 573 هہ مطابق 1177ع ڏيکاريو آهي. تذڪره صوفيائي سنڌ اردو (ص 199) جي صاحب ولادت جي تاريخ، لب تاريخ سنڌ تان ورتي آهي. محترم مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي ”علمي ڊائري“ ۾ ولادت جو سن 552 هہ نقل ڪيو آهي.* ولادت جي صحيح تاريخ 573 هہ معلوم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ جو مٿين شعر جي وفات جي تاريخ اڳتي هلي صحيح ثابت نہ ڪئي وئي آهي. ان کان سواءِ روايت ڏني وئي آهي تہ حضرت شهباز سائينءَ جي ولادت وقت سندن والد بزرگوار جي وڏي عمر هئي. اها روايت بہ تڏهن صحيح ٿي سگهي ٿي، جڏهن اسان 538 هہ بدران 573 هہ وٺنداسون.

الله تعاليٰ کين ظاهري حسن ۽ جمال ايڏو تہ عطا ڪيو هو جو سندن پيشاني پاڪ چنڊ کي شرمندو ڪندي هئي.

## ظاهري تعليم

کين ننڍپڻ کان ئي تعليم پرائڻ جو شوق هو. ستن سالن جي عمر ۾ قرآن ڪريم جو حفظ ڪيائون. ان کان سواءِ ٿوري ئي عرصي ۾ عربيءَ ۽

* ســـ ماهي الرحيم، سنڌي سال 1966ع، ڪتاب 3.

Gul Hayat Institute

فارسيءَ ۾ بہ مهارت حاصل ڪيائون. سندن عربيءَ ۾ مهارت جو ثبوت هن واقعي مان ملي ٿو. [1]

"حضرت قلندر شهباز جن جڏهن ملتان شريف ۾ آيا، تڏهن غياث الدين بلبن جي پٽ سلطان محمد، [2] جو ان وقت ملتان جو حاڪم هو ۽ عالمن ۽ عارفن جو معتقد هو، سندن خدمت ۾ حاضر ٿي تعظيم بجا آڻي ۽ تحفا پيش ڪري، کين ملتان ۾ رهڻ جو عرض ڪيو. جو لعل سائينءَ قبول نہ ڪيو. ڪجهہ ڏينهن اتي رهيا. هڪ ڏينهن سلطان محمد هڪ مجلس تيار ڪرائي، جنهن ۾ عربي سرود ٿيو. ان مجلس ۾ حضرت غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ جو فرزند حضرت شيخ صدرالدين عارف ملتاني بہ موجود هو. ٻئي بزرگ وجد جي حالت ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳا. سلطان محمد هٿ ٻڌيون، پيرن ۾ بيٺو هو ۽ زار زار پئي رنائين.

هن واقعي مان معلوم ٿيندو تہ پاڻ عربيءَ ۾ ماهر هئا. پارسيءَ ۾ سندن دسترس جو ثبوت سندن شعر مان ملي ٿو، جو اڳتي هلي ڏنو ويندو. مشهور انگريز محقق برٽن جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ زبردست عالم هئا ۽ لسانيات ۽ گرامر جا وڏا ماهر هئا. ان سلسلي ۾ سندن ڪي ڪتاب تصنيف ٿيل هئا، جي مڪتبن ۾ پڙهايا ويندا هئا، لکي ٿو:

"سنڌ جي مڪتبن ۾ جيڪي ڪتاب پڙهايا وڃن ٿا، انهن ۾ حضرت

---

[1] تاريخ فيروز شاهي، برني، سيد احمد خان جي ايڊيشن، ص 67_68، تاريخ معصومي ص 40، لب تاريخ سنڌ ص 35، ماثرالڪرام ج 1، ص 285_287، نزهتہ الخواطر (اردو ترجمو) ص 256، تاريخ فرشتہ ج 1، ص 129، .The Life and works of Amir Khusrau مصنف ڊاڪٽر محمد وحيد مرزا ص 46_47، تحفتہ الڪرام (ج 3، ص 136) ۾ مٿيون واقعو آيل نہ آهي، پر ملتان ۾ سلطان جي ساڻس ملاقات ڏيکاري اٿس.

[2] سلطان محمد دهليءَ جي بادشاهہ غياث الدين بلبن جو پيارو فرزند هو ۽ سندس پاران ملتان جو حاڪم هو عالمن ۽ عارفن جو نهايت معتقد هوندو هو. حضرت غوث بهاءُالدين ملتانيءَ ۽ حضرت شيخ فريد شڪر گنج جو نهايت ادب ۽ احترام ڪندو هو. امير خسرو ۽ امير حسن دهلوي هميشہ سندس دربار ۾ گذاريندا هئا. حضرت مصلح الدين سعدي شيرازيءَ ڏانهن بہ لکيو هئائين تہ هو اچي وٽس رهي، پر شيخ پيريءَ ۽ ضعف ڪري اچي نہ سگهيو. معذرت جي خط سان گڏ هڪ ڪتاب موڪليائينس، جنهن ۾ سندس شعر سندس هٿ سان لکيل هئا. حڪومت جي مجلس ۾ سڄو ڏينهن رات وينو هوندو هو تہ گوڏو بہ مٿي نہ ڪڻندو هو. "حقا" لفظ کان سواءِ ٻيو قسم نہ کندو هو. سنہ 683 هہ (1280( ۾ مغلن سان لڙندي شهيد ٿيو. امير خسرو سندس شهادت تي پر درد مرثيو لکيو آهي.

(1) Burton's Sind and its Races, P_139.

قلندر شهباز جا هي ڪتاب بہ شامل آهن: 1ـ عقد، 2ـ قسم دويم، 3ـ اجناس، 4ـ ميزان صرف".

ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ (Persian Poets of Sind P_7) ۾ گزيٽيئر (Vol: A, P_94) جي صاحب ۽ شيخ محمد اڪرام "موج ڪوثر" ۾ برٽن جو بيان نقل ڪيو آهي. قلندرنامي (ص 8) جي صاحب جو چوڻ آهي تہ اردو ريختہ بہ ڄاڻيندا ۽ ڳالهائيندا هئا.

## بيعت

ماثرالڪرام جي صاحب لکيو آهي تہ جڏهن پاڻ بلوغت جي سن کي پهتا، تڏهن بابا ابراهيم جي خدمت ۾ حاضر ٿي ان جا مريد ٿيا. وڌيڪ ڄاڻايو اٿس تہ بابا ابراهيم شيخ جمال مجرد جو مريد هو. مولانا جامي جي نفحات الانس (اردو ترجمو ص 502) مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ نجيب الدين برغش شيرازيءَ جو همعصر شيخ ابراهيم مجذوب نالي هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي. شيخ نجيب الدين جي وفات جي تاريخ 678 هہ آهي. ان مان هڪ صاحب اندازو لڳايو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو ابراهيم مجذوب ساڳيو بابا ابراهيم هجي. شيخ ابراهيم مجذوب بابت روايت آئي آهي تہ سندس مسجد ۾ هڪ پٿر رکيل هوندو هو جنهن کي هو هر هر ڪٽندو هو. هڪ صاحب جو خيال آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هي اهو ساڳيو پٿر هجي جيڪو حضرت شهباز کي سندس مرشد کان مليو هجي ۽ جنهن کي "گلوبند" چيو وڃي ٿو.

مولانا جامي جي نفحات الانس (اردو ترجمو ص 304) مان معلوم ٿئي ٿو تہ جمال مجرد 313 هہ ۾ وفات ڪئي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ بابا ابراهيم جمال مجرد جو سنئون سڌو مريد نہ هو پر وچ ۾ ڪا ٻي ڪڙي بہ هئي، جنهن جو نالو نٿو ملي.

ماثرالڪرام جي صاحب حضرت شهباز سائين جي مريد ٿيڻ جو هڪ عجيب واقعو بيان ڪيو آهي، جو هن طرح آهي:

> "هڪ رات ابراهيم وليءَ ڏٺو تہ هڪ سهڻيءَ شڪل وارو جوان ڳاڙهو لباس اوڍيون ويٺو آهي، ڏسڻ سان اچرج ۾ پيا تہ هھڙو عالي مرتبت ڪير آهي؟ ڪين ڪشف ذريعي معلوم ٿيو تہ سيد

عثمان آهي. ان معلوم ڪرڻ ڪان پوءِ بابا ابراهيم وٽ ساڻن ملاقات ڪئي، صحبت ڪان پوءِ حضرت لعل شهباز باطني اشاري موجب قلندري طريقي جو ارادو حضرت بابا ابراهيم جي خدمت ۾ رکيو“.

ان ڪان پوءِ بابا ابراهيم جا قلندري طريقي تي مريد ٿيا. سچو سال سندن خدمت ۾ رهي ڪماليت کي پهتا ۽ خلافت جو خرقو ڏنائون. ❶ بابا ابراهيم کين هڪ سنگ مقبول عطا ڪيو جنهن کي هينئر گلوبند چون ٿا ۽ جيڪو بابا ابراهيم کي سندس مرشد سيد جمال مجرد کان مليو هو. ❷ اهو گلوبند هينئر لعل سائينءَ جي درگاهه جي ڪٽهڙي جي اتر پاسي سيرانديءَ کان لٽڪيل آهي. ڪيترا سال اڳ تئي پيو هو جنهن کي نور محمد صيقل اهڙو ڳنڍي ڇڏيو جو اصل جهڙو ٿي پيو. لعل سائين اهو گلوبند ڳچيءَ ۾ ٻڌي سيني سان لٽڪائي ڇڏيندو هو.

ان کان سواءِ مرشد کان بادام جي هڪ عصا به عطا ٿين، جا اڄ تائين سندن روضيءَ ۾ اتر پاسي رکيل آهي. مٿس غلاف چڙهيل آهي ۽ اٽڪل چار پنج هٿ ڊگهي ٿيندي. ڪن ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي ٻئي شيون سيد علي وزير کي بغداد ۾ حضرت شهباز ڏنيون ۽ سيوهڻ ۾ به سيد عليءَ ئي آنديون هيون. ❸ روايت آهي ته اهي ٻئي شيون امام زين العابدين جي هٿن مبارڪن جون آهن. تاريخ مان به ثابت ٿو ٿئي ته دست بدست ملنديون آيون آهن. اهو پٿر امام عاليٰ مقام کي ڪيئن مليو. ان لاءِ ٻه روايتون آهن. هڪ ته هي اهو پٿر آهي، جو امام زين العابدين کي سندن اسيريءَ جي وقت ۾ يزيد جي فوج گلي ۾ طوق ڪري وڌو هو. ٻي روايت آهي ته هي پٿر ڪعبت الله جي حجر اسود جو ٽڪرو آهي، جو امام صاحب کي هٿ آيو هو.

Gul Hayat Institute

رئيس ضياءالدين مرحوم لٽ ۽ پٿر بابت لکيو آهي:

”پٿر جو ڪٽڻ حضرت دائود جي ڪانياٽي واري پٿر ڏي اشارو آهي، جنهن سان نفس اماره جي ديوتا کي مارڻو آهي. سمهڻ مهل

---

❶ ماثرالڪرام، قلندرنامه سنڌي ۽ موج ـ ڪوثر، ص 331.

❷ الشهباز (ص 68) جي صاحب لکيو آهي ته کين گلوبند ۽ عصا سيد جمال کان ڪولاپور ۾ عطا ٿيون. اهو غلط آهي، ڇاڪاڻ جو سيد جمال مجرد جي مزار ڪولاپور ۾ نه پر مصر جي شهر ”دمياط“ ۾ آهي، جيئن متن ۾ بيان ٿيندو.

❸ بحواله قلندر نامه سنڌي، ص 7.

سيراندي ۾ بڪ ويل پيٽ سان پڌرُ جو ڪم ٿو ڏئي. جيئن امير ارادن جي مضبوطيءَ لاءِ هيري ڪي منڊيءَ جي ٽڪ ڪري پائيندا آهن، تيئن قلندر ۾ درويشن مستقل مزاجي ڪي مدنظر رکڻ لاءِ پٿر ڪٽيندا آهن. باهه پارڻ جو ڪم به ڏئي ٿو. لٺ مان اشارو حضرت موسيٰ جي عصا جو آهي“.❶

## سيد جمال مجرد ۽ سندس طريقو:

خيرالمجالس ۾ حميد شاعر لکيو آهي ته:

شيخ المشائخ نصيرالدين محمود چراغ دهليءَ فرمايو آهي ته ”سيد جمال مجرد گهڻو وقت مصر ۾ مفتي هو جيڪو به ڏکئي ۾ ڏکيو مسئلو ڪائنس پڇيو ويندو هو ان جو هڪدم جواب ڏيندو هو. ان ڪري کيس ”ڪتبخانو جاري“ سڏيو ويندو هو. اوچتو ئي اوچتو مٿس اهڙو جذبو طاري ٿيو جو مڇون ۽ ڏاڙهي تراش ڪرائي ڪٿو ڪي هڪ پراڻي قبر ۾ قبلي سامهون حيران، سر گردان اشڪ بار اکيون آسمان ڏي ڪري ويهي رهيو“.❷

سير الاولياءَ جي صاحب حضرت شيخ الاسلام مخدوم بهاءُالدين ذڪريا کان نقل ڪيو آهي ته ”سيد جمال مجرد جي جيڪا اها حالت ظاهر ٿي، اها کيس پنهنجي اختيار ۾ نه هئي، پر بيخوديءَ جي حالت ۾ هئا“. ساڳي ڪتاب ۾ شيخ جماليءَ آندو آهي ته:

”شهر دمياط جو ولايت مصر، اقليم ٽينءَ ۾ آهي ۾ ويس. اتي حضرت سيد جمال مجرد جي مرقد مبارڪ آهي. اتان جي بزرگن، عالمن ۽ اڪابرن کان معلوم ٿيو ته حضرت سيد جمال مصر ۾ وڏي ڪماليت ۽ جماليت جو صاحب هو. کيس ظاهري حسن ايڏو هو جو مصر جا ماڻهو کيس يوسف ثاني ڪري چوندا هئا. جهڙيءَ طرح بيبي زليخان حضرت يوسف تي عاشق ٿي هئي، تهڙيءَ طرح مصر جي زالن مان هڪ نالي واري عورت مٿن

---

❶ ضياء القلندر مرتب: محبوب علي چنه. قلندر شهباز ميموريل ڪاميٽي، 1965ع. رئيس ضياءالدين مرحوم جو مضمون ”ضياء القلندر“، ص 10.

❷ بحواله قلندر نامه سنڌي، ص 8.

عاشق ٿي پئي. انهيءَ ڪري گهڻو پريشان حال هوندي هئي ۽ پين ماڻهن کان پڇندي ۽ ٿهندي هئي. حضرت سيد جمال ان کان پري رهڻ لاءِ مصر مان دمياط شهر ۾ اچي اهڙي هنڌ رهيو جيڪو يوسف عليه السلام کان وٺي ويران ۽ غير آباد پيل هو. دمياط جو شهر مصر کان سٺن اٺن ڏينهن جي پنڌ تي آهي. ان عورت کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته سيد جمال فلاڻي هنڌ آهي، تڏهن ڏاڍو حيران ۽ پريشان ٿي، اوڏانهن هلڻ لڳي. هوڏانهن سيد جمال ڌڻيءَ جي درگاهہ ۾ هٿ کڻي عرض ڪيو ته ”خدايا! هن حسن ۽ جمال کي، جو منهنجي لاءِ وبال ٿي پيو آهي، تبديل ڪر، جيئن هوءَ عورت مون ڏانهن ميل ۽ خيال نہ رکي. پوءِ جيئن هٿ مبارڪ منهن تي آندائون، تيئن مڇون ۽ ريش مبارڪ ڪري پيا ۽ سندس حسن هليو ويو. ان کان پوءِ فرمايائون ته انهيءَ عورت کي مون وٽ آڻيو جيڪا منهنجي لاءِ پريشان آهي. اها عورت خوشيءَ جي جوش ۾ مدهوش ٿي ڊوڙي آئي ۽ سيد جمال جي ظاهري حسن جو زوال ڏسي منهن ڦيري هلي وئي، اهڙيءَ طرح سيد جمال ڇٽي پيو“.

اخبار الاخبار جي صاحب لکيو آهي ته:

”جڏهن مصر جي عالمن کي سندن مڇن ۽ ڏاڙهيءَ جي تراشڻ جي خبر پئي تڏهن وٽس آيا ۽ چيائونس ته ”توهان ڏاڙهي ۽ مڇون تراشي شريعت جي مخالفت ڪئي آهي“. ان تي ورندي ڏنائون، ”ڏاڙهي گهرجيو ته حاضر آهي“. ايئن چئي سر مبارڪ گودڙيءَ ۾ وجهي جو ڪڍيائون ته سيني تائين سفيد ڏاڙهي نظر آئي.

هينئر جڏهن ڪو ماڻهو قلندري فقير ٿيندو آهي ته سندس ڏاڙهي، مڇون، ڀرون ۽ مٿي جا وار ڪوڙائيندا آهن. رئيس ضياءالدين مرحوم لکيو آهي ته اهو انهيءَ ڪري آهي ته سيد جمال مجرد جيڪو فعل مصر جي شهر دمياط ۾ ڪيو هو. انهيءَ روايت کي زندهہ رکيو وڃي ۽ وقت بچائي الله جي ڪمال ۽ جمال جو مشاهدو ماڻجي. [1]

---

[1] ضياءالقلندر ص 10.

هڪ روايت آهي تہ سيد جمال، مرشد جي ڳولا ڪندو اچي قلندر شهباز جن سان ملاقاتي ٿيو ۽ حضرت شهباز جو مريد ٿي، خلافت جو خرقو ڏڪيائين.❷ هيءَ روايت قابل قبول نہ آهي، ڇاڪاڻ جو جمال مجرد حضرت شهباز کان گهڻو اڳ 313هہ ۾ وفات ڪئي.❸

سيد ابراهيم جو شجرو هن طرح ڏنو ويو آهي:

"سيد ابراهيم بن سيد محمود بن سيد جعفر بن سيد مغفور بن محمد بن علي بن ابي طالب بن محمد بن علي بن هيرالله بن يلعب بن محمد بن علي بن محمد بن احمد بن محمد حسن بن محمد ابراهيم بن موسيٰ ڪاظم".

بابا ابراهيم ولي بہ ظاهري ڪلمن ۾ مهارت رکندو هو.

سيد جمال جا ڪيترائي مريد هئا. بابا احمد اندلسي بہ سندس مريد هو جنهن کائنس خلافت جو خرقو بہ ڏڪيو ۽ دمياط ۾ سندس درگاهہ تي گهڻو وقت رهي، رشد ۽ هدايت جو سلسلو جاري رکيو. سيد عبدالقدوس جنهن کي سفر ۾ حضرت مخدوم بهاءُ الدين ذڪريا ملتاني ڏٺو هو بابا احمد جو القيءَ دلق پوش جو مريد هو جو وري سيد جمال مجرد جو مريد هو. سير الاولياء جي صاحب لکيو آهي، تہ "بابا احمد دلقپوش، پنهنجي مرشد جي درگاه تي شهر دمياط ۾ رهندو هو." ڪتاب الاخيار جي صاحب لکيو آهي، تہ "شيخ الاسلام حضرت بهاءُ الدين ذڪريا جڏهن بغداد مان شيخ الشيوع جي خدمت مان موٽي رهيو هو تڏهن هڪ منزل تي لٿو. جيئن تہ اتي ڪابہ عمارت نهيل ڪانہ هئي، تنهن ڪري لاچار مسجد ۾ ويو ۽ سندس مريد بہ اتي منزل انداز ٿيا. عبادت کان پوءِ جيئن اک کوليائون ۽ مريدن ڏانهن ڏٺائين، تيئن منجهن هڪ قلندر ڏٺائين، جو مٿي کان پيرن تائين نور ۾ منور هو. اهو ڏسي انجي ويجهو ويو ۽ چيائينس، مرد خدا جا، تون انهن ۾ ڇا ٿو ڪرين؟" ان جواب ڏنو "عام ۾ هڪ خاص بہ هجي، تہ جيئن ان خاص جي محابي عام بخشجي." سير الاولياء جي صاحب لکيو آهي، تہ اهو قلندر سيد عبدالقدوس هو جو موصل جو ويٺل هو. جڏهن مٿس جذبو طاري ٿيو تڏهن بيت الله جي زيارت کان مشرف ٿيڻ ويو. اتان وري جڏهن موٽيو تڏهن مصر

---

❷ حاجي موسيٰ خان جو ڪتابڙو "شيخ عثمان سيوهاڻي" ص 8

❸ نفحات الانس، مولانا جامي، اردو ترجمو، ص 304.

۾ آيو ۽ دمياط ۾ ويچي. سيد جمال جي درگاه تان بابا اندلسيءَ کان خلافت جو خرقو ڏڪيائين. اتي ڪجهہ وقت رهي مغرب ڏي رخ رکيائين. اندلس ۾ پنج مهينا رهيو. صاحب الحال ۽ اهل ـ جذبہ هو. هميشہ استغراق ۾ گذاريندو هو. سندس درگاهہ باڻرن جي شهر ۾ آهي، جو نرد ۽ ارستان جي وچ ۾ آهي.“

”سيد جيال مجرد جو مرشد سيد ابراهيم گرم سيل هو.❶ جو قلندر شهباز جو والد بزرگوار هو. اهو سيد شاه سرخ بياباني جو. اهو سيد شاه عاقل شهيد جو اهو سيد شاه جعفر شهيد جو. اهو سيد شاه سوخت سيلانيءَ جو اهو سيد شاه سرخ عليءَ جو اهو سيد قاضي شير ڪلان جو اهو شاه روشن علي درويش جو اهو سيد احمد عليءَ جو اهو سيد شاه قالوا بليٰ جو اهو قالو قلندر جو اهو سيد شاه سلطان محمود پاڪ لقاء سر حال لنگوٽ بند جو جنهنجو نالو سلمان فارسي آهي، اهو حضرت علي ؑ جو“.

قلندر نامہ سنڌي جي صاحب لکيو آهي تہ قلندر شهباز وارو قلندري طريقو امام زين العابدين جي واسطي سان سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم تائين پهچي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهو سلسلو سيد جمال کان حضرت علي بن موسيٰ رضا تائين پهچي ٿو. جنهن جي پنهنجي والد بزرگوار امام جعفر صادق جي هٿ تي بيعت ڪيل هئي، جنهن جي امام زين العابدين جي هٿ تي بيعت ڪيل هئي، جنهن اميرالمؤمنين امام المسلمين علي ڪرم الله وجهہ جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي، جنهن سرور ڪائنات محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي.

ڪن تذڪره نگارن، حضرت قلندر شهباز جي طريقت جو سلسلو قادري ڄاڻايو آهي. ”تذڪرت الفقراءَ“ جو صاحب دارا شڪوه جو شجرو حضرت لعل شهباز جي واسطي سان حضرت غوث اعظم شيخ عبدالقادر جيلانيءَ تائين هن طرح بيان ڪري ٿو: ”دارا شڪوه مريد ملا شاهہ بدخشيءَ جو اهو مريد ميان مير سيوهاڻي لاهوريءَ جو اهو مريد حضرت خضر سيوهاڻيءَ جو اهو مريد شاهہ سڪندر جو اهو مريد خواجہ خانيءَ جو اهو مريد سيد علي قلندريءَ جو اهو مريد حضرت مخدوم سيد عثمان لعل

❶ ”شيخ عثمان سيوهاڻي“ (ص ٧) جي مصنف لکيو آهي ت ”بابا ابراهيم“ ۽ ”گرم سيل ـ ابواسحاق“ هڪ ئي هستي آهي، جو صحيح نہ آهي. گرم سيل يا گرم سير قندار ۽ سيوستان جي وچ ۾ پرڳڻو آهي. ان مان ظاهر آهي تہ گرم سيل جو سيد ابراهيم يا ابواسحاق ڪي ٻيا بزرگ هئا.

شهباز جو اهو مريد شيخ ابو اسحاق ابراهيم جو ۽ اهو مريد حضرت احمد بن مبارڪ جو ۽ اهو مريد حضرت شيخ عبدالقادري جيلانيءَ جو“.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته حضرت قلندر شهباز جي طريقت جي سلسلي کي قادري ڄاڻائڻ سان گڏ حضرت شهباز کي سنئون سڌو ”شاهه جمال مجرد“ جو مريد به ڏيکاريو ويو آهي. خزينة الاولياءَ جي صاحب به حضرت شهباز کي سيد جمال مجرد جو مريد ڄاڻايو آهي. هوڏانهن مٿي اچي چڪو آهي ته سيد جمال حضرت شهباز کان اڳ وفات ڪئي. قادري طريقي کان سواءِ ٻين گهڻن سلسلن جي بيانين جي طريقت جو شجرو به ڇڪجي ٿو ته اهو حضرت سيد عبدالقادر جيلانيءَ سان وڃي ملي ٿو. انهيءَ ڪري اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته حضرت قلندر شهباز جي قلندري طريقي جي سلسلي ۾ ڪنهن بزرگ حضرت غوث اعظم کان فيض پرايو هجي. باقي حضرت شهباز جو طريقو قلندري هو. قادري نه هو.

مير ڪمال الدين، ديوان حافظ جي شرح ۾ صاف لکيو آهي ته ”مشرب قلندري حضرت اميرالمؤمنين علي عليهه السلام تائين پهچي ٿو. لکي ٿو: ”منتقول آهي ته اوائل ۾ جڏهن قرآن حڪيم جون ڪي آيتون نازل ٿينديون هيون، تڏهن ٻنهي جهانن جا سردار صلعم حضرت علي جو هٿ وٺي ڪين مڪي شريف جي واديءَ ۾ وٺي ويندا هئا ۽ ڪين مخفي طرح آيتن جي تعليم ڏئي تاڪيد ڪندا هئا ته هي اسرار مخفي رکج. جيسين ڪامل ظهور ٿئي“. وڌيڪ لکيو اٿس ته حافظ شيرازيءَ انهيءَ روايت ڏانهن پنهنجي شعر ۾ هن طرح اشارو ڪيو آهي:

*وقت آن شيرين قلندر خوش که در اطوار سير*
*ذکر تسبيح ملک در حلقهٔ زنار داشت.*

Gul Hayat Institute

مٿين شعر ۾ لفظ قلندر مان مراد ”حضرت علي“ آهي، ذڪر، تسبيح ۽ ملڪ مان مطلب ”قرآني آيتون“ آهي ۽ حلقهٔ زنار مان مفهوم ”سينو“ يا ”حفظ“ آهي. ●

● هي بيان قلندر نامه سنڌي جي صاحب به آندو آهي.

## قلندري طريقو

مٿين بيان مان معلوم ٿيندو ته حضرت بابا ابراهيم ۽ سيد جمال جو طريقو هڪ انوکو ۽ جدا طريقو هو. جنهن کي قلندري طريقو سڏيو ويجي ٿو. هن طريقي بابت تحقيقات الصوفيه جو صاحب لکي ٿو ته: "قلندر انهيءَ کي چئبو آهي جو تارڪ الدنيا هجي، مجرد گذاري ۽ نفسياتي لذتن کان پري هجي". هڪ سنڌي شاعر ايڏانهن اشارو ڪندي قلندر شهباز جي مدح ۾ چيو آهي:

"تارڪ الدنيا و ما فيها قلندر تنهنجو نام".

رئيس ضياءالدين مرحوم (ضياءالقلندر ص 11) ۾ لکيو آهي ته شاديءَ جو ترڪ ڪرڻ هڪ دوست سان دل لائڻ واسطي آهي، جيئن محبت ۾ گهاري نه پوي.

حديقته السلوڪ جي صاحب لکيو آهي ته: حضرت خواجه عبيدالله سره فرمايو آهي ته "پاڻ کي مناعن کان مجرد ڪرڻ يعني نفس جي ابتڙ هلڻ ۽ جيئن حق تعاليٰ جي فرمان هجي، تيئن ڪرڻ قلندري طريقو آهي".

شيخ المشائخ ذوالنون مصري عليه الرحمت پنهنجي مريد شيخ بايزيد بسطاميءَ کي ڪنهن ڪم لاءِ سڏيو. تنهن تي بايزيد فرمايو: "ابا ٽيهون ورهه ٿيو آهي، جو بايزيد کي پيو ڳولهيان، پر نٿو لهيم. توکان جيڪڏهن لهي ته بيشڪ هٿ ڪري اچينس".

گم شده چون سایه در آفتاب
یا چو بوئے گل در اجزاءِ گلاب.

ڪشف اللغات ۾ آهي ته: "قلندر انهيءَ کي چوندا آهن جو ٻنهي جهانن کان آزاد يعني پالهو هجي ۽ خاص معبود ۾ محو هجي".

رساله غوثيه ۾ آيو آهي ته "قلندر" سرياني زبان ۾ الله تعاليٰ جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ ان کي اسماءَالله ۾ شمار ڪرڻ گهرجي.

مصباح الهدايه جو صاحب لکي ٿو ته "قلندر خلق جي آباديءَ ۽ خرابيءَ جي پرواهه نه رکندو آهي. انهيءَ جي ڪوشش رڳو پنهنجون رسمون سڌارڻ ۽ جهان جي گرفتاريءَ کان ڇٽڻ هوندو آهي". مصباح الهدايه جي اها ڳالهه صحيح نه آهي ته "قلندر خلق جي آباديءَ ۽ خرابيءَ جي پرواهه نه

رکندو آهي". اهو اظهر من الشمس آهي تہ الله وارن جي اهائي ڪوشش رهي آهي تہ خلق کي خرابيءَ کان ڇڏائجي ۽ حق جو رستو ڏيکارجي. خود قلندر شهباز پڻ خلق مان خرابي دور ڪرڻ لاءِ ئي مرند مان کهي اچي سيوهڻ کي وسايو هو نہ تہ پلا مرند مان سيوهڻ اچڻ جو ڪهڙو مطلب هو؟

"مصباح الهدايہ" ۾ وڏيڪ آيو آهي تہ "قلندري طريقي وارا فرض کان وڌيڪ نماز نہ پڙهندا آهن ۽ ظاهري عابدن زاهدن وانگر عبادت نہ ڪندا آهن. پر مخفي طرح الله تعاليٰ جي حب رکندا آهن. دنيا جي دولت ڪٺي نہ ڪندا آهن. پر فرض جي بجا آوريءَ ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪندا آهن".

حافظ شيرازيءَ پڻ ايڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ بہ قلندري مشرب جو هو. فرمائي ٿو تہ:

فرض ایزد بگزاریم و بکس بد نکنیم
و نچه گویند ره اینست بگوئیم رواست.

قلندرن جي شان ۾ فرمائي ٿو:

هزار نکته باریک ترزمو اینجا است.
نه هر که سر به تراشد قلندری داند.

قلندر نامہ فارسيءَ جي مصنف انهيءَ مشرب جو اصل بخاري شريف جي هن حديث مان ڪڍيو آهي:

"صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت ابو هريره ۽ طلحہ بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ اعرابي نجد جي ماڻهن مان آنحضرت صلي الله عليہ وسلم جي خدمت بابرڪت ۾ آيو. سندس آواز آهستي ٻڌڻ ۾ ٿي آيو جو سمجهہ ۾ نٿي آيو. نبي ڪريم صلعم جن جي ويجهو ويو ۽ چيائين تہ "هدايت ڏيو جنهن جي بجا آڻڻ سان بهشت حاصل ٿئي". پاڻ فرمايائونس، "خدا جي عبادت ڪر، شرڪ نہ ڪر. فرضي نماز ادا ڪر، زڪوات ڏي ۽ رمضان جا روزا رک". پوءِ اعرابي چيو "بيو بہ ڪجهہ آهي". پاڻ فرمايائونس تہ "پوءِ زياده نفل پڙهہ" اعرابيءَ چيو "انهيءَ ذات جو قسم آهي، جنهن جي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ نہ زياده ڪندس ۽ نہ گهٽائيندس". جڏهن اعرابي موڪلائي هليو، تڏهن ٻنهي جهانن جي سردار



Gul Hayat Institute

صلعم فرمايو "جنهن کي بهشتي ماڻهو ڏسڻو هجي، سو يلي هن ماڻهوءَ کي ڏسي". يعني هي بهشتي آهي.

ان مان قلندر نامي جي صاحب مطلب ڪڍيو آهي تہ رڳو فرض سنيالي ادا ڪرڻ بہ جنت جي داخل ٿيڻ جو سبب آهي. ان مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ جڻ انهيءَ اعرابيءَ جو مشرب بہ قلندري هو.❶ ضياءالدين مرحوم لکيو آهي تہ پهريون قلندر حضرت عبدالعزيز مڪي هو جنهن جو استغراق 40 سالن جي مدت جو هوندو هو. هو اصحاب صفہ مان هو ۽ کيس قلندري لقب بہ حضور صلعم جن ڏيڻ فرمايو هو.❷ اصحاب صفہ اهي بزرگ هئا، جيڪي پنهي جهانن جي سردار سان محبت فرمائي عبادت ۾ مشغول رهندا هئا.

شهباز سائين ڳاڙهو لباس پهريندو هو. انهيءَ ڪري کين "ملامتيہ" بہ سڏيو ويو آهي.

"ولباس سرخ داشتی و خطاب "شهباز" از پیشگاه پیر روشن ضمیر بوے عطا شده بود و در خلق سبب طریق ملامتیه وی به حضرت شهباز قلندر اشتهار یافت"❸

ملامتيہ مشرب بہ شريعت جي خلاف نہ هو. حضرت سيد علي هجويري پنهنجي ڪتاب "ڪشف المحجوب" ۾ هن مشرب بابت لکيو آهي:

"ان مشرب وارا شرع جا پابند پرهيزگار ۽ متقي بزرگ ٿين ٿا. البتہ هو پنهنجي باطني مقام ۽ حال کي ظاهر بين نظرن کان حجاب ۾ رکڻ لاءِ ظاهري طور شهرت ۽ نمائش کان پاسو ڪندا آهن. باقي شرع جي خلاف هلڻ تہ زندقہ ۽ الحاد آهي. ان کان صحيح الحال صوفي محفوظ آهن.❹

مطلب تہ قلندري طريقي جو خاص اصول هو: صحيح عمل تي زور ڏيڻ. باقي حضرت قلندر شهباز شريعت جو پابند، علم دين ۽ طريقت جو شيخ هو. ڳاڙهن ڪپڙن جو واسطو رئيس ضياءالدين مرحوم جي تشريح مطابق رت جي جوش، ڪاوڙ، صفرا جي غلبي ۽ نشي يا اوجاڳي وغيره وارو نہ بلڪ دنيوي جمعيت وارو ۽ جوش عمل لاءِ حرارت عزيزي موجود هجڻ وارو آهي.

---

❶ هي بيان قلندر نامي سنڌي جي صاحب بہ آندو آهي.
❷ ضياءالقلندر ص 4.
❸ تذڪرة الانساب ص، 101 بحوالہ نذر۔ شهباز ص 18.
❹ بحوالہ نذر۔ شهباز ص 18.

سرخ رنگ حوصلو، امنگ ۽ عمل پيدا ڪندڙ ۽ مزاج ۾ گرم هوندو آهي، تنهن ڪري هن من موهيندڙ مردانہ رنگ کي قلندر جو قرب حاصل هو.❷

## مستي

قلندري طريقي جو اهڃاڻ مستي آهي. حضرت شهباز واري مستيءَ جي تشريح ڪندي رئيس ضياءالدين مرحوم لکيو آهي تہ:

”قلندر واري مستي جذباتي ۽ تصوراتي انسان جي همت جو مظهر آهي، جا حق ۽ انصاف ڪري ايري ۽ حالات جي دستور موافق تمام توثيق سان عمل جو هڪ رستو اختيار ڪيائين، جو تردد ۽ تاويل جي وهمن کان بالاتر هو. مستيءَ جو حرف ”ميم“ آهي، سو منهنجي نظر ۾ محنت، مدد ۽ مجاهديءَ لاءِ آهي، جي صحيح عمل جا سرچشما آهن. ”س“ سخاوت لاءِ اچي ٿو جو صحيح عمل لاءِ موزون قدم ۽ مقصد آهي. ”ت“ تضرع جو بيان ڪري ٿي، جنهن جي معنيٰ آهي رت ۾ ڳاڙهو ٽيڻ يعني قرباني ۽ شهادت جي نشاني. ”ي“ جي معنيٰ آهي ”يم“ يعني ٻوڏ جو اچڻ ۽ درياهہ جو چڙهڻ...... قلندر جو لال پوشاڪ لاءِ ذوق ۽ هن جو خود لقب ”لال“ تضرع مان نڪتا آهن. ميندڻيءَ جي تقريب بہ خون جي لالاڻ لاءِ مثال آهي، ۽ هن جي مستيءَ جي موج جو مظهر آهي. ان جو سبب هي آهي تہ منصور جي مستيءَ وانگر قلندر جي مستي عارضي يا بيهوشيءَ واري نہ هئي، پر مسلسل باهوش ڪيفيت هئي. مگر منصور جي خلاف قلندر جو مقصد خود قرباني (عبادت) هو ۽ نہ انا (الوهيت). قلندر جي مستيءَ جو غرض خود نمائي نہ هو پر الله جي محبت هئي. ان جو هڪ معمولي پهلو ”جهاد بالسيف“ آهي. طور طريقيءَ ۾ هيءَ مستي خشوع ۽ خضوع جي بهترين شڪل آهي. هن جون ڪمائون فقر ۽ ايثار آهن“.❶

اڳتي هلي رئيس مرحوم حضرت علي ﷺ جي تدبر ۽ عمل کي قلندر جي مستيءَ جو بنياد قرار ڏئي ٿو. لکي ٿو تہ: ”حضرت علي پهريون عظيم مدبر هو جنهن قرآن پاڪ مان سبق وٺندي، مڪر ۽ منافقت جي خلاف ڪات کهاڙا ڪنيا. هي پهريون شخص هو جنهن انساني معاملات ۾ بدعتي

---

❷ ضياءالقلندر ص 10 ۽ 11.

❶ نذرِ شهباز ص 60.

شخصيتن جي بدڪارين کي ظاهر ڪيو. انساني معاملات ۾ صحيح ۽ سڌي برتاءَ جو اصول، جو اسد الله جي الاهي همت سان ملحق هو قلندر لال شهباز جي مستي جي فلسفي جو بنياد بڻيو.

رئيس مرحوم اڳتي هلي ڄاڻايو آهي تہ مستيءَ جو روح ڀٽائي صاحب هيٺين بيت ۾ پيش ڪيو آهي:

جي گھڙيا سي چڙهيا ايئن اٿيئي،
مئي مٿي مهراڻ ۾ پئو ٽپو ڏيئي،
تہ ساهڙ مليئي، سنيوڙو سيڻاهہ سين.

## منصور ۽ شهباز

تذڪره مشائخ سيوستان جي صاحب ۽ قلندر نامہ فارسيءَ جي صاحب لکيو آهي تہ ”حضرت قلندر شهباز جڏهن مردن ڪاملن جي درجي کي رسيو تڏهن شيخ منصور جي خدمت ۾ پهتو ۽ گهڻو فيض حاصل ڪيائين“. ان لاءِ حضرت قلندر شهباز جو هي شعر شاهديءَ طور ڏنو ويو آهي:

منم عثمان مروندي کہ یاری خواجہ منصورم
ملامت می کند خرقم و من بردار می رقصم.

سندن چوڻ آهي تہ ان کان پوءِ قلندري طريقي جو ارادو ڪيائين ۽ بابا ابراهيم جو رخ رکيائين. منصور جي ملاقات وارو واقعو صحيح معلوم نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ جو منصور 309 هہ ۾ وفات ڪئي ۽ هوڏانهن حضرت قلندر شهباز جي ولادت ئي 538 هہ ۾ ٿي. شيخ منصور سان مماتيءَ جي حالت ۾ روح رهاڻ ڪئي هوندائون، ڇاڪاڻ جو ڪيترن الله وارن مماتيءَ وارن اوليائن سان رهاڻيون ڪيون آهن. حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلويءَ پنهنجي ڪتاب ”همعات“ ۾ لکيو آهي تہ:

”سندس متعلق (يعني: حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني) چيو ويجي ٿو تہ مزار مبارڪ ۾ بہ ساڳيو تصرف ڪري رهيا آهن، جهڙو حياتيءَ ۾ ڪندا هئا“.

حضرت شيخ الاسلام مخدوم جهانيان جهان گشت پنهنجي مرشد شيخ رڪن الدين ڪان وصال ڪان پوءِ بہ مستفيض ٿيندو رهيو. حضرت مخدوم صاحب جن پنهنجي ملفوظات ۾ پاڻ لکيو آهي:

”شيخ ڪامل مماتيءَ جي حالت ۾ بہ اهائي تربيت ڪري ٿو جا حياتيءَ جي حالت ۾ ڪندو هو جيئن دعاگو (حضرت مخدوم) جي شيخ رڪن الدين قدس تربيت ڪئي“. [1]

حضرت مخدوم نوح جي ملفوظات ۾ آيو آهي تہ مخدوم نوح ڪي خواب ۾ حضرت علي سلوڪ جو سبق پڙهايو. حضرت مخدوم محمد معين ٺٽوي چوندو هو تہ مان خواب ۾ ابن العربيءَ سان رهاڻيون ڪريان ٿو.

چار يار: هند ۽ سنڌ ۾ اچڻ ڪان پوءِ حضرت قلندر شهباز حضرت غوث بهاۂالدين ملتاني سندس فرزند حضرت شيخ صدرالدين، حضرت شيخ فريد الدين گنج شڪر ۽ حضرت جلال سرخ بخاريءَ سان پڻ تمام گهاٽيون صحبتون ڪيون آهن. تحفتہ الڪرام جي صاحب حضرت شيخ بهاۂالدين ذڪريا ملتاني، مخدوم جلال سرخ بخاري، حضرت قلندر شهباز ۽ حضرت شيخ فريد گنج شڪر کي چار يار سڏيو آهي ۽ ڏيکاريو اٿس تہ سيوهڻ واريءَ يڪ ٿنبيءَ جي مٿان انهن چئني يارن ويهي مڪاشفا ڪيا آهن. [2]

حضرت شهباز ۽ شيخ صدرالدين عارف جي صحبت جو ذڪر تاريخ معصوميءَ جي صاحب ۽ تاريخ فيروز شاهيءَ جي مصنف بہ ڪيو آهي، جنهن جو بيان اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

حضرت غوث بهاۂالدين ملتاني ۽ حضرت قلندر شهباز جن پاڻ ۾ گهاٽا يار تہ هئا، پر ڪن تذڪرن لکيو آهي تہ حضرت قلندر شهباز حضرت غوث بهاۂالدين ڪان بہ فيض پرايو. خزينہ الاصفياء جو صاحب لکي ٿو:

”حضرت قلندر شهباز حضرت شيخ بهاۂالحق جو خليفو آهي“. [3]

تذڪره الفقراء صاحب لکي ٿو:

---

[1] الدار المنظوم ص 200.

[2] تحفتہ الڪرام سنڌي ترجمو ص 297 ۽ 248_249

[3] ج 2، ص 47

Gul Hayat Institute

”سهرورديہ طريقي جي مختلف شاخن ۾ ”لعل شهبازيہ“ گروهہ بہ شامل آهي. ان شاخ جو آغاز حضرت لعل شهباز کان ٿيو آهي“.

انهيءَ سلسلي ۾ معراج الولايت جو حوالو بہ هن کان اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

حقيقت ۾ انهيءَ نسبت بابت مؤرخن ڪا بہ علمي ۽ حقيقي سند نہ ڏني آهي. هنن معاصرانہ محبت کي پيري مريدي ڪري سمجهيو آهي. حضرت شهباز حضرت غوث العالم جو گهاٽو يار تہ هو پر مريد ڪو نہ هو. ڇاڪاڻ جو حضرت شهباز جنهن طريقي تي هليو ٿي، اهو سهروردي طريقي کان بلڪل مختلف هو نہ فقط ايترو پر حضرت غوث العالم جي دوستيءَ کان پوءِ بہ حضرت شهباز ساڳي طريقي تي ڪاربند رهيو. قلندري طريقي موجب سڄي حياتي مجرد گذاريائين. هوڏانهن سهروردي طريقي موجب شادي ڪرڻ روا آهي. سهروردي طريقي جا بزرگ پوري پوري دنيوي زندگي گذاريندا هئا. حضرت غوث العالم وٽ بي انتها دولت هئي، حضرت رڪن الدين ملتاني محمد تغلق سان وابستہ هو. اهڙي طرح سيني وڏن سهروردي بزرگن دنياوي حياتي مڪمل نموني گذاري آهي. هوڏانهن حضرت شهباز سڄي حياتي دنيا کان بي تعلقيءَ ۾ گذاري، هڪ شاعر سندن بابت چيو آهي:

اهل دل، عارف معارف حق۔ صاحب وجد، تارڪ مطلق صاحب حال، ڪامل ابدال، محرم خلوت، حريم وصال، بحر عرنان، ڪنوز دانائي، مهر ايقان، چراغ بينائي.

انهن ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضرت شهباز حضرت غوث العالم جو مريد ڪو نہ هو. جيڪڏهن مريدي اختيار ڪري ها تہ پوءِ حضرت غوث العالم وارو طريقو اختيار ڪري ها، جيڪو هن ڪڏهن بہ اختيار نہ ڪيو بلڪ ساڳي ئي قلندري طريقي تي ڪاربند رهيو. البت ايترو ضرور آهي تہ حضرت شهباز حضرت غوث العالم جو گهاٽو دوست، گڏ گهمندڙ ۽ ڪچهريون ڪندڙ هو. ڪين غوث العالم سان تمام گهڻي عقيدت هئي، جنهن کي مريدي سڏيو ويو آهي، جو غلط آهي.

Gul Hayat Institute

## سهروردي سلسلو

جيئن تہ لعل سائين جو حضرت بهاءالدين ذڪريا جي ڪري سهروردي سلسلي سان بہ تعلق ٿيو انهيءَ ڪري سهروردي سلسلي جو تعارف بہ هيٺ ڏنو وڃي ٿو:

سهروردي سلسلي جو بنياد حضرت شيخ ابوالنجيب عبدالقاهر سهرورديءَ وڌو جنهن جي ولادت 490 هہ مطابق 1097ع ۾ ٿي.[1] هو حجتہ الاسلام امام محمد غزاليءَ جي ڀاءُ شيخ احمد غزاليءَ جو وڏو خليفو ۽ فيض يافتہ هو.[2] حضرت شيخ جو سلسلو سيد الطائفہ حضرت جنيد بغداديءَ سان ملي ٿو. انهيءَ ڪري سهروردي سلسلو حضرت جنيد بغداديءَ ڏانهن منسوب سمجهيو ويندو آهي. حضرت شيخ ضياءالدين ابوالنجيب حضرت غوث الاعظم عبدالقادر جيلانيءَ جي صحبت مان بہ فيض پرايو.[3] ان کان سواءِ حضرت غوث الاعظم جي روحاني پيشوا شيخ حماد باس کان بہ فيض پرايائين.[4] زبردست صوفي ۽ مصلح ٿي گذريو آهي. ابن خلڪان لکيو آهي:[5]

”وفيها توفي الشيخ ابو النجيب السهروردي الصوفي الفقيه و كان من الصالحين المشهورين“.

زبردست عالم بہ هو تصوف، حديث، فقهہ، اصول فقهہ ۽ اصول دين ۾ وڏي دسترس حاصل هيس.[1] ڪجهہ سال بغداد جي مشهور مدرسي نظاميہ جو مدرس اعليٰ ٿي رهيو. 557 هہ برابر 1161ع ۾ بغداد مان جيروسلم جي زيارت لاءِ اسهيو پر سياسي حالتن اها اميد پوري ڪرڻ نہ ڏنس ۽ دمشق ۾ رهي، اسلام ۽ روحانيت تي وعظ ڏيندو رهيو. سندس وعظ ۽ هدايت جو سندس شاگردن ۽ معتقدن تي وڏو اثر ٿيندو هو. ابن خلڪان سندس لاءِ لکيو آهي:

Gul Hayat Institute

---

[1] سندس سوانح حيات لاءِ ڏسو السبڪي، طبقات الڪبريٰ ج 4، ص 256، ابن خاڪان، وفيات الاعيان 01، ص 299 سمعاني: ڪتاب الانساب، جامي نفحات الانس، ص 373_374

[2] ڏسو نفحات الانس.

[3] نفحات الانس، ص 454_456.

[4] ايضا، 58_456.

[5] تاريخ ڪامل ج 1، ص، 149.

[1] سبڪي: طبقات ج 4، ص 256.

"ظهرت برڪته علي تلامذه"[2]

ان ڪان سواءِ اعليٰ درجي جو مصنف بہ هو. تصوف ۽ اسلام تي زبردست ڪتاب لکيائين.[3] پر افسوس جو سواءِ ٻن ڪتابن "آداب المريدين"[4] ۽ "شرح اسماء الحسنيٰ" جي سندن ٻيا ڪتاب، دنيا جي لاهن چاڙهن ڪان بچي نہ سگهيا. 562 هہ برابر 1168ع ۾ بغداد ۾ وفات ڪيائين. پوئتان ڪيترائي معرفت جا صاحب ڇڏيائين، جن سندن شروع ڪيل ڪم کي اڳتي وڌايو. سندن وڏن خليفن جي نالن پنيان تصوف جا جدا جدا سلسلا بہ شروع ٿيا. جهڙوڪ ڪبرويہ شطاريہ ۽ مزدوسيہ. سندس مکيہ سلسلي "سهروردي" کي سندس ڀائٽي حضرت شيخ شهاب الدين سهرورديءَ هلايو ۽ وڏي اوج تي رسايو.

حضرت شيخ شهاب الدين جي ولادت 529 هہ برابر 1132ع ۾ ٿي. چاچي کان سواءِ حضرت غوث الاعظم عبدالقادر جيلانيءَ کان بہ فيض پرايائين. حضرت غوث الاعظم سندس لاءِ فرمايو آهي:

"يا عمروانت آخر المشهورين بالعراق".

حضرت غوث سان کيس بيحد عقيدت هئي، جنهن جو اندازو سندس ڪتاب "بهجتہ الاسرار" مان ٿئي ٿو جنهن ۾ ان حضرت غوث جا مناقب ڏاڍيءَ محبت سان جمع ڪيا ويا آهن. زبردست عالم ۽ وڏيءَ معرفت جو صاحب هو. شيخ سعيديءَ بوستان ۾ سندس ڏاڍي تعريف ڪئي آهي. ابن خلڪان لکيو آهي تہ سندس ڀچاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ سندس ثاني ڪو نہ هو.[1] ڪيترائي سندس فيض جي درياهہ مان مستفيض ٿيا. سلسلي جي تبليغ لاءِ مشهور ڪتاب "عوارف المعارف" لکيائين. جنهن کي سهروردي سلسلي ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي.

سندس ڪيترائي وڏا وڏا خليفا ٿيا، جيڪي اسلام جي تبليغ لاءِ چوڏاري پکڙجي ويا. خاص ڪري هندستان ۾ سندس ڪيترائي خليفا آيا. جهڙوڪ: شيخ جلال الدين تبريزي، قاضي حميد الدين ناگوري، سيد

---

[2] تاريخ ڪامل ج 1، ص 12.

[3] نفحات الانس، ص 373.

[4] هن جو اردو ترجمو بہ ٿيو آهي، جو غلام احمد خان ڪيو آهي.

[1] وفيات الاعيان، ج 1، ص 380.

نورالدين مبارڪ غزنوي، شيخ بهاءُالدين ذڪريا ملتاني، مولانا ماجد الدين حاجي ۽ شيخ ضياءُالدين رومي. انهن سيني مان هند ۽ سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جو حقيقي بنياد حضرت غوث بهاءُالدين ذڪريا ملتانيءَ وڌو. حضرت شيخ شهاب الدين 632هه ۾ برابر 1234ع ۾ وفات ڪئي.

حضرت شيخ بهاءُ الدين زڪريا جي ولادت ڪن مؤرخن 565هه ۾ ته ڪن 566هه ۾ ڏيکاري آهي. سندس وڏو ڏاڏو حضرت ڪمال الدين شاهه قريشي مڪي معظم کان خوارزم ۾ آيو پوءِ ملتان اچي سڪونت اختيار ڪيائين. اجا ٻارنهن سالن جو ئي هو ته سندس والد بزرگوار مولانا وجيهه الدين وفات ڪئي. ابتدائي تعليم ملتان ۾ نصيرالدين بلخيءَ وٽ حاصل ڪيائين. سندس علمي شوق اجا به پورو نه ٿيو. اتان بخارا ويو جتي پڻ علمي اڃ اجهايائين. اتان حج جي زيارت لاءِ مديني شريف ويو جتي جليل القدر محدث مولانا ڪمال الدين محمد کان حديث جي علم جي تحصيل ڪيائين. اتي رهي ڪجهه مجاهدا به ڪيائين. اتان بيت المقدس ويو جتان ٿيندو بغداد ويو. اتي شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد ٿيو ۽ ٿوري وقت ۾ معرفت جون منزلون طئي ڪري خلافت جو خرقو ڍڪيائين. اتي مرشد کان پوري طرح مستفيض ٿي ملتان آيو ۽ اسلام جي تبليغ جو ڪم زور شور سان شروع ڪري ڏنائين. ان وقت هندستان تي التمش حڪومت ٿي ڪئي، ملتان ۽ اتر سنڌ تي ناصر الدين قباچه جو قبضو هو.

سنڌ ۽ هند جا سفر ڪري اسلام جي تبليغ جو ڪم بخوبي سرانجام ڏنائين. ڪيترين ئي هندو ذاتين، سندس هٿ تي اسلام قبول ڪيو جهڙوڪ: پٽي ۽ انڍهڙ وغيره. وقت جي حاڪمن وٽ سندس وڏي عزت هوندي هئي، جنهن وقت دهليءَ ويندو هو ته التمش کيس وڏي عزت ڏيندو هو. پڇاڙيءَ واري زماني ۾ جڏهن دهليءَ ويو ته التمش کيس شيخ الاسلام جو عهدو سونپيو جو سندس پوين ۾ به هلندو آيو.

ملتان ۾ وڏو مدرسو ۽ خانقاهه قائم ڪيائون. نذر نياز مان ڪيتري ئي دولت وٽن گڏ ٿيندي هئي، پر دنياسان موهه ڪونه هون. ان دولت مان وقت سر غريبن، مسڪينن ۽ محتاجن جي مدد ڪندا هئا.

سندن وفات، جي تاريخ ۾ اختلاف آهي. ڪن 661هه ته ڪن 696هه ڄاڻائي آهي. بي انداز ماڻهو ڪانئن مستفيض ٿيا. سندس خليفا هند ۽ سنڌ

Gul Hayat Institute

جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا، اسلام ۽ تصوف کي ڦهلائيندا رهيا. ڪيس ست پٽ ٿيا، جن مان حضرت شيخ صدرالدين عارف وڏو هو جو ڪانئس پوءِ سجادهہ نشين ٿيو. حضرت عارف کان پوءِ ان جو پٽ حضرت رڪن الدين سجاده نشين ٿيو جو وڏو معرفت جو صاحب ٿي گذريو. محمد تغلق سندس وڏي عزت ڪندو هو.

## سيد جلال سرخ بخاري

چئن يارن ۾ حضرت غوث بهاؤالحق کان پوءِ سيد جلال سرخ بخاريءَ جو نالو اچي ٿو. جڏهن حضرت غوث بهاءُ الحق بغداد ۾ رهندو هو تہ اتي سندس ملاقات سيد علي سان ٿي، جيڪو حضرت غوث جي موڪلائڻ وقت کان پوءِ سندس تعريف ڪندو رهندو هو. سندس صاحبزادو سيد جلال ان تعريف کان متاثر ٿي، حضرت غوث سان ملتان ملڻ آيو. جتان ٿي سنڌ جي شهر بکر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪيائين. [1]

سندس سچو نالو جلال الدين ۽ لقب "جلال سرخ" هو. سندس نسب جو سلسلو هن ريت آهي:[2] "سيد جلال الدين حلال سرخ بن ابي الموید علي بن جعفر بن محمود بن احمد عبدالله بن علي اصغر بن عبدالله جعفر بن امام علي نقي"

حضرت غوث جو نہ فقط يار ٿي، سيرو سفر ڪيائين، پر ڪانئس خلافت جو خرقو بہ حاصل ڪيائين[3] وڏيءَ معرفت جو صاحب ٿي گذريو آهي.

سفينته الاولياءِ جي صاحب سندس لاءِ لکيو آهي:

از بزرگان- صحیح است

جلیل القدر وجامع علوم ظاهر وباطن بودند. [1]

بکر جي سيد بدرالدين جي ننڍيءَ نياڻيءَ سان نڪاح ڪيائين[2] تحفتہ الڪرام ۾ اخبار الاخيار ۾ آيو آهي تہ:[3] سيد امير بدرادين پنهي

---

[1] اخبار الاخيار ص 61.
[2] بزم صوفيا، ص 395.
[3] اخبار الاخيار ص 61.
[1] ص 21
[2] تحفتہ الڪرام ج 3. ص 125
[3] ساڳيو

Gul Hayat Institute

جهانن جي سردار حضرت رسول ڪريمﷺ جي ارشاد موجب پنهنجي نياڻي سيد جلال کي نڪاح ۾ ڏني.[4] تحفت الڪرام جي صاحب سيد بدر الدين جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:[5] "سيد بدرالدين عرف سيد بدر بن سيد صدر الدين خطيب. اعتماد جوڳيون متواتر روايتن سان سندس پيڙهي امام علي نقيءَ سان ملي ٿي. هو ذات جي بزرگيءَ ۽ سهڻين صفتن سان موصوف هو. يقين، معرفت ۽ ديني حقيقتن ۾ پنهنجي ڏينهن ۾ ممتاز رهي چڪو آهي. سندس اولاد خاندان جي سرداريءَ ۽ نسب جي بزرگيءَ ۾ روهڙيءَ ۾ مشهور آهي."

عزيزن قريبن جي لاوت چاوت جي ڪري سيد جلال 1244ع ۾ بکر مان لڏي وڃي اچ وينو. سندن طفيل اچ ۾ اسلام جي غير معمولي اشاعت ٿي ۽ اسلام جو مرڪز بڻجي ويو. ان کان پوءِ پنجاب ۾ جهنگ سيالان شهر جو بنياد وڌائين. سڄي حياتي پنجاب ۽ سنڌ ۾ اسلام جي تبليغ ڪندو رهيو. ڪيترين ئي قومن سندس هٿ تي اسلام قبول ڪيو. 95سالن جي عمر ۾ 1291ع ۾ اچ ۾ وفات ڪيائين ۽ اتي ئي مدفون ٿيو.[6] کيس ٽي پٽ حضرت سيد احمد ڪبير، سيد بهاءُ الدين ۽ سيد محمد ٿيا. سيد محمد کي حضرت سيد جلال الدين بخاري مخدوم جهانيان جهان گشت فرزند ٿيو. جو وڏي پايہ جو بزرگ ٿي گذريو آهي. حضرت بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جي پوٽي حضرت رڪن الدين جو وڏو خليفو هو. دهليءَ جو بادشاهہ فيروز تغلق سندس وڏو معتقد هو ۽ کيس "شيخ الاسلام" جو عهد سونپيو هئائين.

## حضرت بابا فريد گنج شڪر

حضرت بابا فريد چشتي طريقي سان منسلڪ هو. معرفت جي اعليٰ منزل تي فائز هو. سندس نالو فريد الدين ۽ لقب گنج شڪر هو. سندس ولادت جي تاريخ ۾ اختلاف آهي. بزم صوفيہ جي صاحب 582 هہ ڏني آهي. هوڏانهن سير الاولياءِ ۾ بين ڪن تاريخ 569هہ ڄاڻائي آهي. سندس روضي تي بہ اهائي

---

[4] ايضاً
[5] تحفت الڪرام ج-3 ص125
[6] اخبار الاخيار ص 61 ۽ آب-ڪوثر ص 9-31 بحوالہ بهاولپور گزيٽيئر



Gul Hayat Institute

تاريخ لکيل آهي. تذڪره نگارن لکيو آهي تہ بيعت وقت سندس عمر 18 سال هئي ۽ بيعت کان پوءِ 80 سال زنده رهيو. انهيءَ لحاظ سان بہ سندس ولادت جي تاريخ 569 هہ صحيح معلوم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو سندس وفات جي تاريخ اتفاق راءِ سان 664هہ آهي. سندس والد بزرگوار جو نالو مولانا جمال الدين سليمان هو ۽ ديوان چاولي مشائخ، ضلعي ملتان جا وينل هئا. اڃا ننڍو ئي هو تہ سندس والد بزرگوار وفات ڪئي. سندس والده کيس ڳوٺ جي عالم وٽ پڙهڻ ويهاريو. جتان ابتدائي تعليم حاصل ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ملتان آيو جتي قرآن شريف حفظ ڪيائين ۽ مولانا منهاج الدين جي مسجد ۾ فقهہ جو مشهور ڪتاب "نافع" شروع ڪيائين. هڪ ڏينهن "نافع" ڪتاب پڙهيو رهيو هو تہ خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي، مسجد ۾ نماز پڙهڻ آيو. حضرت خواجہ جي نظر تيز اثر، حضرت بابا فريد کي گهائي وڌو. ٿوري ئي گفتگو کان پوءِ حضرت خواجہ جي دست حق پرست تي بيعت ڪيائين. بزم صوفيہ جي صاحب لکيو آهي تہ: حضرت خواجہ بيعت وقت، حضرت بابا ڏانهن مخاطب ٿي هيءَ رباعي پڙهي:

مقبول تو جز مقبل جاوید نشد
وز لطف تو هیچ بنده نومید نشد
لطفت بکدام بنده پیوست دمے
کان ذره به از هزار خورشید نشد.

ڪن تاريخن لکيو آهي تہ: بعيت ملتان ۾ نہ ٿي، پر ان ملاقات کان پوءِ حضرت بابا فريد جڏهن دهليءَ ويو تہ اتي ٿي. حضرت خواجہ حسن نظاميءَ بہ ائين لکيو آهي. مولانا جمالي ملتان ۾ بيعت جي تصديق ڪري ٿو:

"همدران این حضرت شیخ فرید الدین مسعودیہ شرف ارادت مشرف شد."

ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"بتحقیق پیوستہ است کہ حضرت فرید الدین مسعود در ملتان بہ بیعت حضرت زبده الاحرار شیخ لاسلام قطب الدین کاکي اوشي مشرف شد."

Gul Hayat Institute

جڏهن حضرت خواجه صاحب دهليءَ روانو ٿيو، تڏهن حضرت بابا فريد به ساڻس همراهه ٿيو. اجا ٿي منزلون طئي ڪيائون ته: حضرت خواجه صاحب کين سڏي چيو ته: "اجا اتي ترس ۽ ظاهري علمن جي تحصيل ۾ پوري ڪوشش وٺ، ڇاڪاڻ جو بي علم زاهد مسخرو يا شيطان آهي."

مرشد جي حڪم موجب موٽي ملتان آيو ۽ ڪجهه وقت اتي رهي، تعليم حاصل ڪري، قنڌار هليو ويو ۽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪيائين. اتان بغداد ويو ۽ شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهرورديءَ، سيف الدين باخزري، سعيد الدين حمدي، بهاءالدين حموي، شيخ اوحدالدين ڪرماني ۽ شيخ فريدالدين نيشاپوري جهڙن صوفين جي صحبت مان فيض پرايائين.

پنجن سالن جي سياحت کان پوءِ، پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ دهليءَ ويو. جنهن غزني دروازي جي برج جي هيٺان حجرو کيس مرحمت فرمايو. جيئن اتي رياضتون ۽ مجاهدا ڪيائين. مرشد کان اجازت وٺي "هانسيءَ" هليو آيو. معتقدن جي هجوم کان بيزار ٿي "اجودهن" هليو آيو جتي ڪجهه اڪيلائي ۽ سڪون ڏسي رهي پيو. حضرت بابا فريد تمام ڏاڍيون رياضتون ڪيون. سندن پنهنجو بيان آهي ته: ويهه سال لاڳيتو عالم_تفڪر ۾ بيٺا رهيا. تان جو پير سڄي پيس ۽ انهن مان رت وهڻ لڳي. انهيءَ وچ ۾ کيس ياد نه آهي ته ڪجهه کاڌائين پيتائين يا نه. هميشه روزا رکندو هو.

سندس مريدن مان ڪي ٿي وڏا عارف ٿيا: جن مان حضرت نظام الدين اوليا دهلويءَ جو نالو قابل ذڪر آهي. ڪيترنئي ٿي خلق خدا کي فيض ڏيڻ کان پوءِ 664ع ۾ وفات ڪيائون.

## سير و سياحت ۽ سيوهڻ ۾ اقامت

Gul Hayat Institute

سياحت گهڻي ڪيائون، پر ان جي پوري تفصيلات معلوم ٿي نه سگهي آهي. جيتري قدر معلوم ٿيو آهي ته:

مشهد مقدس ۾ وڃي "امام موسيٰ رضا" جي زيارت ڪيائون. حرمين شريفين وڃي حج جو فرض ادا ڪيائون. اتان ٿي ڪربلا معليٰ آيا، جتي بابا ابراهيم وليءَ سان مليا ۽ کانئس فيض پرايائون. مرشد جي حڪم موجب اتان سنڌ جو رخ رکيائون. سبزواري ساداتن جي وڏي "مير ڪلان" جي به ڪربلا معليٰ ۾ ٿي ساڻن ملاقات ٿي: جنهن کي سيوهڻ جي پاسي وڃي رهڻ

جو حڪم ڪيائون. ❶ ”مير ڪلان“ جو احوال اڳتي بہ ايندو.

اتان ٿي بغداد آيا، جتي ڪيترن ئي بزرگن ۽ عالمن سان مليا. بغداد ۾ سيد علي وزير جو احوال اڳ ۾ بہ اچي چڪو آهي ۽ اڳتي بہ ايندو. هو لعل سائين جو خاص مريد هو ۽ لعل سائينءَ جي مٿس خاص نظر هئي. سندس مزار ننڍي قبي ۾ لعل سائينءَ جي روضي جي ٻاهران ايوان ۾، مسجد جي اولهہ طرف آهي.

حڪم فتح محمد سيوهاڻي جي ”آئينہ سڪندر“ مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت شهباز هڪ بزرگ حضرت احمد اندلسيءَ جي صحبت ۾ بہ رهيو. احمد بن حمزه 599هہ ۾ رشيا (اندلس) ۾ وفات ڪئي. ❷ جيڪڏهن اها روايت صحيح آهي تہ پوءِ چئبو تہ حضرت شهباز اندلس تائين سير و سفر ڪيو. يعني سندس سياحت جو دائرو تمام وسيع هو. بغداد مان ٿي ڪيچ مڪران جي رستي هندستان جو رخ رکيائون. مڪران ۾ وادي پنج گور نهر رخشان جي جنوب ۾ هڪ سرسبز ميدان ۾ چلا ڪڍيائون. هزارين مڪراني بلوچ سندن مريد ٿيا. اچا تائين اهو ميدان ”دشت شهباز“ جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ❸ اهوئي سبب آهي، جو اڄ تائين هزارين مڪراني سندن زيارت ڪرڻ اچن ٿا.

پسني بندر جي پرسان ٽڪر تي ”لعل بڪر“ نالي هڪ بزرگ جي مزار آهي. روايت آهي تہ اهو هڪ ٻڪرار هو ۽ پسنيءَ جي پسگردائيءَ ۾ ٻڪريون چاريندو هو. حضرت قلندر شهباز جڏهن هتان اچي لنگهيو. تڏهن ان جي نظر فيض اثر سان رڱجي ريٽو ٿيو ۽ ”لعل“ لقب حاصل ڪيائين.

هن مان ظاهر آهي، تہ حضرت شهباز سائين مڪران مان ٿي، پسني مان لنگهيا. ان ڪان پوءِ سفر ڪندو سنڌ ۾ آيو هوندو ۽ سنڌ گهمي هوندائين. انهيءَ ئي سفر جي دوران سيوهڻ ۾ بہ آيو هوندو. ان ڪان پوءِ سير و سفر ڪندو ملتان ويو هوندو. ملتان ۾ شيخ حضرت الاسلام غوث بهاءُ الدين ملتانيءَ ۽ سندس فرزند حضرت شيخ صدر الدين ملتانيءَ سان مليا ۽ ساڻن روح رهاڻيون ڪيائون. اتي ئي شيخ فريد ۽ حضرت جلال بخاري بہ سندن

---

❶ الشهباز- جليل سيوهاڻي

❷ طبقات اوليا- علامہ الشعراني، ص 382

❸ مڪران گزيٽيئر ص 309.

دوست ۽ صحبتي ٿيا، جن سان آخري عمر تائين صحبتون ڪندا رهيا. انهن سان گڏجي اونهاري ۾ ڪشمير ۽ بلخ بخارا ڏانهن ويندا هئا. ڪشمير جي دامن ۾ ايبٽ آباد ۽ بخارا جي ٽڪرين ۾ سندن ٽڪيا اڃا تائين موجود آهن. سياري ۾ پنجاب، سنڌ ۽ بلوچسان ۾ روحانيت جي تبليغ ڪندا هئا. تحفته الڪرام جي حوالي سان ان جو ذڪر اڳ ۾ به ڪيو ويو آهي.

ڪڇ، گرنار ۽ گجرات جو سير و سفر به ڪيائون. چيو وڃي ٿو ته گرنار ۾ هڪ مائيءَ ڪين روئي عرض ڪيو ته ”منهنجو پٽ گم ٿي ويو آهي، اهو لهي ڏيو.“ اهو ٻڌي پاڻ هڪ مڙهيءَ ۾ ويا، جتي ست ٻاوا رهندا هئا، جي ڇوڪري کي کهي ڪائي چُڪا هئا. پاڻ ان ڇوڪري کي سڏ ڪيائون، جنهن تي ڇوڪرو نڪري آيو. ڇوڪرو سندن نظر فيض اثر سبب درويش ٿي ويو. ٻاون کي آئينده اهڙي ڪم ڪان سخت تنبيهه ڪيائون.

جهونا ڳڙهه به ويا، جتي هڪ درويش سان ملاقات ڪيائون.❶ سنڌ به گهميا، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

روايتون آهن ته هندستان ۾ ”بو علي قلندر“ سان به ملاقات ڪيائون. تحفته الڪرام جي صاحب لکيو آهي ته:❷ ”بو علي قلندر سان جڏهن مليا، تڏهن هن کين چيو ته هندستان ۾ ٽي سؤ قلندر موجود آهن. بهتر آهي ته توهان سنڌ ڏانهن وڃو. ان مشوري مطابق سنڌ ۾ آيا.“

”بو علي قلندر“ سان سندن ملاقات تاريخي لحاظ کان ممڪن ٿي سگهي ٿي، پر اها مشوري واري ڳالهه پوري نه آهي. اڳ ۾ بيان ٿي آيو آهي ته لعل سائينءَ جن اڳ ۾ ئي مرشد جي حڪمت موجب، سنڌ ۾ قيام ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪا هئا. انهيءَ ڪري شهزادي محمد جي عرض ڪرڻ تي به ملتان ۾ نه رهيا. شهزادي محمد وارو تاريخي واقعو به اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

حضرت بو علي قلندر به وڏو الله وارو ٿي گذريو آهي. سندس حياتيءَ جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو ته، جيئن پڙهندڙن کي ڪنهن به ڳالهه جو مونجهارو نه ٿئي:

---

❶ نزهته الخواطر، ج1، حصو دوم طبع 1350هه ص 5 ۽ بزم-صوفيه ص 235 کان 25.
❷ بزم-صوفيه



Gul Hayat Institute

## حضرت بو علي قلندر

سندس نالو شرف الدين ۽ لقب بو علي قلندر هو. حضرت امام اعظم ابو حنيفه جي اولاد مان هو. سنه605هه برابر 1208ع ۾ پاڻي پت ۾ سندن اولاد ٿي. ننڍپڻ ۾ ئي اڪابر عالمن کان ظاهري علمن جي تحصيل ڪيائون. اسلامي دنيا جي سياحت ڪري، بزرگن کان فيض پرايائون. حضرت شمس الدين تبريزيءَ ۽ مولانا جلال الدين رومي کان خرقو حاصل ڪيائون. آخر دهليءَ ۾ اچي قطب مناري جي پرسان ٽيهه سال[1] درس ۽ تدريس جو فيض جاري رکيائون. ان کان پوءِ مٿن جذب ۽ سرمستيءَ جي ڪيفيت طاري ٿي ويئي. جا آخري عمر تائين مٿس قائم رهي. "حڪمت نامه" ۾ بيا ڪجهه رسالا تصوف بابت تصنيف ڪيائون. سن 724هه برابر 1324، رمضان مهيني جي 13 تاريخ وفات ڪيائون ۽ ڪين ڪرنال ۾ مدفون سندن جسد مبارڪ قبر مان ڪڍي پاڻي پت ۾ وري دفن ڪيو.[2]

## ملتان ۾ ڪڏهن آيا؟

هينئر سوال اٿي ٿو ته ملتان ۾ ڪهڙي سن ۾ آيا؟ قلندر نامه سنڌي جي صاحب جو چوڻ آهي، ته سيوهڻ ۾ 649هه ۾ آيا.[3] ان لاءِ هن صاحب هيءَ تاريخ به ڏني آهي.

چون باز آشيان قدس شهباز    سيوستان را نموده جنت آسا
خرد تاريخ آن از روئے اخلاص    نمود آفتاب دين گفتا.

(اخلاص جي پهرين الف جا عدد. پوئين مصرع جي عدد سان گڏبا ته 649هه ٿيندو).

تحفته الڪرام جي هڪ روايت آهي ته حضرت غوث بهاو الحق ۽ سندس فرزند صدر الدين عارف سان گڏجي سير و سفر ڪندي ٺٽي جي پير پٺي سان ملاقات ڪيائون پير پٺي 642هه ۾ وفات ڪئي جيڪڏهن اها

---

[1] بزم صوفيا، ص 235 کان 250 ۾ ويهه سال آيل آهي.
[2] الشهباز
[3] تحفته الڪرام ج3، ص. تذڪره صوفيائي سنڌ جي صاحب (ص200) به تحفته الڪرام جي حوالي سان اهو بيان ڏنو آهي.

Gul Hayat Institute

روايت صحيح آهي، تہ پوءِ چٽيبو تہ 642ھ ڪان بہ اڳ سنڌ ۾ آيا. انهن سالن ۾ حضرت شيخ بهاءالحق ملتانيءَ جو زنده هجڻ ثابت آهي. ڇاڪاڻ جو حضرت غوث 661ھ ۾ وفات ڪئي پر هن ڪان اڳ تاريخ معصوميءَ جي حوالي سان ملتان ۾ سلطان محمد جي ساڻن ملاقات ڏيکاري وئي آهي. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو، تہ سلطان غياث الدين بلبن 663ھ (66_1265ع) ۾ دهليءَ جي تخت تي ويٺو ۽ سندس پٽ سلطان محمد 669 ڌاري ملتان جو گورنر ٿي آيو. جيڪڏهن ائين ڏيکاربو تہ پهريون ٿي پيرو سلطان محمد جي گورنري جي زماني ۾ ملتان ۾ آيا تہ پوءِ حضرت غوث بهاؤالحق سان ملاقات قبول ڪري نہ سگهبي. هوڏانهن حضرت غوث بهاؤالحق سان سندن ملاقات ۽ گڏجي سير و سفر ڪرڻ مشهور آهي. جيڪڏهن سلطان محمد واري ملاقات ۽ حضرت غوث جي ملاقات ٻئي قبول ڪجن، تہ پوءِ سندسن سير و سفر جي واٽ ۽ وقت هن طرح مقرر ڪري سگهبو: مڪران ڪان ٿي 646ھ ڪان گهٽ اڳ سنڌ ۾ آيا. اتان ٿي ملتان ويا ۽ حضرت غوث سان ملاقات ڪيائون. ان سان گڏجي هند ۽ سنڌ جو سير و سفر ڪيائون. پهريون پيرو ملتان ۾ بہ 646ھ ڪان اڳ ويا هوندا. معلوم ٿئي ٿو تہ حضرت غوث سان سير و سفر ڪرڻ ڪان پوءِ 269ھ ۾ سيوهڻ ۾ آيا هوندا ۽ رهي پيا هوندا. حضرت غوث جي وفات ڪان پوءِ 665ھ ۾ سلطان محمد جي ڏينهن ۾ حضرت شيخ صدر الدين سان ملڻ لاءِ ٻيهر ملتان ويا هوندا، جتي سلطان محمد ساڻن مليو ۽ ڪين ملتان ۾ رهڻ لاءِ عرض ڪيائين. پر پاڻ نہ مڃيائونس ۽ وري سيوهڻ ۾ موٽي آيا.

## سيوهڻ ۾ آمد

لڪياري ساداتن ۽ لڪياري جي عوام وٽ روايت آهي❶ تہ حضرت قلندر شهباز سيوهڻ اچڻ وقت پهريائين لڪيءَ آچي حضرت شاهہ صدر❷

❶ روزانو "مهراڻ" شاهہ صدر نمبر 1958ع ص 3_4 ۽ 60.

❷ ظالم راجا دلوراءِ کي زير ڪرڻ لاءِ سندس ياءُ ڇٽي امراٽيءَ جي عرض تي سيد علي مڪيءَ سامره مان سنڌ ۾ آيو. شاهہ صدر الدين، ان سيد علي مڪي جي اولاد مان هو. وڏو اهل الله هو. تمام وڏيءَ عمر ۾ وفات ڪيائين. ڪيترائي هندستان جا بزرگ پري پري ڪان کهي وٽس ايندا هئا. جيئن تہ: خواجہ عثمان هاروني خواجہ معين الدين چشتي اجميري (ڏسو دليل العارفين مجموعہ هشت بهشت اردو ص 14) خواجہ فريد الدين گنج شڪر (مجموعہ هشت بهشت اردو ص 20) وغيره سندس اولاد مان ڪيترائي اهل الله پيدا ٿيا، جن جون درگاهون سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آهن. انهن

سان ملاقات ڪئي ۽ موڪلائڻ وقت کيس چيو "مون سان گڏ پنهنجي اولاد ڏيو جا مون سان هميشه لاءِ گڏ رهي." حضرت شاهه صدر کين پنهنجو پوٽو شاهه صلاح الدين❶ سندن خدمت ۾ ساڻن گڏ روانو ڪيو.

بي روايت آهي ته حضرت شهباز سائين، پنهنجن ٽن يارن سان گڏجي لکيءَ ۾ شاهه صدر سان ملاقات ڪئي.❷

اهو قرين قياس آهي ته حضرت شهباز سائينءَ جي سيوهڻ ۾ اچڻ وقت حضرت شاهه صدر سان ملاقات ٿي هوندي، ڇاڪاڻ جو حضرت شاهه صدر سان قلندر شهباز جي همعصرن ۽ دوستن جهڙوڪ: خواجه معين الدين، خواجه فريد الدين ۽ عثمان هارونيءَ جون ملاقاتون تذڪرن ۾ مذڪور آهن.

تاريخن ۽ تذڪرن ۾ آيو آهي ته جڏهن سيوهڻ ۾ آيا، تڏهن پهريائين ان جاءِ ۾ آيا، جتي هينئر سندن درگاهه آهي. ان وقت انهيءَ هنڌ فاحشه عورتون رهنديون هيون. سندن اچڻ ڪري ان رات جيڪو به انهن وٽ ويو قادر نه ٿيو سڀ ڪنهن هڪ ٻئي کان پڇيو ۽ سڀ مرد ۽ عورتون نهايت حيران ٿي ويا. نيٺ سمجهيائون ته اهو اثر هن درويش اهل الله جو آهي. مٿن ايترو اثر ٿيو جو سڀ زالون ۽ مرد اچي سندن قدمن تي ڪريا. سچيءَ دل سان توبهه ڪيائون ۽ فيض سان مستفيض ٿي ويا. تنهن کان پوءِ ان زمين جي ٽڪر کي آباد ۽ سرسبز ڪرڻ لاءِ ڪمي وٺي آيا. پهريائين انهن مزدورن کي احاطو ڪڍڻ لاءِ چيائون، پاڻ لٺ هٿ ۾ ڪٺي بيهي رهيا. زمين جو مالڪ ترڪ اچي منع ڪرڻ لڳو پاڻ کيس لٺ هنيائون ۽ هو مري ويو جنهن تي کيس دفن ڪري ڇڏيائون. ميت جا وارث باز پرس ڪرڻ لاءِ شور ڪري آيا. تنهن تي فرمايائون ته: "مون ڪتو ماريو آهي، اجهو زمين ۾ پوريو پيو آهي. ڪڍيائون ته سچ پچ ڪتو نڪري آيو. چاتائون ته فقير ڪرامت جو ڌڻي

---

بزرگن ڪافي تبليغ ڪئي ۽ سنڌ کي روحاني فيض پهچايو. حضرت پير پاڳارو ۽ جهنڊي وارا بزرگ پڻ انهيءَ خاندان مان آهن.

❶ تحفته الڪرام (ج3، ص 137) ۾ آيو آهي "سيد صلاح الدين اصل لڪعلويءَ جي سيدن مان آهي. پنهنجي ذاتي صلاحيتن جي وسيلي دنيا خواهه دين جي سڌاري ۾ ڪوشش ڪري نالو ڪڍيائين ۽ درگاهه جي سجاده نشيني نصيب ٿيس. سندس وجود پنهنجي پير جي نظر فيض اثر جي برڪت سان مريدن ۽ متعلقن جي هر طرح جي سڌارن جو باعث ٿيو. ڀڳي ٺوڙي ٽڪر تي هڪ تلعڙو سندس يادگار آهي" ان مان به معلوم ٿئي ٿو ته سيد صلاح الدين قلندر شهباز سان رهيو هو ۽ سندس سجاده نشين ٿيو هو.

❷ شاهه صدر نمبر 13.



Gul Hayat Institute

آهي، جنهن ڪري معتقد تي پيا ۽ زمين سندن حوالي ڪيائون.❶ قلندر نامي جي مصنف ان تي تبصرو ڪندي، ان سوال تہ "حضرت قلندر شهباز جيئن تہ ولايت جو صاحب هو پرائي مال تي ڇو تصرف ڪيائون ۽ هن شخص کي ڇو بيگناهہ ماريائون؟" جو مفصل بيان ڏنو آهي. ترڪ ڪي مارڻ واري جواب ۾ محضرت موسيٰ ۽ حضرت خضر وارو قرآن حڪيم وارو واقعو پيش ڪري لکيو اٿس تہ "ان ۾ بہ ضرور ڪو اسرار رکيل هوندو ڇاڪاڻ تہ الله وارن کي اهو علم تئي ٿو جو عام کي ڪونهي."❷

زمين جي باري لکيو اٿس تہ فقيرن جي نظر ۾ ڪا شيءِ ڪنهن جي ملڪيت نہ آهي، بلڪہ الله (جل) جي ملڪيت آهي، جيئن قرآن حڪيم ۾ آيو آهي:

اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ ۙ يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۭ (الاعراف ١٢٨). ❸

حضرت قلندر شهباز جي شرف ۽ شان کي نظر ۾ رکجي ٿو تہ اها ڳالهہ اعتبار ۾ نہ ٿي اچي تہ ڪو زمين جي مالڪ کي لٽ سان ماري پوري ڇڏيو هونداڻون ۽ پوءِ اهو ڪتو ئي نڪتو هوندو. اها ڳالهہ شريعت جي بہ خلاف آهي ۽ بزرگن جي مشفقانہ مزاج سان بہ موافقت نہ ٿي رکي.

سيوهڻ جي عوام ۾ سندن اچڻ بابت ٻيون بہ ڪي روايتون مشهور آهن، پر اهي اعتبار جوڳيون نہ آهن ۽ تاريخي لحاظ کان پڻ غلط آهن.

## سندن اچڻ وقت سنڌ جي سياسي حالت

سندن سنڌ ۾ اچڻ وقت سومرن جي حڪومت هئي. سومرا هڪ قديم قوم آهي، جن سنڌ تي گهڻو عرصو حڪومت ڪئي، پر سندن حڪومت جي تاريخ تي ايڏا تہ تاريڪ پردا پيل آهن، جن جو نظير شايد ئي ڪنهن ملڪ يا قوم جي تاريخ ۾ ملي سگهي. ڪنهن بہ قديمي تاريخ ۾ سندن مفصل احوال آيل ڪونهي. تاريخ معصومي، فرشتہ، تحفتہ الڪرام، تاريخ طاهري ۽ منتخب التواريخ ۾ آيل احوال تمام مختصر آهي. تنهن کان سواءِ

---

❶ حديقتہ الاولياء، قلمي، ص51 ۽ تذڪره مشائخ سنڌ. بحوالہ قلندرنامون سنڌي، ص 20,21 ۽ تحفتہ الڪرام (سنڌي ترجمو) ص 349_350.

❷ قلندر نامو سنڌي، ص 22.

❸ ايضاً ص 22.

انهن ۾ سومرن حاڪمن جا جيڪي نالا ۽ سندن حڪومت جا جيڪي سن ڏنا ويا آهن، انهن ۾ پڻ اختلاف آهن.

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي، حضرت قلندر شهباز جن 646هه کان به اڳ سنڌ ۾ آيا. انهيءَ زماني ۾ مختلف تاريخن ۾ مختلف بادشاهه ڏيکاريا ويا آهن. هن هيٺ انهن جو تفصيل ڏجي ٿو.[1]

| تاريخي ڪتاب | نالو | وفات جو سن | حاڪم نمبر |
|---|---|---|---|
| تاريخ معصومي: | | | |
| تحفته الڪرام: | محمد طور | (وفات 654) | 10 |
| دولت علويه: | شمس الدين پونگر | (وفات 678) | 14 |
| منتخب التواريخ | محمد طور | (گادي نشين ٿيڻ جو سن) 636 هه | 10 |

جيئن ته دولت علويه ڪو ايڏو معتبر ڪتاب نه آهي، ڇاڪاڻ ته تازو لکيو ويو آهي ۽ محققن آڏو سندس حيثيت ناول ۽ افساني کان وڌيڪ نه آهي.[2] تنهن ڪري پائنجي ٿو ته ان وقت سنڌ جو حاڪم محمد طور هو.

623 هه ۾ سيوستان جي پرڳڻي تي ملڪ خان خلجيءَ قبضو ڪيو. هي ايلتمش جو طرفدار هو. انهيءَ ڪري قباچه سندس مقابلو ڪيو جنهن ۾ ملڪ خان مارجي ويو. 624 هه ۾ ايلتمش پنهنجي وزير نظام الملڪ محمد بن ابي اسعد کي سنڌ جي ولايت سونپي، قباچه کي زير ڪرڻ لاءِ موڪليو.[3] قباچه شڪست کاڌي ۽ 19 جمادالآخر 625 هه ڇنڇر رات سنڌو نديءَ ۾ بکر وٽ ٻڏي مئو.[4] تنهن کان پوءِ نظام الملڪ والي رهيو. تاريخ معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو ته: هن سنڌ جو انتظام نهايت سٺو رکيو. شهرن جي آباديءَ ۽ رعيت جي آرام لاءِ نهايت ڪوشش ۽ محنت ورتائين. سن 633 هه ۾ نورالدين محمد کي سنڌ جي سنيال تي ڇڏي پاڻ دهليءَ ڏانهن موٽي ويو.[5] هن نه فقط سنڌ جي مٿين حصي تي قبضو ڪيو پر سنڌ جي هيٺين حصي جي

---

[1] تحفته الڪرام (سنڌي ترجمو حاشي) ص 96 ۽ 97، روزنامه الوحيد، جو "سنڌ آزاد نمبر" ص 87.

[2] روزنامه الوحيد جو "سنڌ آزاد نمبر" ص 87.

[3] تاريخ معصومي: ص 36.

[4] لباب الالباب، از علامه قزويني مقدمو ص ڪ.

[5] تاريخ معصومي، ص 26_37.

Gul Hayat Institute

حاڪم سومري کي بہ زير ڪيو. سومرن جي حڪومت بہ ڪا سندن مستقل حڪومت ڪا نہ هئي. تمام شروع ۾ جڏهن هو سنڌ جي ڪنهن ٿوري حصي تي غالب هئا، جنهن جو ذڪر تفصيل سان تاريخن نہ ڪيو آهي، مسلمان حاڪمن جي اطاعت هيٺ هئا. تحفتہ الڪرام جو صاحب لکي ٿو تہ:

”مخفي نہ رهي تہ سومرا قوم حقيقت ۾ بہ سئو سال اڳي، سنڌ جي ڪجھہ حصي تي غالب هئي، پر جنهن صورت ۾ ڊل پريندڙ هئا ۽ مسلمان حاڪمن جي اطاعت جو ڳانو پنهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌيو ايندا هئا، تنهن ڪري انهن جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي“. [2]

سندن باقاعدي حڪومت سلطان محمود جي فرزند عبدالرشيد جي ڏينهن ۾ شروع ٿي. جيئن تہ عبدالرشيد سادو ڪم عقل ۽ عياش هو. تنهن ڪري سرحدن جا ماڻهو سرڪشي شروع ڪري فرمانبرداريءَ کان نڪري ويا. انهن ئي ڏينهن ۾ سومرا قوم جي ماڻهن ٿرڙي ۾ لشڪر گڏ ڪري، ”سومري“ نالي هڪ شخص کي گاديءَ تي ويهاريو. [3]

ان مان ظاهر آهي تہ سومرا پهريائين غزنوي خاندان جا باجگذار هئا. انهن جي ڪمزور ٿيڻ کان پوءِ خود مختيار ٿي ويا. ان کانپوءِ هو ڪڏهن دهليءَ وارن جي ماتحت رهندا آيا پر ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ بغاوت ڪري خودمختيار بہ ٿي ويا. هندستان جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ پنجين صديءَ ۾ غوري گهراڻي جو تسلط نظر اچي ٿو ڇهينءَ صديءَ ۾ ناصر الدين قباچہ اچ کي گاديءَ جو هنڌ بڻائي سنڌ تي راڄ ڪرڻ لڳو. طبقات ناصريءَ وارو لکي ٿو تہ: قباچہ جي مرڻ کان پوءِ سنڌ، سمنڊ جي ڪناري تائين فتح ٿي ۽ ديول ۽ سنڌ جو والي ملڪ سنان الدين چنيسر ايلتمش جي تابع ٿيو. [4]

هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ: سومرن جي حڪومت سنڌ جي هيٺين حصي تي هئي. سيوهڻ تي انهن جي حڪومت ڪا نہ هئي. تحفتہ الڪرام مان معلوم ٿئي ٿو تہ: ان زماني ۾ نہ فقط بکر، سيوهڻ ۽ سنڌ جي هيٺانهين حصي

---

[2] تحفتہ الڪرام، ج 3، ص 27.

[3] تاريخ معصومي، ص 60، تحفتہ الڪرام ص 35. تحفتہ الڪرام سومرن جي گاديءَ تي ويهڻ جو سن 445 هہ ڏنو آهي. عجائب الاسرار (اردو ترجمو ص 14) سندن تخت نشينيءَ جو سن 1051ع ڏنو آهي.

[4] طبقات ناصري، ص 123.



Gul Hayat Institute

جون ڏار ڏار حڪومت هيون، پر بيون بہ ننڍيون ننڍيون رياستون هيون، جي سنئيون سڌيون ملتان جي حڪومت جون ڏن پرو هيون. تحفتہ الڪرام ۾ آيو آهي.[1]

"اڄ ۽ ساري سنڌ تي ناصرالدين قباچہ جو حڪم جاري ٿيڻ لڳو. انهيءَ وقت سنڌ جي سرزمين تي انهن جاين تي جيڪي بيان ٿينديون- ست راڻا ملتان جا ڏن پرو هئا. پهريون راڻو سهتو(پونر) راڻوڙ رهنڊڙ ڊيڙو تعلقو دربيلو[2] ٻيو راڻو "سنز ولد ڏماچ" ڪوريجو سمو رهنڊڙ تونگ- جو روپاه جي حدن ۾ هو. ٽيون "جيسر ولد جڄہ رجڄو"، ماڇي سولنگي، رهنڊڙ مانگتارو، چوٿون وڪيو ولد پنهون چنو ساڪن سيوئيءَ جو لڪ، پنجون چنو ولد ڏهڙ (ڏيتو)، ذات چنو ساڪن پاڳ نئي (ناڙي)، ڇهون "جيو بن ورياهہ"، ساڪن جهم يعني هيمه ڪوٺ ۽ ستون "جوڏن آگرو"، رهنڊڙ مين تڪر تعلقو پانير واهہ".

هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ: حضرت قلندر شهباز جي اچڻ کان ٿورو اڳ قباچہ ايلتمش جي زماني ۾ سنڌ ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل هئي ۽ هر هڪ تي جدا جدا حاڪم هو. سڄيءَ سنڌ تي سومرن جي حڪومت ڪا نہ هئي، پر سندن زماني ۾ ڪن حصن تي هندو راجائون بہ قابض هئا. سومرن جي شروعات جي دؤر ۾ ظالم هندو راجا دلوراءِ جو واقعو تحفتہ الڪرام ۾ موجود آهي. سندس گادي هو هنڌ اروڙ ۽ برهمڻ آباد هئا. سندس ننڍي ڀاءُ[3] ڇتي امراڻيءَ اسلام قبول ڪيو. ڀاءُ جي ظلمن کان تنگ ٿي، مسلمانن جي خليفي وٽ دانهن ڪٽي ويو، جنهن ڪري سيد علي مڪي[4] فوجي دستو وٺي دلوراءِ کي سيکت ڏيڻ لاءِ ۽ سنڌ ۾ تبليغ ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو جنهن تي دلوراءِ توبهہ تائب ٿي مسلمان ٿيو ۽ پنهنجي نياڻي سيد صاحب کي ڏنائين، جنهن مان ڪيس اولاد ٿي. ڪيس هي چار پٽ ٿيا: (1) سيد محمد، (2) سيد

---

[1] تحفتہ الڪرام ج 3، ص 32.
[2] تحفتہ الڪرام ج 3، ص 43 کان 46.
[3] ڇتي اميراڻي جو مقبرو سيوهڻ جي ڀاهران قديم مقام ۾ ريلوي اسٽيشن جي لڳ آهي.
[4] سيد علي بن سيد عباس بن سيد حسين بن سيد راشد بن سيد زيد بن سيد جعفر بن سيد عمران بن سيد هارون بن سيد عبدالله الاشرف بن سيد قاسم بن سيد عبدالله بن امام موسي ڪاظم. (تحفتہ الڪرام ج 3، ص 141).

مراديو (3) حاجي عرف پرڪيو (4) سيد چڱو.[1] جيئن تہ تحفتہ الڪرام جي صاحب شاهہ صدر کي محمد جو پٽ ڄاڻايو آهي،[2] تنهن ڪري گمان غالب آهي تہ شاهہ صدر جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي، جنهن سان سنڌ ۾ اچڻ وقت قلندر شهباز جي لڪيءَ ۾ ملاقات ٿي، سيد عليءَ مڪي جو پوٽو هوندو.

ايلتمش 26 شعبان سن 233 هہ سومر ڏينهن وفات ڪئي. 639 هہ ۾ جڏهن سندس پوٽو سلطان مسعود شاهہ ابن رڪن الدين فيروز شاهہ تخت تي ويٺو تڏهن هن نورالدين محمود کي موقوف ڪري ملڪ جلال الدين حسن کي گورنر بڻايو.[3]

اهڙي طرح تاريخ ۾ سنڌ جي گورنرن جا نالا تہ ملن ٿا، پر ملڪ خان خلجي کان پوءِ سيوهڻ جي حاڪم جو نالو نہ ٿو ملي. سيوستان تي جدا حاڪم تہ ضرور مقرر ٿيندو هوندو جو سنڌ جي گورنر جي ماتحت هوندو پر تاريخ انهن جا نالا ڪو نہ ٿي ڏئي. سيوهڻ جي حاڪم جو نالو وري سن 649 هہ ۾ ملي ٿو. تاريخ معصوميءَ جو صاحب لکي ٿو تہ: جڏهن ناصرالدين محمود بن سلطان ايلتمش دهليءَ جي تخت تي ويٺو تڏهن هو 22 شوال، 649 هہ سومر ڏينهن، لاهور، ملتان اچ ۽ بکر ڏانهن روانو ٿيو جتي پهچي سيوستان جي ولايت تتلغ خان ۽ اچ ۽ ملتان جي سنڀال ملڪ سنجر جي حوالي ڪري دهليءَ جي تخت گاهہ ڏانهن موٽي ويو.[4]

هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سلطان ناصرالدين سنڌ تي هڪ حاڪم رکڻ جي بدران، ملتان، اچ بکر ۽ سيوستان تي جدا جدا حاڪم مقرر ڪيا. مٿي لکجي آيو آهي تہ حضرت قلندر شهباز جن پيو پيرو 649 هہ ۾ سنڌ ۾ آيا، تتلغ خان بہ انهيءَ زماني ۾ سنڌ جو حاڪم مقرر ٿيو.

عوام ۾ مشهور آهي تہ لعل سائينءَ جي اچڻ وقت سيوهڻ تي هڪ ظالم هندو راجا حاڪم هو جنهن جو نالو جيسر ۽ لقب "چرپٽ" ٻڌايو ويندو

Gul Hayat Institute

---

[1] تحفتہ الڪرام ج 3، ص 141.

[2] تحفتہ الڪرام ج 3، ص 142.

[3] تاريخ معصومي، ص 37.

[4] تاريخ معصومي، ص 38.

تحفتہ الڪرام (ج 3، ص 33) جي صاحب لکيو آهي تہ: "ناصر الدين، ملتان، اچ ۽ سارو سنڌ ملڪ، "ملڪ سنجر" جي حوالي ڪري موٽي ويو".

آهي. ان لاءِ سنڌيءَ ۾ چوڻي مشهور آهي ته. "انڌير نگري چرپٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا". مشهور آهي ته: انهيءَ جي ڏينهن ۾ هڪ ظالم ڪاسائي "هنود" ڪاسائڪو ڪم ڪندو هو. هنود واري ڪڏ اڃا تائين سيوهڻ ۾ سڏجي ٿي، جنهن ۾ هينئر پوسٽ آفيس به آهي. ❶ عوام ۾ مشهور آهي ته: لعل سائينءَ جي سيوهڻ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ سندن طالب سڪندر بودلو سيوهڻ ۾ آيو هو. ڪيس سونهاري ڏکهي هوندي هئي، جنهن سان گهٽيون ۽ سير ٻهاريندو به رهندو هو ۽ چوندو به رهندو هو ته "منهنجو مرشد لعل اچي رهيو آهي". فقير قلعي جي ٻاهران ڪپڙن ۾ ويٺو هوندو هو. ان جي سامهون راجا ڄي محلات ۾ سندس ڏيءُ هار سينگار ڪري اچي ويهندي هئي. ماڻهن جڏهن هنن ٻنهي کي ڏٺو ته چوپچو پئجي ويو. راجا پنهنجي خواري سمجهي، هنود ڪاسائيءَ کي گهرائي حڪم ڏنو ته هن فقير کي ڪنهن بهاني سان وٺي وڃي کهي ڇڏ. هنود ڪيس دعوت جو بهانو ڪري وٺي اچي کهي گوشت سان گڏ وڪڻي ڇڏيو. بودلي بادشاهه جون ٻوٽيون ڪٽي رجهي رهيون هيون ۽ ڪٽي ڪاڄي رهيون هيون ته لعل سائينءَ جن به اچي سيوهڻ ۾ وارد ٿيا. داخل ٿيڻ سان "بودلو بودلو" ڪري سڏيائون. سندن سڏ تي بودلو بادشاهه صحيح سلامت نڪري اچي ڪين پيرين پيو.

اهو ميجي سگهجي ٿو ته. ان وقت ۾ ڪو ظالم راجا حاڪم هجي، چاڪاڻ جو جيئن مٿي بيان ٿي آيو: اسان کي 649 هه کان اڳ سيوهڻ جي حاڪم جو نالو تاريخ ۾ نٿو ملي. باقي ايترو تاريخ مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جي حصن تي جدا جدا حاڪم هئا. ڪن ٽڪرن تي هندو راجائون به حاڪم هئا. انهيءَ ڪري پائنجي ٿو ته قتلغ خان کان اڳ، سيوهڻ تي مذڪوره ظالم راجا حاڪم هو جنهن کي 649 هه ۾ سلطان ناصرالدين شڪست ڏئي قتلغ خان کي سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيو: اها به لعل سائينءَ جن جي تشريف فرما ٿيڻ جي برڪت هئي، جو سندن اچڻ سان هڪ ظالم حاڪم جي پاڙ پٽجي وئي. سلطان ناصر الدين هڪ نهات ئي نيڪ بادشاهه هو. سندس لاءِ مشهور آهي ته قرآن شريف لکي ان تي گذارو ڪندو هو. ان جو سيوهڻ تي ڪاهڻ ثابت ڪري ٿو ته سيوهڻ جو حاڪم

---

❶ "هنود"، مسلمان "هندو" کي سڏيندا هئا. تنهن ڪري "هنود" نالو سمجهڻ نه گهرجي: پر "هنود" معنيٰ هڪ هندو ڪاسائي.

ظالم هو. ان مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ اهو ضرور لعل سائين جي باطني اشاري تي سيوهڻ تي ڪاهي آيو هوندو.

جيئن تہ وڏن شهرن ۾ وڌيڪ خرابي ٿيندي آهي ۽ ان جو اثر ماتحت علائقي تي هوندو آهي، جنهن ڪري ئي قلندر شهباز سيوهڻ کي پنهنجو مسڪن بڻايو. انهيءَ لاءِ تہ خرابيءَ جي پاڙ پٽجي ۽ گهٽي ۾ گهٽي تبليغ ٿي سگهي.

## رشد ۽ هدايت

اها هڪ روشن حقيقت آهي تہ حضرت قلندر شهباز جن سنڌ ۾ آيا ئي انهيءَ ڪري تہ جيئن عوام جي روحاني ۽ اخلاقي اصلاح ڪجي، اها بہ حقيقت آهي تہ انهي اصلاحي ۽ تبليغي ڪم کي بخوبي سرانجام ڏنائون، پر جيئن تہ انهيءَ زماني جي تاريخ تي تاريڪ پردا پيل آهن، تنهن ڪري انهن ڪارنامن جي تفصيل معلوم ٿي نہ ٿي سگهي. البت ڪي ڪي اهڃاڻ پڌائين ٿا تہ تبليغي ۽ اصلاحي ڪمن ۾ ڪيڏي نہ ڪوشش ورتائون. فاحشہ عورتن جي تڏي پٽائڻ وارو سندن پهريون ڪارنامو جنهن جو اڳ ۾ ذڪر ٿي آيو پڌائي ٿو تہ اچڻ سان ئي خرابيءَ جي پاڙپٽي ڇڏيائون. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اڳتي هلي ڇا ڇا نہ ڪيو هوندائون.

تنهن کان سواءِ جيئن تہ اچڻ سان ئي پهريائين زمين جي آباديءَ ڏانهن متوجهہ ٿيا. تنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندن تعليم سنڌن سڪو فقير ڪري ويهارڻ واري نہ هئي، پر پنهنجي عضون سان حق حلال جي روزي ڪمائڻ جي تعليم ٿي ڏنائون. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ نہ فقط روحاني اصلاح آڻڻ لاءِ بہ ڪوشش ڪئي هوندائون، پر عوام ۾ اقتصادي اصلاح آڻڻ لاءِ بہ ڪوشش ڪئي هوندائون.

انهن اصلاحي ۽ تبليغي ڪمن کي صرف سيوهڻ تائين محمود نہ رکيائون، پر سنڌ ۽ هند جا ڪيترائي هنڌ گهميا. تحفتہ الڪرام ۽ لب تاريخ سنڌ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ حضرت شهباز حضرت غوث العالم ملتاني، حضرت بابا فريد گنج شڪر ۽ سيد جلال اچ وارو گڏجي سنڌ ۽

هند جا گهڻا طرف گهميا.❶ خواجہ فريد گنج شڪر جو سيوستان ۾ اچڻ سندس پنهنجي ملفوظات مان بہ ظاهر آهي. انهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ جڏهن حضرت بابا فريد گنج شڪر سيوستان جي سير ۽ سياحت ۾ مصروف هئا، تڏهن شيخ واحدالدين ڪرمانيءَ سان سندس ملاقات ٿي. سيوستان جي ٻي هڪ بزرگ جو ذڪر ڪندي فرمايائون: ڏٺم تہ بزرگ ويٺو آهي ۽ ذڪر ڪري رهيو آهي. مان وٽس ويهي رهيس. هڪ ڏينهن ڪيس هوش آيو ۽ فرمايائون "الله تعاليٰ جنهن کي سعادت ابدي عطا ڪندو آهي، ان لاءِ ذڪر جو دروازو بہ کولي ڇڏيندو آهي. هو سمهندي، جاڳندي، اٿندي ۽ ويهندي، ذڪر ۾ رهندو آهي ۽ سواءِ قضاء حاجت جي سمورو وقت ذڪر ڪندو آهي".

حضرت شهباز سنڌ جي بہ ڪنڊ ڪڙڇ گهمي ٿي پيائنجي. تحفتہ الڪرام جو صاحب لکي ٿو تہ:

"رڪن پور، شيخ رڪن الدين ملتاني جي نالي سان ڳوٺ آهي. شيخ ريحان جهنگلي اتي جو ڪامل آهي جو ذات جو سومرو آهي. شيخ رڪن الدين ملتاني سندس زيارت لاءِ آيو هو، تنهن ڪان پوءِ انهيءَ ڳوٺ جو نالو سندس نالي پويان سڏجڻ لڳو. شيخ ريحان جو اصلي نالو چنيسر هو. چون ٿا تہ اتفاق سان ڪنهن وقت شيخ رڪن الدين ۽ مخدوم لعل شهباز اچي اتي نڪتا ۽ ڪيس ماني، کير ۽ ماکي کارائڻ لاءِ زور پريائون. هڪڙو قدرتي جنڊ پيدا ٿي پيو جنهن جو هڪ پٿر اڃا باقي آهي ۽ جنهن ڪنڊي جي وڻ مان ماکي لاٿي هئائون، اهو ڪنڊو پڻ يادگار ۽ ماڻهن جو زيارت گاهہ آهي".❷

تحفتہ الڪرام (ص 178) جي روايت موجب حضرت قلندر شهباز شيخ ريحان جهنگليءَ جي پٽ شيخ دودي جي شهادت کان پوءِ فاتح خواني لاءِ پٽر تي وڃي ويٺا هئا. اهو پپر جو وڻ جنهن کي ٽيڪ ڏئي ويٺا هئا، سو تحفتہ الڪرام جي صاحب جي ڏينهن تائين موجود هو.

تحفتہ الڪرام جي صاحب رڪن پور، نيرن ڪوٽ (حيدرآباد) جي پرسان هڪ مشهور ڳوٺ ڏيکاريو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ لعل سائين

---

❶ "راحت القلوب" ص-1 ۽ "بزم-صوفيہ" ص 129.

❷ تحفتہ الڪرام (سنڌي ترجمو) ص 445_446.

سنڌ جو پري پري تائين سير ڪيو ۽ اهو سير ضرور تبليغي لحاظ کان هوندو. البت مٿينءَ روايت ۾ لعل سائينءَ سان حضرت رڪن الدين جي موجودگي صحيح سمجهه ۾ نہ ٿي اچي. ڇاڪاڻ جو سندس زمانو حضرت شهباز کان پوءِ جو آهي. رڪن الدين حضرت غوث العالم جو پوٽو هو انهيءَ ڪري ڀائنجي ائين ٿو تہ لعل سائينءَ اهو سير ۽ سفر حضرت غوث بهاءالدين سان گڏجي ڪيو هوندو. حضرت رڪن الدين پوءِ اڪيلو ويو هوندو ۽ سندس آمد جي ڪري شهر تي نالو ئي رڪن پور پيو هوندو جيئن تحفتہ الڪرام ۾ ڄاڻايل آهي. تحفتہ الڪرام جي صاحب اهڙي ٻي غلطي بہ ڪئي آهي. يعني: حضرت رڪن الدين جي مريد حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت کي حضرت شهباز جو چوٿون يار ڏيکاريو اٿس. هوڏانهن حضرت شهباز جو يار مخدوم جهانيان جو ڏاڏو سيد جلال سرخ بخاري هو.

ساڳيو مؤرخ "منگهي جو طوق"، جو ڪراچي جي پرسان آهي، جي عنوان هيٺ لکي ٿو:

"مشهور جبل آهي. حاجي منگهو نالي هڪ اهل الله بزرگ، شيخ بهاءالدين ملتانيءَ جو همعصر اتي دفن ٿيل آهي- پڻ حاجي منگهي جي جبل ۾ مخدوم لعل شهباز جي ڪندريءَ نالي هڪ نهر آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي وڻندڙ باغ ۽ فقيرن جا ايڪانت پريا تڪيا آهن.[1]

جيئن تہ منگهو پير (ڪراچي) وٽ حضرت قلندر شهباز جي نالي هڪ نهر آهي، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ اتي وڃي رهيا آهن ۽ پوءِ ان نهر تي سندن نالو پئجي ويو آهي. هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ تبليغ جي لحاظ کان سير ڪندي وڃي ڪراچي کان نڪتا هئا. تحفتہ الڪرام جي لکڻ موجب تہ: "اتي فقيرن جا ايڪانت پريا تڪيا آهن". ڀائنجي ٿو تہ حضرت قلندر شهباز ان ڪندريءَ نالي نهر تي چلا پڻ ڪڍيا هوندا.

حيدرآباد جي گنجي ٽڪر جي پاسي ۾ ٽنڊي غلام حسين ۾ سندن چلي جي جڳهہ مشهور آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ حيدرآباد جي آسپاس جي بہ سياحت ڪيائون. ان ڪانسواءِ ٻي روايت بہ آهي تہ حيدرآباد جي آسپاس ۾ ساجن سوائي ۾ تاج الدين طريل سان بہ ملاقاتون ڪيائون.

---

[1] تحفتہ الڪرام سنڌي ترجمو ص 634_635.

”حديقته الاوليا“ ۾ آيو آهي تہ حضرت شيخ عثمان، شيخ صدرالدين ۽ غوث بهاوالدين گهمندا اچي پير پٽي سان مليا. جيڪو ٺٽي جي ڀاهران غار ۾ عبادت الاهي ۾ مشغول هو. ان ڪانپوءِ پير پٺو شيخ بهاوالحق ملتاني جو مريد ٿيو.

عوامي روايتون ملن ٿيون تہ: لعل سائينءَ جن سيوهڻ ڪان لاهوت ويا هئا. اتان ٿي هنگلاج ويا هئا. اتان ٿيندا ڪراچي جي پاسي اچي منگهي پير سان مليا. منگهي پير سان ملاقات جو ذڪر تحفته الڪرام جي صاحب بہ لکيو آهي، جو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي.

بکر ۾ شاهہ صدرالدين رضويءَ جي درگاهہ تي چلن ڪڍڻ جي روايت بہ مشهور آهي.

روايت آهي تہ حضرت شهباز سائينءَ پاٽ پراڻي ۾ حاجي اسماعيل پنوهر سان بہ ڪجهہ وقت روح رهاڻ ڪئي.❶ پاٽ پراڻي❷ جي ڏڙن وٽ حاجي اسماعيل پنوهر جو روضو اڃ بہ موجود آهي.

تحفته الڪرام جي صاحب، مڪليءَ جي بزرگن ۾ ميان لال جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن لاءِ لکيو اٿس تہ حضرت لعل شهباز جو ياءُ يا سوٽ آهي.❸

❶ Mayne, 1956, P. 43, Gazetter 1927, P. 36, Reaserch article by a Swis sociologist John J. Honigmann. published in "Anthropos Switzerland Vol: 55. 1960

❷ سنڌ جو هڪ قديم شهر، جنهن ۾ ڪيترائي عالم، فاضل، حاڪم ۽ شاعر پيدا ٿيا. قديم زماني ۾ هتي وڏا مدرسا هئا ۽ ڪيترائي اڪابر، اولياء ۽ عالم هتي پهتا. قديم تذڪرن ۾ ڪيس ”قبه الاسلام“ سڏيو ويو آهي. مخدوم حبيب الله صديقي جي ڪتاب ”ڪرسي نامہ“ ۾ آيو آهي تہ: ”هي شهر شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي ٻڌايو جو 9 صديءَ هجري ۾ ٿي گذريو“. پر اهو صحيح نہ آهي. هي شهر ان ڪان گهڻو اڳ حضرت شهباز سائينءَ جي آمد وقت بہ موجود هو. درياهہ جي ڪناري تي هجڻ جي ڪري هتي باغ گهڻا هئا، جن ۾ ڏاڙهون جام ٿيندا هئا. شاهہ حسين ارغون هن کي وڏيڪ رونق بخشي، واپار جو مرڪز هو ۽ مختلف هنڌن سان سندس واپار هلندو هو. شاهہ حسين پنهنجي نياڻي جو نڪاح مرزا هندال سان اتي ڪرايو. همايون جڏهن 1541ع ۾ سنڌ مان گذري رهيو هو تہ هتي بہ قيام ڪيائين. هتي شيخ علي اڪبر جي ڌيءَ سان سندس نڪاح ٿيو. شهر جي شاهوڪاري ۽ سرسبزي جي ڪري 18 صدي عيسوي ۾ هن شهر تي ڏاڍا حملا ٿيا. 1203 هہ ۾ محب النبي بيو شهر اڏايو جيڪو هينئر ”نئين پاٽ“ سڏجي ٿو. پراڻو شهر غالباً 19 صدي جي شروع ۾ برباد ٿي ويو. نئين شهر تي بہ چانڊين جا حملا ٿيندا رهيا. قديم زماني ۾ پاٽ علائقو هو.

❸ تحفته الڪرام (سنڌي ترجمو) ص 611.

شعبان 18 کان 20 تاريخ تائين هر سال سندن درگاهہ تي ميلو (عرس) لڳي ٿو جنهن ۾ پري پري کان بي انداز ماڻهو اچي گڏ ٿين ٿا ۽ سنڌ جي روحاني رهبر کي خراج عقيدت پيش ڪن ٿا. ميلي تي نہ فقط سنڌ پر مڪران، پنجاب، بلوچستان ۽ سرحد وغيره جا ماڻهو بہ اچن ٿا.

Gul Hayat Institute

## باب پيو

# درگاهه جون عمارتون

درگاهه جي ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو ته 17 رجب 757 هه ۾ ملڪ اختيارالدين، جو فيروز شاهه تغلق جي ڏينهن ۾ سيوستان جو والي هو، روضو تعمير ڪرايو جنهن کي ست ونگون ۽ ڇهه گبنذ آهن. ان ڪتبي جو متن هن ريت آهي:

بعهد دولت فیروز و شه سلطان دین پرور
که خاک در گهش سازند شاهان جهان افسر
از آن گاهے که بر تخت شنشاہی نشست آن شه
سراسر گشت گیتی از شعاع دولتش انور
عمارت شد مقام شیخ عثمان پیر مروندی
که او بوده ولی اللہ، بازا سفید بحر و بر
اگرچه اولیا اندر زمان شیخ بس بودند
ولیکن در کرامت بود او از همگنان برتر
چه زیبا بار گاهے شد به هفت طاق و شش گنبد
که رنگ نه فلک گشته ز رنگ بام او اخضر
بروز هفتم از ماه رجب مبنی شد این روضه
بسال هفتصد پنجاه هفت از هجرت مهتر
بنائش کرد والی اختیارالدین ملک ارشد
امیرے عادل و باذل، تهمتن، ثانی اسکندر



Gul Hayat Institute

که تابوداست سیوستان، نبوداست اینچنین والی
سخی و مشفق و مکرم، تقي و پاک و دین پرور
امید است آنکه یابد او جزائے اینچنین خیرے
هزاران فیض در جنت ز فضل ایزد اکبر.

هي ڪتبي مان معلوم ٿئي ٿو ته "سيوستان" جي والي فيروز شاهه تغلق جي زماني ۾ 7 صفر 758 هه ۾ ولي الله علاءالحق علي بغدادي جي قبر تي هڪ گنبذ ٺهرايو. اهو ڪتبو هي آهي:

شد بنا این گنبز عالی بعهد شهریار
شاه فیروز آنکه بگرفت است، گبران زو فرار
می سزد هربندهء درگاه شاه دهر را
گر کند در سرفرازی بر سلاطین افتخار
بر سرقبر ولی الله علاءالحق علی
بود از بغداد اندر صف پاکان شهسوار
بس بزرگ و باکرامت بود این مرد عزیز
هر زمان بادا بقبرش رحمت ایزد نثار
هفتم از ماهِ صفر بنی شد این مرقد، بسال
هفتصد پنجاه و هفت از هجرت احمد شمار
کرد بنیادش ملک سیرت ملک ارشد که او
هست اندر عدل و بذل و خلق و احسان نامدار
چونکه ذات او درین شهر سیوستان آمده
تازه از سر گشت آن بقعه بسان نو بهار.

پائنجي ٿو ته ڪتبي ۾ آيل علاءالحق علي بغدادي اهو ساڳيو ئي سيد علي بغدادي آهي، جيڪو بغداد ۾ حضرت قلندر شهباز جو مريد ۽ خليفو ٿيو هو جنهن جو ذڪر اڳ ۾ به اچي چڪو آهي. قلندر نامي جي مصنف



Gul Hayat Institute

جو بہ اهوئي رايو آهي؛ لکي ٿو:

”جڏهن روضو شريف حضرت شهباز جو تيار ٿيو تڏهن ستن مهينن بعد تاريخ 7 صفر 758 هہ ۾ سيد علي حضرت شهباز جي خادم ۽ وزير جي قبر مبارڪ تي بہ مختصر قبو ٺهرايو“.[1]

اهي ٻئي ڪتبا سيد علي وزير جي روضي جي اڳ پاسي لڳل آهي. انهن ٻنهي ڪتبن جي وچ ۾ هڪ ٽيو ڪتبو نستعليق خط ۾ لڳل آهي، جنهن کي شاهجهان جي مشهور امير سيد[2] ٻهوره عرف ديندار خان لڳرايو. اهو ڪتبو هي آهي:

”چون در عهد سلطان فيروز مرحوم روضۂ قديم حضرت مخدوم بنا شده بود. ابن دوسنگ تاريخ نوشتہ دران نصب کرده بودند. آخر گنبذ کلان در عهد مرزا جاني ترخاني بنا يافتہ. اين سنگها برهم افتاده بودند. الحال اين فقير کہ سيد ٻهوره عرف ديندار خان باشد. در عهد دولت حضرت صاحب قران ثاني صحن روضہ را ترتيب داده. درو مسجد تيار ساخت و اين دوسنگ را هم در ديوار خانقاه نهاده. تا يادگار سلاطين گذشتہ باشد“.

(جڏهن سلطان فيروز جي زماني ۾ قلندر شهباز جو اڳيون روضو تيار ٿيو تہ هنن ٻن پٿرن تي تاريخ لکي کين ان ۾ لڳايو ويو. آخر مرزا جاني بيگ جي زماني ۾ جڏهن وڏو گنبذ ٺهيو تہ اهي پٿر ڪري پيا. هاڻي هن فقير سيد پوري عرف ديندار خان شاهہ جهان بادشاهہ جي زماني ۾ جڏهن روضي جو صحن ٺهرايو تڏهن انهن پٿرن کي بہ خانقاه جي ديوار ۾ لڳارائي ڇڏيو تہ جيئن اڳين بادشاهن جو يادگار قائم رهي).

---

[1] قلندر نامہ سنڌي، ص 29.

[2] قلندر نامي (ص 30) جي صاحب ”ٻهوره“ کي پورو لکيو آهي. لکي ٿو ”جڏهن 1039 هہ ۾ امير السادات سيد پورو ملقب بہ ديندار خان بخاري شهاب الدين بادشاهہ غازيءَ جي وقت ۾ سيوستان ۾ آيو“. پورو نالو سنڌ ۾ اڄ تائين رکيو وڃي ٿو تنهن ڪري پورو صحيح ٿو لڳي، جنهن کي پارسيءَ ۾ ٻهوره ڪري لکيو ويو آهي. شمس العماءُ مرزا قليچ بيگ مرحوم وري پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ، ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو“ (ص 32) ۾ سيد ٻڍو لکيو آهي. ٻڍو بہ سنڌي نالو آهي، پر اهو پارسي ٻهوره (يا پوره) سان ٺهڪي نٿو اچي.
سيد پوري متوفي 1045 هہ جو ذڪر ماثرالامراء ۾ آيل آهي، پر اهو ڄاڻايل نہ آهي تہ هو ڪو سيوهڻ جو بہ حاڪم ٿي رهيو آهي. ڪتبن مان صاف ظاهر آهي تہ هو سيوهڻ ۾ رهيو آهي. قلندر نامي جي مٿي ڏنل حوالي مان بہ تصديق ٿئي ٿي.

Gul Hayat Institute

مٿي ڏنل ڪتبن مان معلوم ٿيندو تہ حضرت شهباز رحہ جو روضو پهريائين سلطان فيروز تغلق جي زماني ۾ تيار ٿيو ۽ ان کان پوءِ سلطان محمد اڪبر اعظم جي زماني ۾ مرزا جاني بيگ تعمير ڪرايو.❶ لب تاريخ جي قول موجب مرزا جاني بيگ جي وفات کان پوءِ سندس فرزند غازي بيگ روضي ۽ مقبري جي مرمت ڪرائي. شاهہ جهان جي ڏينهن ۾ سيد پوري عرف دينار خان خانقاهہ جي عمارت کي سفيد ڪرائي پورو تيار ڪرايو ۽ خانقاهہ جي صحن کي، جو اٽڪل جريب زمين جو ٿيندو، ڪاشيءَ جي رنگا رنگي سرن سان سينگاريائين.❷

درگاهہ جي مسجد جي فرض لڳرائڻ بابت هي ڪتبو آهي:

بد وران شهاب الدين جهان شاه
جهان از عدل او خورسند و آباد
شده تعمیر فرش عرش مسجد
حسینی سیدے شهباز آباد
قبول آمد بنائی خان دیندار
در آن حضرت بعون طالع شاد
چه گویم وصف آن صحن مقدس
بجائی خشت انجم چید استاد
چو خواہی سال آن با چشم دانش
بمقطع بین که آمد سال بنیاد
یکی باشد ز فرش- مسند شاه (۱۰۴۰)
دگر باشد ز فرش جنت آباد (۱۰۴۱)

قلندر نامي جي صاحب لکيو آهي تہ وڏي دروازي جي ٻاهران بہ هڪ عمارت ٺهرايائين، جنهن جي تاريخ هيءَ ڏني اٿس، پر اها تاريخ مسجد جي تعمير جي آهي ۽ نہ ڪنهن ٻي عمارت جي. مگر ٻنهي مادن جي عددن ۾ وڏو

❶ لب تاريخ سنڌ ص 9.
❷ قلندر نامو سنڌي ص 2.



Gul Hayat Institute

تفاوت آهي. "چو بيت العتيق" مان سن 1032 هه نڪري ٿو. پوئين مصرع جي فقري "مسجد شيخ بوره" مان 1230 هه سن برآمد ٿئي ٿو. تاريخ هيٺ ڏجي ٿي:

بدور شهنشاه شاهِ جهان
جهان از نوالش چو باغ بهشت
چو مسجد بنا کرد دیندار خان
بدر گاه شهباز عالی سرشت
خرد گفت سالش چو بیت العتیق.
(۱۰۳۲)
دگر مسجد شیخ بوره نوشت
(۱۲۳۰)

ياٺنجي ٿو تہ هڪ مسجد دروازي جي اندرءِ ٻي ٻاهر ٺهرايائين.

ان کان پوءِ پوئين زماني ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سنڌ جي حاڪم سن 1173 هه ۾ خانقاهہ ۾ فرش سنگين ڪرايو بلند روازو حجري وانگر اڳيان وجهايو ءِ خانقاهہ لاءِ هڪ جهنڊو بہ موڪليو. انهيءَ وڏي ٻاهرين دروازي جي ٻنهي پاسن کان سنڌس هي ڪتبو لڳايل آهي، جو خط نستعليق ۾ آهي:

چه خوش جناب مبارک که نور حقانی
ز روضه است عیان ظاهری و پنهانی
قلندری و سخی کام بخش اهل یقین
ولی و سید عثمان پیر نورانی
به خاص وعام که مشهور لعل شهباز است
به بادشاه و گدا بر داد سلطانی
باین جناب هر آنکس ارادتی دارد
به کام میرسد و دولت فراوانی

غلام شاہ میان صاحب سعادتمند
نشان حضرت عباس، کان احسانی
سخی و غازی و فیاض و معدن الطاف
چو سرفراز شد از لطف وجود ربانی
ز خاص نیت خود کرد تازہ خوش تعمیر
کہ فرش صحن و در روضہ شد گلستانی
قبول حضرت مخدوم شد نشان او
ز رحمت نبوی و علی عمرانی
ہر آنکہ دید و بہ بیند ز شوق نور ظہور
شود دو چشم دلش روشن و درخشانی
ہزار و یک صد و ہفتاد و سہ ز ہجری بود
ز کار داری باقر نشان شد ارزانی
قبولیت کہ ز تعمیر جستم از ہاتف
ندا بگوش من آمد ز لطف سبحانی
ز یمن مصرع تاریخ خوش بگو "صابر"
قبول باد نشان در جناب شاہانی
۱۱۷۳ھ

هن نظم مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت سيوهڻ جو ڪاردار باقر خان هو جنهن ميان غلام محمد شاهہ ڪلهوڙي جي حڪم سان درگاهہ تي جهنڊو پيش ڪيو. ان جهنڊي جي هيٺان گهٽو پوءِ مردوسن پناڻ ٽيڪيدار فرش هٽايو. 1319 ھ ۾ لونگ فقير جي خليفي لعل محمد هڪ مختصر مسجد. علي وزير جي عمارت جي اوير ۾ ٺهرائي، جنهن جي ٺهڻ جي تاريخ قلندر نامي جي مصنف مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هن طرح لکي آهي:

ندا حور از قصور این خوش بدادا
صغیرا گو کہ قصر الفیض بادا[1]

۱۳۱۹ھ

حضرت قلندر شهباز جي روضي جي اندر بي ڪا بہ تربت ڪا نہ آهي، پر سندس درگاهہ ۾ ٻاهرين دروازي جي اندر ٽي ٻيون تربتون آهن: هڪ سيد علي وزير جي ذڪڻ ۾، ٻي حضرت قلندر شهباز جي روضي جي اوير ۾ سيد محب شاهہ جي، ٽين اوير ۾ ذڪڻ ڪنڊ تي ميان شيخ مگڻ ولد شيخ نوح جي. اها پوئين تربت ڪوٺيءَ ۾ آهي، جنهن جو دروازو بند رهي ٿو. ان کي توشاخانو ڪري چوندا آهن.

حضرت قلندر شهباز جي مزار مبارڪ جي چوڌاري سهڻو ڪٽهڙو آهي، جنهن جي ٽنين تي روپا پٽ لڳل آهن اهو ڪٽهڙو لاڙڪاڻي ضلعي جي زميندار محبوب خان وڳڻ ٺهرايو. مٿان هڪ سائبان آهي، جنهن جي اتر ڪنڊ کان گلوبند لٽڪيل آهي، مٿان هڪ عاليشان شاميانو آهي، جو سيد يعقوب بن ميران رضوي بکريءَ نظام المالڪ سيوستان سنہ 1080 ھ ۾ لڳرايو.[2] ان شاميانې تي چئر جي اکرن سان هي بيت لکيل آهي:

چون سائبان لطف تو باشد پناه ما
از تاب آفتاب حوادث چہ غم خورم

---

بہ پذیرائی شاه مقرون بادا
عرض بندگان خانہ زاد

مزار شريف جي اڳيان اتر پاسي هڪ ننڍي دڪي، تمام عمدي ٺهيل آهي، جا چراغدانن لاءِ آهي. اهي ڏياٽيون نهايت عجيب منظر پيش ڪنديون آهن. انهن مان هڪ چراغ نهايت عمدو ۽ خوش نما طشتي نموني آهي، جنهن جا ٻہ ٽي طبقا آهن، وچين طبقي جي چوڌاري هيءَ رباعي اڪريل آهي:

---

[1] قلندر نامون سنڌي ص 33.
[2] قلندر نامہ ص 42.

ای شمع بسوز که شب دراز است هنوز
ای صبح مدم که وقت نماز است هنوز
بزمی تو برو بجائی خود شادان باش
این قصه عاشقان دراز است هنوز.

هيٺين طبقي تي هي اکر اڪريل آهن:

"پير ميان حاجي بحرالدين سرهندي درگاهہ مخدوم لعل شهباز بلند پرواز بطريق نذرانہ داده شد۔ في التاريخ 11 ماهہ ذوالقعد 1308 ھ مقدس."

ڪٺهڙي جي پويان بہ هڪ ننڍي دڪي ٺهيل آهي، جا پڻ چراغدانن لاءِ آهي. روضي جي دروازي تي پڻ روپا پٽ چڙهيل آهن، جي اوستي نور محمد صيقل گر سيوهاڻي 1312ھ ۾ چاڙهيا. روپن پٽن ۾ بيت ۽ قرآني آيتون پڻ مرقوم آهن، جي مرحوم ميان عبدالله ولد نور محمد جوهري لکيون. اکر عمدي سون جي پاڻيءَ سان طلا ٿيل آهن. دروازي جي ڪبي پاسي هي لفظ اڪريل آهن:

"هي غلام لعل شهباز جو فقير چتہ سنگتراش 1228 ھ تاريخ 8 ".

## نوبت ۽ ڌمال

درگاهہ تي ٽہ وقتي نوبت لڳندي آهي. هڪ شام کان سومهڻي تائين ٻہ ڪلاڪ، ٻي سوا پهر رات جو روضي جو دروازو بند ڪرڻ مهل، ٽين تهجد وقت جنهن تي دروازو کلندو آهي. ان نوبت جو وقت مقرر ڪرڻ لاءِ هڪ ڏات جو ٺهيل قديم گهڙيال رکيل آهي. ان جي پرسان ديڳڙو پاڻيءَ سان ڀريل رکيل آهي، جنهن ۾ هڪ وٽي، سنهي سوراخ سان پيئي ترندي آهي. ان جي ٻڏڻ سان هڪ گهڙي جو وقت گذري ويندو آهي ۽ وينل ماڻهو ان جي ٻڏڻ کان پوءِ گهڙيال تي متر ڪي سان هڪ ڏڪ هڻندو آهي، يعني گهڙي گذري. انهيءَ ٽہ وقتي نوبت کي ڌمال چوندا آهن.

ڌمال هندي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٽپ، ڪڏ، شور و غل، ڌماچوڪڙي، هڪ قسم جو راڳ، فقير جو ڪڏڻ، ڏوڙيءَ جي ڏڻ جو راڳ. ڪي فقير چوندا آهن تہ ڌمال معنيٰ دم ـ الله، يعني ساهہ بند ڪري "هوالحق" "هوالحق" جو ذڪر ڪرڻ.

پر "صور" جو نشان آهي، جو اسرافيل دنيا کي ويڙهڻ لاءِ استعمال ڪندو. قلندر جي فقيرن لاءِ نفيل نفس اماره جو خاتمو آڻي ٿو"....[1]

مولانا روميءَ پنهنجي مريدن ۾ سماع جو جيڪو طريقو رائج ڪيو اهو لعل سائين جي درگاهه تي ٿيندڙ ڌمال سان مشابهت رکي ٿو. مولانا شبلي نعمانيءَ مولانا روميءَ جي حياتيءَ ۾ مولانا جي سماع جو هن طرح بيان ڪيو آهي:

"ذڪر ۽ شغل جو هي طريقو آهي ته حلقو ٺاهي ويهندا آهن. هڪ شخص اٿي بيهي هڪ هٿ سيني تي رکي ۽ هڪ هٿ مٿي ڪٽي رقص ڪندو آهي. رقص ۾ اڳتي يا پوئتي نه وڌندا آهن، پر هڪ هنڌ بيهي متصل چڪر لڳائيندا آهن. سماع وقت دف ۽ ني به وڄائيندا آهن".(ص 292)

هن مان معلوم ٿيندو ته مولانا روميءَ جي سماع ۽ ڌمال ۾ مشابهت آهي، رڳو زمان ۽ مڪان جو تفاوت آهي. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت قلندر شهباز جن سماع جا قائل هئا. ان جو ثبوت ملتان واري واقعي مان پڻ ملي ٿو جنهن جو ذڪر اڳي ڇڪو آهي. حضرت قلندر شهباز جو دوست، حضرت شيخ بهاءُالدين ملتاني پڻ سماع جو قائل هو. ملا جمالي ۽ فرشته (2: 763) عبدالله قوال جو قصو ڏنو آهي، جنهن مان حضرت شيخ الاسلام ۽ سندن مرشد شيخ الشيوخ شهاب الدين عمر سهروردي جو سماع جو قائل هجڻ جو ثبوت ملي ٿو. حضرت قلندر شهباز جن پهريائين قلندري مشرب جا هئا، پوءِ سهروردي طريقي جو اثر پيين. قلندري مشرب ۾ ته سرود ۽ سماع ۽ ان تي رقص ڪرڻ جائز بلڪ فرض آهي. ان مان سندن قلب کي نرمي ٿي رسي ۽ هو نرمي سان محبوب ڏانهن متوجهه ٿين ٿا. وٽن سرود ۽ سماع محبوب حقيقي جي وصال جو وسيلو آهي.[2] اهوئي سبب آهي جو حضرت قلندر شهباز پنهنجي خاص قسم جي سماع کي عبادت وانگر مروج ڪيو. قلندر نامي جي مصنف ردالمحتار جهڙي شرعي ڪتاب مان انهيءَ ته وقتي نوبت جو جواز ڪڍيو آهي. لکي ٿو ته: "ردالمحتار ۾ آيل آهي ته تنبيهه ۾ بيدار ڪرڻ لاءِ نوبت وڄائڻ جائز آهي. ٽيپهريءَ کان شام تائين جيڪا نوبت

---

[1] نذر_شهباز ص 66.
[2] قلندر نامون، ص 44.

لڳندي آهي، سا فرع جي نفخہ لاءِ آهي. سومهڻي کان پوءِ واري موت جي نفخہ جي اشاري لاءِ آهي ۽ تهجد واري قيامت جي اشاري لاءِ آهي.[1]

## ميلي جي ڌمال

ڌمال هونئن تہ روزانو شام جو ٿيندي آهي. سانجهي جي نماز جو پهريون سلام پيش امام ورائيندو تہ نوبت ۽ ڌمال شروع ٿي ويندي. ڌمال سومهڻيءَ جي بانگ کان اڳ ختم ٿيندي آهي. عام ڏينهن تي ننڍا نغارا رکندا آهن. وڏن ڏينهن تي وڏا نغارا رکندا آهن. جي ڌمالچي ڪاٺ جي ڪرسيءَ تي ويهي وڄائيندو آهي. روزانو ڌمال درگاهہ جي وڏي دروازي جي اندران ٿيندي آهي پر ميلي جي ڌمال ٻاهر جهنڊي هيٺان ٿيندي آهي. ميدان جي چوڌاري ڪافيون آهن، جن کي ڪٽهڙا آهن، جتي ماڻهو ويهي ڌمال ڏسندا آهن.

ميلي جي ڌمال، 18_19 ۽ 20 تاريخ تي ٽي ڏينهن ٿيندي آهي. اڳين وقت ۾ سڀ فقير گڏجي، نادن ۽ نفيلن سان مٿين تاريخن تي ڌمال ڪندا هئا، پر پوءِ جڏهن فقير وڌي ويا تڏهن واري تي ڌمال ڪرڻ لڳا. سندن وارا هن طرح آهن:

پهريائين "ابدال" جي ڪافيءَ وارا فقير پنهنجي مقرر وقت تي اچي ڌمال ڪندا آهن. ڪجهہ وقت ڌمال ڪري، اندر زيارت تي ويندا آهن. زيارت ڪري وري اچي ڌمال ڪندا آهن ۽ پنهنجو وقت پورو ڪري هليا ويندا آهن. ان کان پوءِ ڪچهريءَ جي ڪافيءَ وارا فقير ايندا آهن. جي پڻ ساڳي نموني، ڌمال ڪري موٽي ويندا آهن. ساڻن گڏ "سخي سلطان" جا فقير بہ هوندا آهن. ان کان پوءِ اولادي امير جا فقير ايندا آهن، جن سان گڏ "ابراهيم شاهہ" جا فقير، "بودلي بهار" جا فقير، "جمن جتيءَ" جا فقير، "دودي حقانيءَ" جا فقير "حاڪم علي شاهہ" پٽ واري جا فقير ۽ "مزاري شاهہ" جا فقير هوندا آهن. ڌمال ڪري جڏهن زيارت تي ويندا آهن تہ بادل شير جي ڪافيءَ وارا فقير لهي اچي ڌمال ڪندا آهن. "اولادي امير" وارا فقير موٽي اچي ساڻن گڏ ڪجهہ وقت ڌمال ڪندا آهن. 15_20

[1] ايضا، 43_44.

منٽن ڪان پوءِ بادل شير جا فقير زيارت ڪرڻ ويندا آهن. ميلي جي ڏمال وارو نظارو نهايت عجيب و غريب ۽ دلچسپ هوندو آهي.

## لعل سائينءَ جي ميندي

ڏمال جو سلسلو ٽئي ڏينهن هلندو آهي ۽ ٻن پهرن تائين ختم ٿي ويندو آهي. شام جو وري ٽئين ڏينهن منديون نڪرنديون آهن. پهرين ڏينهن يعني 18 تاريخ، سيد گل محمد شاهه ميندي ڪڍندو آهي. ميندي جو ٿالهه شاهه صاحب پاڻ مٿي تي کڻندو آهي، جنهن جي مٿان ريشمي پوتيون پيل هونديون آهن. سندس مٿان ماڻهو ريشمي ڇٽي جهلي هلندا آهن. ميندي سان ڪيترائي صوفي فقير ڳائيندا هلندا آهن. تنهن ڪان پوءِ سرڪس سان ٻيا به ڪيترائي ماڻهو هوندا آهن. جڏهن اها سرڪس جهنڊي هيٺيان ايندي آهي ته صوفي فقير ڏاڍيءَ موج ۾ اچي ڳائيندا به آهن ۽ رقص به ڪندا آهن. هي به هڪ نهايت دلچسپ نظارو هوندو آهي. ميندي سانجهيءَ جي نماز کان اڳ درگاهه ۾ پهچندي آهي. ٻئي ڏينهن، يعني 18 شعبان تي ميراثي هندن طرفان، نٽ پاڙي مان "فقير مولچند" ڪٺي ايندو آهي. هن مينديءَ جي سرڪس پڻ ساڳي نموني جي هوندي آهي ۽ ساڳي وقت تي ايندي آهي. لعل سائينءَ جي حياتيءَ ۾ انهيءَ ميراثي پاڙي جو هڪ شخص "مهتو منجر" پٽ ميرو سندن سخت معتقد ٿي پيو هو ۽ سندن فقيرن کي سيڌو وغيره آٽي ڏيندو هو. لعل سائينءَ جي به مٿس نوازش جي نظر هئي. انهيءَ ڪري ميراثي هندن طرفان ميندي نڪرڻ لڳي.

ٽئين ڏينهن پڻ ساڳي وقت ۽ ساڳي نموني "قانون گو" هندن طرفان ڪڏ واري پاڙي مان ميندي ايندي آهي. لعل سائينءَ جي وقت ۾ "قانون گو" وڏا اثر وارا هوندا هئا. لعل سائينءَ انهن جي پاڙي واريءَ گهٽيءَ مان اچي لنگهندو هو يا ويهي رهندو هو. جيئن ته پاڻ حسن ۾ بينظير هئا. تنهن ڪري "قانون گو" پاڙي جي هڪ عورت سندن ديدار لاءِ مٿي ماڙيءَ ۾ اچي ويهي رهندي هئي، پر جيئن ته ڪين گلوبند ڳچيءَ ۾ پيو هوندو هو تنهن ڪري سندن ڪنڌ سدائين هيٺ هوندو هو ۽ مائي جي مراد پوري ٿي ڪا نه سگهندي هئي. هڪ دفعي ان عورت بيقرار ٿي، مٿان ڪٺي پاڻ ڦٽو ڪيو ۽ اچي لعل سائينءَ جي پيرن تي ڪري. منهن مبارڪ ڏسڻ سان سندس دم پرواز ڪري



Gul Hayat Institute

ويو. جڏهن سندس عزيزن سندس جنازو کڻڻ آيا تہ جنازو ڪچي ٿي نہ لعل سائينءَ جي طاقت مان اڳيئي واقف هئا، سو اهو حال ڏسي سندن پيرن تي ڪري پيا. سائين فرمائين تہ: ”جيڪڏهن ساڙڻ بدران دفن ڪندا تہ جنازو کڻندو نہ تہ نہ“. هنن انجام ڪيو ۽ پنهنجي محلي جي وڏي دروازي جي اندر ڪيس دفن ڪيائون. انهيءَ ڪري ٽين ميندي انهيءَ پاڙي مان نڪرندي رهندي آهي،

مينديءَ ڪڇڻ واري وقت ۾ درگاهہ ۾ آتش بازي ٿيندي هئي. ماڻهو ٺونٺا ٻاري ڪٽي اڇليندا هئا پر هينئر اهو رواج بند آهي. انهيءَ ساڳي وقت تي ٻاهر ملاکڙو بہ لڳندو آهي.

ميلي جي موقعي تي مڪراني پنهنجي سرڪس جدا بہ ڪڍندا آهن. اسٽول جي نموني ڏکي دهلڙي ٿيندي اٿن. جيڪا هيٺ رکي سگهبي آهي، ان جي وڄائڻ وارو پاسو مٿان هوندو آهي. سرڪس ۾ اها دهلڙي وڄائيندا ويندا آهن، مڪراني زبان ۾ راڳ ڳائيندا ۽ ناچ ڪندا ويندا آهن.

بهاولپوري ۽ ملتاني وري پنهنجو دهل وڄائي سمنهن هڻندا آهن، جيڪو وڏو ٿيندو آهي ۽ ان جو آواز ٿلهو هوندو آهي. ميلي جي موقعي کان سواءِ ٻين وقتن تي بہ وقتي هو پنهنجو دهل درگاهہ ۾ اندر اچي وڄائيندا آهن ۽ عقيدتمند سمنهن هڻندا آهن.

## يادگار

حضرت شهباز سائين ڪيترو ئي سير و سفر ڪيو. هر هنڌ عبادتون ڪيائون ۽ چلا ڪڍيائون. سندن اهڙن تڪين جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:

**دشت شهباز:**

هن جو ڪجهہ ذڪر اڳ ۾ بہ اچي چڪو آهي. مڪران ۾ سندن چلي واري جاءِ جو نالو آهي، جيڪا پنج گور وادي ۾ نهر رخشان جي ڏکڻ ۾ هڪ سرسبز ميدان ۾ آهي. اها نهر گو ڪپرش جبلن مان نڪري، عربي سمنڊ جي هڪ ڪاري ۾ چوڙ ڪري ٿي. فقط برسات ۾ وهندي آهي. پاڻي ڇڄڻ کان پوءِ منجهس بيشمار تلاءُ جڙن ٿا. ان موسم ۾ سندس ڪنارا ساوڪ ڪري ڪشمير بڻجي پون ٿا. دشت جو ميدان جيئن سمنڊ جي سطح کان مٿي آهي، تيئن هن نديءَ جا ڪنارا بہ بلند ديوارين وانگر آهن. جتي تلاءُ ڪين آهن،

اتي ڪڙمي ڪنارن جي بندن جي مٿي هٿائي پاڻي حاصل ڪندا آهن.

**ڪندو جنڊ:**

اڳ ۾ آيو آهي تہ حضرت غوث بهاءُالحق سان گڏ سير ڪندي حيدرآباد جي پسگردائيءَ ۾ رڪن پور نالي ڳوٺ ۾ ريحان جهنگليءَ سان ملاقات ڪيائون ۽ ان کي مڪڻ ۽ ماکي ڪارائڻ لاءِ زور ڀريائون. تحفتہ الڪرام جو صاحب لکي ٿو:

> "هڪ جنڊ پيدا ٿي پيو جنهن جو ڪجهہ پٿر اڃا باقي آهي ۽ جنهن ڪنڊي جي وڻ مان ماکي لاٿي هئائون اهو پڻ يادگار ۽ ماڻهن جو زيارتگاهہ آهي".

**گنجو ٽڪر:**

حيدرآباد ۾ گنجي ٽڪر جي پاسي ۾، ٽنڊي غلام حسين ۾ سندن چلي جي جاءِ يادگار آهي.

**ڪندري نهر:**

لعل سائينءَ جي منگهي پير سان ملاقات جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي، حاجي منگهو جنهن جبل ۾ رهندو هو ان ۾ هڪ هنڌ "ڪندري" کوڙيائون، اتان چشمو ڦٽي نڪتو جو اڃ تائين موجود آهي ۽ "قلندر جي ڪشتي" جي نالي سان مشهور آهي. تحفتہ الڪرام ۾ آيو آهي: "حاجي منگهي جي جبل ۾ مخدوم لعل شهباز جي ڪندريءَ نالي هڪ نهر آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي وڻندڙ باغ ۽ فقيرن جا ايڪانت ڀريا تڪيا آهن".

منگهو پير ڪراچيءَ جي ڀرسان آهي. ڪراچيءَ جي "ڪامل گهٽي" ۾ بہ سندن چلو مشهور آهي.

**يڪ ٿنڀي:**

سيوهڻ جي ڀرسان ڏڪڻ ۾ اسٽيشن جي ڀرسان جبل ۾ هڪ غار آهي. دوارڪا پرساد شرما "پراچين سنڌو سيپتا جو نظارو" ۾ لکيو آهي: "20 هزار سال اڳ جڏهن ماڻهو غارن ۾ رهندا هئا، تڏهن اها غار بہ ماڻهن کي رهڻ جو ڪم ڏيندي هوندي". ان غار ۾ بہ لعل سائين چلا ڪڍيا آهن. غار جي وچ ۾ پٿر جو ٿنڀ بيٺل آهي، انهيءَ ڪري ڪيس يڪ ٿنڀي چوندا آهن. غار ۾



Gul Hayat Institute

قبلي طرفان محراب نمو ني هڪ چر آهي، جتي چوڻ ۾ اچي ٿو تہ لعل سائينءَ جن ويهي عبادت ڪندا هئا. ان جي مٿان جبل تي ٽلهو آهي، جنهن جي ڪنڊن تي چار ٿنڀا بيٺل آهن. انهيءَ ڪري ان کي ”چوٿنڀي“ بہ چيو ويندو آهي. انهيءَ ٽلهي جو فرض چوني گچ سان لٽل آهي، ۽ ايترو ڪشادو آهي جو 3_4 سئو ماڻهو ويهي سگهن ٿا. انهيءَ ٽلهي جي وچ تي فوٽ ڪن مٿي هڪ ٻيو ٽلهو آهي، جنهن کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. حضرت شهباز سائين ۽ سندس يار انهيءَ ٽلهي تي ويهي رهاڻ ڪندا هئا. انهيءَ ٽلهي کي هاڻوڪي صورت مير ابوالقاسم نمڪين ڏني، جو 1009_1008 هہ جي لڳ ڀڳ سيوهڻ جو صوبيدار ٿي آيو. هو چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪچهري ڪرڻ جو شوقين هو تنهن ڪري هن ٽلهي کي سڏاري ڪچهريون ڪرڻ لڳو. ان کان اڳ ۾ جڏهن بکر جو گورنر هو تہ ستين جي ٿان تي ٽلهو ٺهرائي ڪچهريون ڪندو هو. سندس قبر بہ ستين جي ٿان جي ٽلهي تي آهي. ”ستين جو ٿان“ واري ٽلهي کي ”صفہ صفا“ ۽ هيٺ ٽنڀيءَ واري ٽلهي کي ”صفہ وفا“ نالو ڏنو هيائين.[1]

انهيءَ غار لاءِ مشهور آهي تہ حضرت علي ع جي ڪجهہ وقت رهڻ جي جاءِ تي رهي آهي.

ميرڪ يوسف لکي ٿو[2]

”و ميگويد ڪہ نظر گاه حضرت امير علي رضي الله تعالي عنه است.“

ڪزنس پنهنجي ڪتاب ”انٽني ڪئٽيز آف سنڌ“ (سال 1929ع، ص 45) ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر ولسن نہ هن کي ڏٺو هو ۽ پنهنجي ڪتاب ۾ ان جو ذڪر ڪيو اٿس، جو اولهہ هندستان جي غارن ۾ مندرن متعلق آهي. يڪ ٿنڀيءَ جي اوير ۾ هڪ ٽڪريءَ تي مزار ڏسڻ ۾ ايندي جنهن جو قبو ڊهي ويو آهي. ان قبر لاءِ عوام ۾ هڪ روايت آهي تہ: لعل سائين جي هڪ طالب جي آهي، جو ساڻن گڏ آيو هو. ٻي روايت ۾ آهي تہ، اها قبر هڪ دولتمند سوداگر جي آهي، جو دنيا ۽ دولت ڇڏي لعل سائين جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيو هو.

---

[1] تاريخ مظهر شاجهاني، ميرڪ يوسف، ص 267.
[2] تاريخ مظهر شاهجهاني_ از ميرڪ يوسف ص 267.



Gul Hayat Institute

## لعل باغ:

سيوهڻ جي ڏکڻ ۾ ٻن ميلن جي پنڌ تي اڙل جي ٽپل واري موريءَ جي پرينءَ پر، ريلوي بند جي پرسان "لعل باغ" آهي، جنهن ۾ ڪيترائي نمن، ڪجين، ٻيرين وغيره جا وڻ ۽ گلن جا ٻارا آهن. جبل جي پاسي ۾ رڻ ۾ ههڙو فرحت ڏيندڙ باغ، بزرگ جي بلند مرتبي جو زندهہ ثبوت آهي. لعل سائينءَ جي مزار لاءِ گل هن باغ مان ويندا آهن. باغ کي هميشہ وهندڙ واهي آباد ڪري ٿي، جا جبل مان وهي اچي ٿي ۽ جبل جي ڪاريزي جو هڪ نمونو آهي. ان واهيءَ کي "لعل واهي" سڏيو ويندو آهي.

ان باغ ۾ "لعل جو لئو" لعل سائين جو يادگار آهي. ان لئي وٽ ويهي پاڻ چلا ڪڍيا اٿن. لئو اجا تائين سائو رهندو اچي ٿو. جيتوڻيڪ ٿڙ کان ڪري پيو آهي، تڏهن بہ ان ڪريل ٿڙ مان ٽاريون ڦٽنديون رهن ٿيون. اڄ تائين اهو لئو سائو ٻينو آهي ۽ لعل سائينءَ جي بلند مرتبي جي شاهدي ڏئي رهيو آهي. ادب کان لئي جي چوڌاري ننڍي پٽ ڏني اٿن ۽ لئي جي پرسان ٽلهو ٺاهيو اٿن. لئي جي ڏکڻ ۾ "روٽ" جي جاءِ آهي، جتي ميلي جي موقعي تي لعل سائينءَ جو روٽ پچندو آهي. باغ ۾ "هال" نموني، چوڌاري ڪليل جاءِ ٺهيل آهي، جا هندن نهرائي هئي ۽ ان ۾ ڀڳتيون لڳرائيندا هئا.

باغ جي ٽورو پريان جبلن ۾ چشما آهن، جن مان ٽي وڏا آهن ۽ سرن جي حوضن سان بند ٿيل آهن. انهن جي پرسان ٽڪرائتي زمين مان ميٺ نڪرندو آهي. ماڻهو اهو ميٺ پائي انهن چشمن ۾ وهنجندا آهن.

نئنگ واري جبل وٽ ڪوهہ آهي، جو حضرت عليءَ جو ڪوهہ سڏبو آهي. اتي بہ لعل سائين جي چلي جي جاءِ ۽ باغ آهي. چيو وڃي ٿو تہ لعل سائين "لاهورت" ويو هو ۽ سيوهڻ کان لاهوت تائين اهڙا ست باغ سندن يادگار آهن.

Gul Hayat Institute

باب ٽيون

# طالب ۽ مستفيض ٿيا

## 1_ سيد علي سرمست:

هي بزرگ اصل بغداد جو هو. حضرت قلندر شهباز سان سفر ۽ صحبت ۾ گڏ رهيو. مريدن ۽ معتقدن جو ڪم هن جي سپرد هو.[1] هڪ روايت ۾ آهي تہ سيد جلال سرخ بخاري جو فرزند هو.[2] حضرت قلندر شهباز ڦتس ڏاڏو مهربان هو جنهن ڪري سندن وزير مشهور آهي. سندن وصال کان پوءِ فقير هن جي هٿ تي بيعت ڪندا هئا. درگاهہ جو پهريون خدمتگار بہ هي هو. 688 هہ ۾ وفات ڪيائين.

## 2_ سيد علي سيوستاني:

اصل شيراز جو هو ۽ اميراڻي زندگي گذاريندو هو. اوچتو ڪيس حضرت قلندر شهباز جي صحبت جو جذبو جاڳيو ۽ سيوهڻ ۾ اچي حضرت قلندر شهباز جي پوئين وقت ۾ وٽس رهيو. حضرت قلندر شهباز جي خليفي سيد علي سرمست جي وفات کان پوءِ روضي جي خدمت ۾ مشغول رهيو. حضرت قلندر شهباز جي حياتيءَ ۾ ئي سيد علي سرمست وٽان ڪيس اهي سڀ امانتون مليون، جيڪي هن وقت موجود هيون. سيد علي سرمست جي وفات کان پوءِ روضي جي اپرندي ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو. اهو ستين صدي هجري جو واقعو آهي.[3]

---

[1] سهہ ماهي الرحيم سنڌي، نمبر 3، سال 1916ع ص 59_60.
[2] شيخ عثمان، حاجي موسيٰ خان، ص 38.
[3] ءِ.

Gul Hayat Institute

## 3- مخدوم علي سيوستاني:

سيد علي شيرازي جي وفات کان پوءِ حضرت قلندر شهباز جي مسند جو ڪم هن جي حوالي ٿيو. هي بزرگ حضور اڪرم ﷺ جن جي صحابي دحيه الڪلبي جي اولاد مان هو. اسلام جي اوائلي حملن جي زماني ۾ سندس وڏا سنڌ ۾ اچي مقيم ٿيا. ڪيس ٻه فرزند ٿيا. شيخ اسحاق ۽ شيخ آهندو.

مخدوم سڄي حياتي ذڪر اذڪار سيڪارڻ ۾ گذاري. جڏهن پوڙهو ٿيو تڏهن پٽن کي وصيت ڪيائين تہ مجاوريءَ جي آمدني نہ کائجو جو ڪجهہ درگاهہ تي اچي اهو مسافرن کي کارائي ڇڏجو. طمع نہ ڪجو سنت تي قائم رهجو نماز نہ ڇڏجو وصيتون ڪندي 21 شعبان 787 تي وفات ڪيائين.[1]

## 4- سيد عبدالوهاب:

هن صاحب لعل سائينءَ جي وصال کان پوءِ ڪچهري واري هنڌ تي جدا ڪافي ٺاهي جنهن کي ڪچهريءَ واري ڪافي سڏيو ويجي ٿو.

## 5- سيد عبدالله شاهہ علوي:

هي بزرگ بہ سنڌن طالب هو. ابدالن واري ڪافي انهيءَ بزرگ جي نالي سان مشهور آهي. ڪافيءَ ۾ لعل سائينءَ جي روٽ پچائڻ وارو رواج آهي.

## 6- سڪندر بودلو:

هن بزرگ جو ذڪر اڳ ۾ چرپٽ راجا[2] جي سلسلي ۾ اچي چڪو آهي. سندس روضو قلعي لڳ آهي. روضي لڳ هڪ ڪافي سندس نالي پٺيان سڏبي آهي. سندس روضي تي روزانو لعل سائينءَ جي ڌمال سان گڏ جدا ڌمال وڄندي آهي. جمعي رات ۽ ٻين وڏين راتين تي بودلي بادشاهہ جا

---

[1] منهنجي علمي ڊائري، مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، شايع ٿيل سهہ ماهي الرحيم سنڌي، نمبر 3 سال 1966ع، ص 60.

[2] شو وشنوءَ برهما هندن جا ٽي مکيہ ديوتا آهن. انهن کي گڏي "ترپٽ" يا تروٽ چوندا آهن. ٽي سڳهي ٿو تہ "چرپٽ"، "ترپٽ" جي بگڙيل بناوت هجي، ڇاڪاڻ جو "ٽپتا" شهر سيوهڻ جي لڳ موجود آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ راجا جو نالو "ترپٽ" هوندو جنهن جو يادگار "ٽپتا" شهر آهي، پوءِ عوام جي زبان تي اچي "ترپٽ"، "چرپٽ" ٿي ويو آهي.

فقير رنگين پوشاڪ ۾ جاما پهري گهنگهرو ٻڌي درگاهہ تي ڌمال اچي هڻندا آهن. هن ڪافيءَ جي فقيرن ۾ مهر هڻڻ جو رواج ڪونهي.

## 7- سيد مير ڪلان:

اڳ ۾ اچي چڪو آهي تہ هڪ روايت موجب ڪربلا ۾ حضرت شهباز سان سندس ملاقات ٿي ۽ سندس ئي چوڻ موجب اچي سيوهڻ ۾ رهيو. الشهباز واري لکيو آهي تہ: ”حضرت قلندر شهباز جي مرشد بابا ابراهيم جو فرزند هو“. وڌيڪ لکيو اٿس تہ موجوده سبزواري سادات سندس خاندان مان آهن. هوڏانهن سبزواري سادات چوندا آهن تہ اسان شمس سبزواري جي اولاد آهيون. الشهباز (ص 22) واري پاڻ بہ اهو لکيو آهي تہ سبزواري حضرت شمس جي اولاد آهن. حضرت شمس سبزواري (مدفون ملتان) جو شجرو سيد اسماعيل ولد حضرت امام جعفر صادق سان ملي ٿو.

تحفتہ الڪرام جي صاحب سندس بابت لکيو آهي:

> ”ڪربلا معليٰ جي عظيم القدر سيدن مان آهي. انهيءَ مبارڪ سرزمين مان نڪرڻ کان پوءِ پهريائين قنڌار ۽ پوءِ سنڌ جي فتح ٿيڻ ڪانپوءِ اچي سيوستان جي پسگردائيءَ ۾ رهيو. گهڻو وقت شيخ عثمان مرونديءَ جي مزار پرانور تي گذاريندو هو. زهد ۽ تقويٰ ۾ بينظير هو. ڪيس گهڻي اولاد ٿي. مير معصوم بکري (تاريخ معصومي جو صاحب) سندس اولاد مان آهي“.❶

تحفتہ الڪرام جي صاحب کان مونجهارو ٿيو آهي. مير معصوم جو والد سيد صفائي، سلطان محمود خان جي بکر تي حڪومت وارن ڏينهن (898_982 هہ) ۾ قنڌار مان بکر ۾ اچي رهيو. ٿوري وقت ڪانپوءِ سيوهڻ جي پسگردائيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ڪاٻڙوٽ جي سيدن مان شادي ڪيائين، جنهن مان مير معصوم ۽ سندس ڀائر بکر جي شهر ۾ ڄاوا. يعني مير ڪلان جو خاندان مير معصوم جو نانڻڪ هو.❷

مير ڪلان پهريائين سيوهڻ جي پسگردائيءَ ”ڪاٻڙوٽ“ نالي ڳوٺ ۾ اچي رهيو هو. پوءِ سيوهڻ ۾ اچي رهيو. سندس پوين مان ”سيد مير

---

❶ تحفتہ الڪرام ج 3 ص.

❷ ڏسو تاريخ معصومي، سنڌي ترجمو: مير معصوم جي حياتي جو احوال ص 14.

خسرو" "سيد مير جعفر علي"، "سيد مير فتح علي"، "سيد مير انور علي" ۽ "سيد گبن شاهہ" مشهور ٿي گذريا آهن.

## 8- سيد پورا بادل شير:

مير ڪلان جي فرزند سيد محمد جي خاندان ۾ ڪامل فقير ٿي گذريو آهي. لعل سائين جي روضي جي سامهون سر تي ويهي عبادت ڪندو هو. هڪ دفعي "اولاديءَ" جي خاندان جي هڪ شخص ڏٺو ته هٽي اها سر ڪيڏي ڇڏي: چي، "اسان جي مرشد جي اڳيان سر تي ڇو وينو آهي؟" ان ڪان پوءِ شاهہ اولاديءَ جي گاديءَ واري کي لعل سائينءَ جي طرفان حڪم ٿيو تہ ان گستاخيءَ جي ڪري بادل شير کي کٽ نهرائي ڏني وڃي. هينئر روزانو ڌمال وقت جهنڊي هينيان کٽ رکي، بادل شير جي ڪافيءَ وارو فقير، پيرن کان روضي ڏانهن منهن ڪري ڌمال جي ختم ٿيڻ تائين بيهي رهندو آهي. درگاهہ جي ٻاهرين دروازي جي ڏکڻ ۾ ڪتهڙي سان بادل شير جي ڪافي آهي، جنهن ۾ سندس مزار آهي.

سيد نهال شاهہ نوري ۽ بيگن شاهہ بہ مير ڪلان جي خاندان مان ٿي گذريا آهن. نهال شاهہ نوريءَ جو روضو ۽ ڪافي جدا آهي. تحفتہ الڪرام جو صاحب سندس ذڪر هن طرح ٿو ڪري: ڪاپڙوٺ جي سيدن مان آهي، جو سيوهڻ سان تعلق رکندڙ هڪ ڳوٺ آهي. اصلي متولي شيخن کان زبردستي مخدوم عليہ الرحمة جي درگاهہ جي سجاده نشينيءَ جو مالڪ ٿيو. پير جي گهڻي فيض سبب متي ذڪر ڪيل لڪعلوي سيدن جي اولاد جي سجاده نشين کان وڌي ويو ۽ درگاهہ جي دروازي جي ٻاهران تخت تي ويهڻ جي خصوصيت عطا ٿيس. اها رسم سندس جاءِ نشينن ۾ هلي اچي". (ص 137)

ڪائنس پوءِ خضر شاهہ ۽ ان کانپوءِ موج درياء سجاده نشين ٿيا. هن خاندان مان "سيد انور علي شاهہ" بہ هڪ ڪامل فقير ٿي گذريو آهي، جو بادل شير جي طالب "گل شاهہ" جو طالب هو. ڏاڍو عابد ۽ زاهد هو. سندس ڪيترائي فقير هئا، جي گهڻو ڪري پٺاڻ هئا، جن کان لعل سائينءَ جي درگاهہ جي جهاڙوءَ جو ڪم وٺندا هئا. سندس وفات کانپوءِ سندس اولاد انهي فقيرن کي تڪيو نهرائي ڏنو جو هينئر "پٺاڻ واريءَ ڪافيءَ" جي نالي سان مشهور آهي. اهو تڪيو پهريائين "سخي سرور جو مڪان" ڪري سڏيو

ويندو هو. سيد انور علي شاهہ جي وفات کانپوءِ جهاڙو ڏيارڻ جي مهنداريءَ تي سندس فقيرن مان "نظر شاهہ" نالي فقير مقرر ٿيو. ان کانپوءِ ان گروهہ جا فقير وقت بوقت انهيءَ ڪم تي مقرر ٿيندا رهيا، جن جا نالا آهن: يقين شاهہ، روشن علي شاهہ، قطب شاهہ، شميشر علي، ديدار علي شاهہ، هينئر انهيءَ ڪافيءَ جي فقيرن جو سرگروهہ نادر علي شاهہ آهي جو پٺاڻ آهي. هو اڄ ڏينهن تائين پاڻ جهاڙو ڪٽي فقيرن کان جهاڙو ڏياريندو آهي. [1]

## 9- سيد صلاح الدين:

اڳ ۾ اچي چڪو آهي تہ هي بزرگ شاهہ صدر جي اولاد مان هو ۽ لعل سائينءَ سان گڏجي سيوهڻ ۾ آيو. تحفتہ الڪرام جي عبارت ۾ اچي چڪو آهي تہ "هي بزرگ لڪياري ساداتن مان هو ۽ سجاده نشين هو".

"الشهباز" واري لکيو آهي تہ "هي صاحب لعل سائينءَ جي وصال کان پوءِ سيوهڻ ۾ اچي حضرت ابراهيم شاهہ [2] جتيءَ جو طالب ٿيو. ڪيئن بہ هجي، هي بزرگ لعل سائينءَ جو سجاده نشين ثابت آهي. الله تعاليٰ کيس دين سان گڏ دنيا جي نعمت سان بہ نوازيو هو. کيس ڪافي اولاد ٿي، جنهن کري "اولادي امير" سڏجڻ ۾ آيو. "شاهہ اولاديءَ" جي ڪافي سندس يادگار آهي، جنهن جي گادي تي هينئر محرم شاهہ آهي. سندس اولاد مان ڪيترائي درويش ٿي گذريا. جي لعل سائينءَ جي سجاده نشيني سان سرفراز ٿيندا آيا. تحفتہ الڪرام جو صاحب سندس لاءِ لکي ٿو: [3]

اصل لڪعلي (لڪيءَ) جي سيدن سڳورن مان آهي. پنهنجي ذاتي صلاحيتن جي وسيلي دين خواهہ دنيا جي سڌاري ۾ ڪوشش ڪري نالو ڪڍيائين ۽ درگاهہ جي سجاده نشينيءَ جي دولت نصيب ٿيس. سندس وجود پنهنجي پير جي نظر فيض اثر جي برڪت سان مريدن ۽ متعلقن جي هر طرح جي سڌاري جو باعث ٿيو.

ڪائنس پوءِ سندس پٽ سيد پير شاهہ گاديءَ تي وينو ۽ درگاهہ جي سجاده نشينيءَ سان سرفراز ٿيو. تحفتہ الڪرام جو صاحب هن طرح ٿو

---

[1] الشهباز تان ورتل.

[2] سيد ابراهيم شاهہ جتي، سيد عليءَ جو طالب هو. سندس نالي سان جدا ڪافي آهي، جنهن جي گاديءَ تي هينئر "خليفو نور محمد آهي".

[3] ج، 3 ص 137.

سندس تعريف ڪري [۵]

”سياري خواه اونهاري ۾ نفل جي سپ ڪنهن ٻارهينءَ رڪعت کان پوءِ نئون غسل فرمائيندو هو. سڄي رات عبادت ڪندو هو.

سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڏاڍيءَ سڪ سان سندس زيارت جي درخواست ڪئي، پر هن قبول نہ ڪئي. نيٺ هو سندس خدمت ۾ آيو تنهن تي ٻين سيدن ۽ خادمن ڪِيس ڏاڍي تڪليف سان ٻاهر ڪڍيو. ڏسڻ سان چيائين تہ هن ڪانپوءِ دنيا ۾ رهڻ چڱائي نہ آهي ۽ جلد گذاري ويو“.

جيڪڏهن تحفتہ الڪرام جو مٿيون بيان قبول ڪبو تہ پوءِ سيد صلاح الدين کي حضرت قلندر شهباز جي وصال کان گهڻو پوءِ آيل قبول ڪبو. ٿي سگهي ٿو تہ سيد صلاح الدين جي نالي سان انهيءَ خاندان مان ٻيا بزرگ ٿيا هجن. هڪ لعل سائينءَ جي وقت ۾ ٿيو هجي، جنهن جو ذڪر تحفتہ الڪرام جي صاحب ڪيو آهي.

تحفتہ الڪرام موجب: سيد پير شاه ڪانپوءِ سندس ڀاءُ نور شاه سجاده نشين ٿيو. تحفتہ الڪرام جو بيان آهي:

> ”هن جو ظاهري نمونو ابدالن جهڙو بي جوابدارانہ ۽ رندانہ هو. پر حقيقت کان ايڏو تہ ٻهرو مليل هوس، جو جيڪي بہ سندس زبان مان نڪرندو هو سو تقدير سان ٺهڪي ايندو هو. پير جي مٿس حد کان وڏيڪ مهرباني هئي، هفتي ۾ هڪ دفعو ٻاهر نڪرندو هو ۽ پيئڻ جو سامان ساڻ هوندو هوس. سندس وڏا خرچ ڏسي ماڻهو منجهس ڪيميا جو شڪ ڪندا هئا“.

ڪانئس پوءِ سندس ڀاءُ حيدر شاه جاءِ نشين ٿيو جنهن پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجي پٽ نظر شاه کي گاديءَ تي ويهاريو. نظر شاه ڪانپوءِ سندس وڏو ڀاءُ اسد شاه پيءُ جي هٿان سجاده نشين ٿيو. ان ڪانپوءِ سيد حيدر شاه گذاري ويو“.

مقامي روايت آهي تہ: انهيءَ خاندان جا ڪي فرد ڳوٺ ڏاوچ ضلعي دادوءَ ۾ وڃي ويٺا.

---

[۵] ايضا.

Gul Hayat Institute

## 10- شيخ مکڻ:

تحفتہ الڪرام جو بيان آهي تہ قديم زماني کان درگاهہ جا متولي ۽ ڪنجي بردار شيخ هئا. شيخ مکڻ انهن شيخن مان ٿي گذريو آهي. تحفتہ الڪرام جو صاحب لکي ٿو تہ:

”مٿس پير جي ڏاڍي مهرباني هئي. چون ٿا تہ سادات، جي شيخن جا ڏوهٽا هئا، تن جڏهن سجاده جي هٿ ڪرڻ ڪانپوءِ درگاهہ جي ڪنجيءَ جي لالچ رکي ۽ هنن مقابلي جي همت نہ ساري، ڪنجي ڏئي ڇڏي، تڏهن سيدن ڪيتري بہ ڪوشش ڪئي پر دروازو نہ کليو. لوهار ڪي کلف ڀڃڻ لاءِ وٺي آيا تہ، ڏڪ هڻڻ سان سندس هٿ سڪي پيو. هن عجيب ڳالهہ ڏسڻ تي سيدن پنهنجي ڪئيءَ تي پشيمان ٿيا ۽ ڪنجي شيخن جي حوالي ڪيائون. هن کانپوءِ ڪنجي ۾ سيدن جي ڪا بہ دست اندازي ڪا نہ آهي ۽ بہ گاديون ٿي پيون آهن“. (ص 136_137)

اهو شيخ مکڻ ساڳيو شيخ مڱڻ آهي، جنهن جي مزار درگاهہ ۾ آهي. ڪنجي شيخن ۾ هلندي ٿي آئي. مقامي روايتن موجب: سيد ولي محمد شاهہ کي ڪنجي شيخن کان ملي هئي، جو شيخن جو مرشد هو ۽ هاڻوڪي اڳوڻي ڪنجي بردار لکياري سيد گل محمد شاهہ جو والد بزرگوار هو.

## 11- شاهہ گودڙئو:

تاريخ يا تذڪرن ۾ گودڙئي جو احوال ڪو نہ ٿو ملي. باقي عوام ۾ سندس نسبت روايتون مشهور آهن. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ شاهہ گودڙئي جو والد بلخ بخارا جو بادشاهہ هو. جڏهن لعل سائينءَ جن سندس شهر ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏهن اچي عرض ڪيائين تہ مون کي اولاد ڪا نہ ٿي ٿئي، دعا ڪريو تہ الله تعاليٰ پٽ ڏئي“.

لعل سائينءَ جي دعا سان کيس بہ پٽا ٿيا، جن مان هڪ جو نالو عدم هو جو وڏو ٿي بادشاهہ ٿيو ۽ سلطان عدم جي نالي سان مشهور ٿيو پر پوءِ دنيا ترڪ ڪري فقير ٿي ڦرندو رهيو. سندس مزار خيرپور رياست کان 10 ميل پري جبل ۾ آهي.

ٻيو ٻار لعل سائينءَ نپايو سير و سياحت ۾ لعل سائين جن جي گودڙي ڪڇي هلندو هو انهيءَ ڪري مٿس ”گودڙيو“ نالو مشهور ٿي ويو. اصل نالو سيد عبدالله شاهه هوس. سنڌ ۾ اچڻ ڪانپوءِ لعل سائينءَ کيس جبل جي انهيءَ پاسي وڃي رهڻ جو حڪم ڏنو جتي هينئر سندس مزار آهي. سندس دوست آلو سائين به قلندري فقير هو. ان جي مزار به ان پاسي آهي.

## 12- پير پٺو:

سندس ٿورو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. سندس اصل نالو حسين، لقب شاهه عالم ۽ ڪنيت ابوالخير هئي، پر ”شيخ پٺا“ جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس والد جو نالو راڇپار ۽ والده جو نالو سلطاني هو جا مراد بن شرفوس جي نياڻي هئي. ذات جو اپلاڻو هو ۽ ننڍي جي پرسان ”آري“● جو وينل هو.

سنڌ جي قديم بزرگن مان هڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. تحفته الڪرام جي صاحب لکيو آهي ته شاهه جميل گرناري (سيد عبدالهادي بن سيد عبدالطاس) به سندس مريد هو. سندس مقبرو شيخ پٺيءَ جي پرسان آهي. شيخ پٺي جي جتي هينئر مزار آهي، اتي هميشه عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول هوندو هو. تحفته الڪرام جي صاحب سندس بزرگيءَ ۽ ڪمال جي اعتراف ۾ علامه قاضي محمود جا لفظ نقل ڪيا آهن. لکي ٿو:

> ”اقدم اولياء“ و اڪرام واصلان-راه-خدا مي باشد در تعريفش چه قدم ڪسي راه رو نه ڪرشمه از والا مقاماتش بدفتر نگجند. در اڪثر سند همچو صاحب ڪمال ڪم برخواسته“

حضرت قلندر لعل شهباز جو همعصر هو لعل سائين ۽ حضرت غوث بهاءالدين، سير سفر ڪندا اچي ساڻس غار ۾ مليا. ٻنهي بزرگن جي نظر فيض اثر ڪري پير پٺو ولايت جي ڪماليت کي وڃي پهتو. مولانا عبدالقادر پنهنجي ڪتاب حديقته الاولياء ۾ اهو ذڪر هن طرح آندو آهي:

Gul Hayat Institute

---

● ”آري“ ننڍي جي ڏکڻ ۾ ڏيڍ ميل مفاصلي تي آهي. مخدوم ملا آري هڪ بزرگ هو جو حضرت سيد علي شيرازي جو ارادتمندن مان هو. پهريائين ڪينجهر ڍنڍ جا ملاح ۽ مڇي مارينڌڙ قوم گندرا پير آريءَ جا مريد هئا، پر جڏهن سيد علي شيرازيءَ جو مريد ٿيو، تڏهن انهن کي نظر طور انهيءَ سلسلي ۾ داخل ڪيائين. (تحفته الڪرام ج، 3 ص 181 ۽ تحفته الطاهرين، ڇپايل ادبي بورڊ، ص 9) جيئن ته ملا آري پير پٺيءَ کانپوءِ جو آهي، تنهن ڪري اهو نالو پوءِ مروج ٿيو آهي.

شیخ پتہ سرور سلطان دین
فارس میدان عرفان و یقین
واصل حق صاحب صدق و صفا
پیشوائے اولیاء و اذکیا
مخزن گنجینۂ اسرار ز حق
مظہر مجموعۂ انوار حق
در بن غار جبل ماویٰ گرفت
لعل وش درسنگ خارا جا گرفت
از خلایق دور باحق در حضور
مختفی از چشم چون در دیدہ نور
کس نبودہ مطلع برحال شان
گوہري بودہ نہان در جوف کان
اتفاقا شیخ عثمان شاہباز
آن شہی سردار دین و سرفراز
ہمرہٖ شیخ الشیوخ صدرالدین
شیخ ذکریا بھاوالدین امین
از صفائے باطن و نور ضمیر
یافتند آن اہل دل گوشہ گیر
شیخ پتہ از سر صدق و یقین
شد مرید شیخ زکریا امین
بعد ازان آن گوہر بحر شہود
از نقاب اختفا چہرہ کشود
ساخت عالم روشن از انوار خویش
کردہ ظاہر در جہان آثار خویش

Gul Hayat Institute

646 هہ ۾ وفات ڪيائين ۽ انهيءَ پهاڙ تي ڪيس دفن ڪيو ويو. جنهن جي غار ۾ عبادت ۾ مصروف هوندو هو.° 12 ربيع الاول تي سندس مزار تي ميلو لڳندو آهي. ٺٽي جي عوام جي ساڻس ڏاڍي عقيدتمندي رهي آهي.

فيروز شاهہ تغلق سن 772 هہ ۾ ٺٽي تي ڪاهہ ڪئي. ان وقت ٺٽي جو حڪمران ڄام بابينو هو جنهن سندس مقابلو ڪيو. قدرت ڏٺيءَ جي فيروز شاهہ جي لشڪر ۾ ڏڪر اچي پيو. اهو حال ڏسي فيروز شاهہ لشڪر وٺي گجرات هليو ويو. ٺٽي جا ماڻهو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ ان کي پير پٺي جي برڪت سمجهيائون. فيروز شاهہ جي مؤرخ شمس سراج عفيف تاريخ فيروز شاهيءَ ۾ لکيو آهي:

"و اول ڪرت ڪہ سلطان فيروز از ٺٽهہ بے غرض سمت گجرت باز گشت ٺٽهيان اين سخن را ورد حجت ساختند و ميگفتند "ببرڪت" شيخ پٺا اڪ موا اڪ ٺٽها".

"اڪ موا" محمد تغلق ڏانهن اشارو آهي، جو ٺٽو فتح نہ ڪري سگهيو ۽ واٽ تي مري ويو. "اڪ ٺٽها" فيروز تغلق ڏانهن اشارو آهي، جو ٺٽي فتح ڪرڻ کان سواءِ هليو ويو.

حقيقت ۾ اهو جملو سنڌيءَ ۾ هن طرح بيهندو:

"برڪت شيخ پٺو هڪ مئو ٻيو ٺٽو".

جنهن کي عفيف بگاڙي، پارسيءَ رسم الخط ۾ ان طرح لکيو آهي.

## 13- لعل بڪر:

اصل ٻڪرار هو پسنيءَ بندر جي پسگردائيءَ جو هو. لعل سائينءَ جي نظر فيض اثر سان رڱجي ريٽو ٿيو ۽ "لعل بڪر" جو لقب مليس. سندس ذڪر اڳ ۾ بہ آيو آهي.

## 14- لعل موسيٰ:

هي بزرگ ٺٽي جي پسگردائيءَ جو هو. تحفتہ الڪرام جي صاحب ٺٽي جي آسپاس جي بزرگن ۾ سندس ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو:

---

° تحفتہ الڪرام ج 3، سنڌي ترجمو ص 653.

”مخدوم لعل شهباز ڪان فيض ياب آهي. سندس آمد سمن حاڪمن جي ڏينهن جي ابتدا ۾ ٿي هئي“.[1]

حضرت قلندر شهباز جن سومرن جي ڏينهن ۾ ٿي گذريا. سومرن ڪانپوءِ سما ٿيا. تنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ لعل موسيٰ ڪانئن مماتيءَ ۾ فيض پرايو.

## 15- مخدوم بلاول سمو:

مخدوم بلاول جو قبو باغبان تعلقي دادوءَ ۾ آهي، جتي هر ڪنهن ماهہ پهرين جمعي رات ميلو لڳندو آهي. وڏو عالم بزرگ ۽ درويش ٿي گذريو آهي. تحفتہ الڪرام جو صاحب لکي ٿو:

”وڏو عارف ۽ واصل باالله هو. ظاهري علم ۾ پڻ وڏو شان رکندو هو. رات جو پاڻيءَ سان ڀريل ڪونار ۾ وهندو هو تہ ذڪر جي جوش ۽ حال جي غلبي ڪان پاڻي جانبہ وانگيان چڪر هڻڻ لڳندو هو. صبح جو باهر نڪري ويندو هو تہ بہ پاڻي چڪر ۽ جوش ۾ هوندو هو. جيستائين درياهہ ۾ نہ هاريندا هئا تيستائين بس نہ ڪندو هو“.[2]

وڏو مصلح ۽ محب وطن بزرگ هو. ڄام نظام الدين سمي جي ڏينهن ۾ سندس وزير دريا خان جيڪا سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ هلائي، ان ۾ هن بزرگ پنهنجي ٻن خليفن سيد حيدر سنائيءَ ۽ مخدوم ساهڙ سميت وڏو حصو ورتو. مرزا شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو. سنڌ جي آزاديءَ جي تحفظ خاطر هيءُ بزرگ خليفن سميت ٽلتيءَ جي لڙائيءَ ۾ سمن سان گڏجي مرزا سان وڙهيو.[3] مرزا جڏهن آخر سنڌ تي قبضو ڪيو تڏهن هٿ ٺوڪين مولوين ڪان فتويٰ وٺي هن بزرگ کي گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪرائي ڇڏيو. هي بزرگ بہ حضرت قلندر شهباز جو پانڌيئڙو هو.

## 16- شاهہ عبداللطيف ڀٽائي:

سنڌ جي قومي شاعر ۽ دنيا جو عظيم شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ لاءِ بہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ لعل سائينءَ جي درگاهہ جو پانڌيئڙو هو. فيض بہ هتان

---

[1] تحفتہ الڪرام (سنڌي ترجمو) ص 623.
[2] ايضاً ص 259.
[3] ڏسو تاريخ معصومي (سنڌي ترجمو) ص 139 ڪان 140. تاريخ معصومي موجب مرزا سنڌ تي حملو 924 هہ ۾ ڪيو.



Gul Hayat Institute

ئي مليس. سيوهڻ جي فقيرن جون روايتون آهن تہ: پٽ ڌڻي شاهہ اولاديءَ جي ڪافيءَ ۾ اچي رهندو هو ۽ اتي جون مٽيون بہ پريندو هو. شاهہ صاحب جي حياتيءَ جي احوال مان بہ سندن سيوهڻ اچڻ ثابت ٿئي ٿو. مولوي دين محمد وفائي، لطف اللطيف (ص 89_90) ۾ لکي ٿو:

"شاهہ صاحب جي گهاٽن دوستن مان مخدوم دين محمد سيوهاڻي بہ آهي. (وفات 1192) شاهہ صاحب سيوهڻ ۾ مخدوم دين محمد صديقيءَ وٽ تمام گهڻو اچي رهندا هئا ۽ پاڻ ۾ رهاڻيون ڪندا هئا. مخدوم دين محمد هڪ وڏو عالم ۽ صوفي ۽ سهروردي طريقي جو درويش هو. مخدوم صاحب شرعي حڪمن جو بہ پابند هوندو هو. جو ميان نور محمد ڪلهوڙي کي شرعي فيصلن ۾ ڪائنس مشورو يا فتويٰ وٺڻي پوندي هئي. شاهہ صاحب جي ايڏي وڏي شرعي عالم سان ايڏي محبت هئي، جو هڪ دفعي هڪ ٻئي جون دستارون بدلائي ڏيکيائون ۽ پاڻ ۾ پڳ مٽو يار ٿيا هئا. (انهيءَ مخدوم محمد جو هڪ فرزند مخدوم عبدالواحد سيوستاني ٿي گذريو آهي، جنهن جي فتويٰ تي اڄ تائين سنڌي مسلمان عمل ڪندا رهن ٿا).

محترم مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسميءَ پنهنجي مضمون شايع ٿيل نئين زندگي بابت ماهہ مارچ 1961ع ۾ لکيو آهي تہ: "سنڌ جي عالمن مان شاهہ صاحب جا بہ گهاٽا دوست هئا. نٽي ۾ مخدوم محمد معين ۽ سيوهڻ ۾ قاضي دين محمد". هن مان ثابت ٿئي ٿو تہ پٽ ڌڻيءَ جي سيوهڻ شريف ۾ ايندا هئا. جڏهن سيوهڻ ايندا هئا تہ لعل سائينءَ جن درگاهہ تي بہ ضرور ويندا هئا. اجا بہ هيئن چئجي تہ: سيوهڻ ايندا ئي لعل سائينءَ کان مستفيض ٿيڻ لاءِ هئا.

## 17- حضرت قادر بخش بيدل:

روهڙي جو زبردست عالم، صوفي ۽ شاهہ ۽ سچل کان پوءِ سنڌ جو عظيم شاعر حضرت قادر بخش بيدل (ولادت 1230 هہ 1814ع، وفات 16 ذوالقعد 1289 هہ) بہ سندن ئي فيض مان مستفيض ٿيو. 14 سالن جي عمر ۾ حضرت قلندر شهباز جي ڇڪ تي سيوهڻ هليا ويا. شهباز سائين جي



Gul Hayat Institute

هستيءَ ۾ ايڏو ته گم ٿي ويا جو پاڻ ته ڇڏيو پر پنهنجي مادري ٻولي به وساري ويٺا. اتان ڪين شعر چوڻ جي اجازت ملي. هڪدم عربي، پارسي ۽ اردوءَ ۾ ٿي غزل چيائون. شهباز سائينءَ جي اثر سبب ڪيترا ڏينهن سنڌي ڳالهائي ئي نٿي سگهيا. جيڪڏهن ڪو ڳالهائيندو هون ته جواب اردوءَ ۾ ڏيندا هيس.❶ گهڻن ڏينهن ڪان پوءِ سنڌي ڳالهائڻ لڳا ۽ سنڌيءَ ۾ بلند پايه شعر چيائون. سنڌي ڳالهائڻ ڪان سواءِ عربي، پارسي، اردو هندي ۽ سرائيڪيءَ ۾ اعليٰ درجي جو شعر چيو اٿن. تنهن ڪان سواءِ ڪيترا ڪتاب عربي ۽ پارسي نثر ۾ لکيا اٿن. نثر ۽ نظم ۾ سندن ارڙهن تصنيفون موجود آهن. سنڌي، پارسي، سرائيڪي ۽ اردوءَ ۾ حضرت قلندر شهباز جي شان ۾ شعر چيو اٿن. سنڌي مناقب جو هڪ بند هتي ڏجي ٿو:

اي صبا! وڃ لڳ خدا جي هڪ گهڙي،
طرف روضي شاهه سيوستان وري،
صد تحيت صديق مان پڙ تي پڙهي،
ڇئج ڏس احوال ڪر بخشش گري،
يا قلندر وير واهر تي وري،
مير مروندي رسي ڪر رهبري،

رياض الفقر ۾ هن طرح مدح خوان آهي:

قلندر مشرب و منصب قلندر    قلندر صورت و معنیٰ پیمبر
قلندر گمرہانرا رہبر آمد    قلندر سروران را سرور آمد
رقمزد شد بلوح این طاق اخضر    حسینی لعل شهباز قلندر
ز رضوان روضه اش صدبار خوشتر    ضیائی او زنور عرش انور.

رياض الفقر ۾ فارسي ڪلام ڪان سواءِ حضرت قلندر شهباز جي شان ۾ هڪ اردو مسدس به ملي ٿي. عبدالحسين شاهه موسوي مرحوم (ديوان بيدل، ص، 6) ۾ لکيو آهي ته جڏهن حضرت بيدل: حضرت شهباز سائين ڪان مستفيض ٿي موٽيو ۽ شعر چوڻ شروع ڪيائين ته پهريون پهريون شعر اردو مسدس چيائين. پهريون بند هيٺ ڏجي ٿو:

---

❶ ديوان بيدل ـ از گدو مل هرجاڻي، ص 16.

ولامت ڈر زہول روز محشر پکڑلے دامن ابن پیمبر
شہ شاہان عرفان دین پرور قطب ارشاد عشاقاں کا رہبر
میرا مرشد مکمل ہے قلندر حسینی حیدری سلطان سرور

## 18- بيڪس:

بيدل سائينءَ جو فرزند محمد محسن بيڪس بہ حضرت قلندر شهباز جي روحاني فيض کان مستفيض ٿيو. بيڪس جي ولادت 24 جمادي الثاني 1275 ھ (2 فيبروري 1859ع) تي ٿي ۽ 1298 ھ (1882ع) ۾ سندس وصال ٿيو. حضرت شهباز سائينءَ سان بيحد عقيدت هيس. سندس شان ۾ ڪيترو ئي ڪلام چيائين. نموني طور ڪجھ هيٺ ڏجي ٿو:

شاھ عاليجا تون شهباز نوري نامور،
اي يتيمن جا اجها، تون بادشاھ بحرو بر،
توتي آهي منهنجي، سڀ لڄ،
مون سان لائق لطف ڪر.
ڪر پلائي برھ جي يا سيدا،
ڪر نوازش نينهن جي يا سيدا،
ڪر عنايت عشق جي يا سيدا،
ڪر مهر ڪا درد جي يا سيدا،
يا قلندر شاھ سيوھڻ جا سدا،
ڪر نظر بيڪس بندي تي لڳ خدا.

## 19- سيد ناٿن شاھ:

ولد سيد محمد معين لڪعلوي سيد گلاب شاھ ولد سيد صلاح الدين، (جو حضرت قلندر شهباز جو سجاده نشين هو) جو مريد هو. حضرت قلندر شهباز جي ياد ۾ 1005ھ ۾ ٺٽي ۾ آستان ٺاياائين. [1]

---

[1] تديم سنڌ، ان جا شهر ۽ ماڻهو ص 33.

## 20- نبن فقير:

ويجهڙائيءَ واري زماني ۾ الله وارو فقير ٿي گذريو آهي. سنڌيءَ جو سٺو شاعر هو. ڳڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ جيهن جو وينل هو. حضرت شهباز سائينءَ جو پانڌيئڙو هو. سندن ئي فيض مان مستفيض ٿيو. جيهن ۾ زمين جو ٽڪرو هوس، اهو وڪڻي سيوهڻ ۾ وڃي "ڪافي" ٺهراياڻين، جا اڄ تائين سندس نالي سان مشهور آهي، جتي زيارتي وڃي رهندا آهن.❷

### عقيدت جا گل:

سندن روحاني مرتبي جي سنڌ ۽ هند قائل آهي، سندن خدمت اقدس ۾ شاعرن وقت بوقت خراج عقيدت پيش پئي ڪيو آهي. هڪ عوامي گيت ته بيحد مقبول آهي. ان جو شروع جو بند هيٺ ڏجي ٿو:

لال موري پت رکيو ڀلا جهولي لالڻ،
سنڌڙي دا_ سيوهڻ دا_ شهباز قلندر.
دما دم مست قلندر.

هي لوڪ گيت اڄڪلهه بيحد مقبول آهي ۽ پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳايو وڃي ٿو. هيءَ دعوي يقين سان ڪري سگهجي ٿي ته گذريل ڪجهه سالن ۾ جا مقبوليت هن گيت کي ملي آهي اوتري هر دلعزيزي ٻي ڪنهن نغمي کي نصيب نه ٿي آهي. هن نغمي کي پاڪستان جي هر قابل ذڪر گلوڪار ڳايو آهي ۽ ان جي مخصوص سنڌي ڌن کي برقرار رکيو آهي. ريڊيو پاڪستان جي هر اسٽيشن هي گيت مختلف آوازن ۾ پئي ٻڌايو آهي. ڪيترن فلمن ۾ هي گيت مشهور ۽ مقبول فنڪارن کان ڳارايو ويو آهي. ڪيترن ئي شاعرن هن گيت جي رنگ ۾ نوان بند جوڙي هن ۾ ملايا آهن. هينئر ته پاڪستان جون حدون اورانگهي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پهتو آهي. انگلينڊ، فرانس، آمريڪا ۽ ٻين ملڪن جي وڏن وڏن هوٽلن ۾ هي گيت گونججي رهيو آهي. هي گيت ايڏو ته پراثر آهي، جو هن جا ٻول ٻڌڻ سان هرڪو بي اختيار ٿيو وڃي. ڳائڻ وارا جڏهن هي گيت ڳائيندا آهن ته هنن تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري هوندي آهي. ڪوشش ۽ تحقيق جي باوجود هن گيت جي خالق جو نالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي. ڀائنجي ٿو ته ڪنهن اهل دل بزرگ هي گيت جوڙيو آهي.

❷ ڏسو راقم الحروف جو مقالو شايع ٿيل سهه ماهي مهراڻ جو "سوانح نمبر".

(2) حديقتہ اوليا (قلمي) سنڌ جي بزرگن جو هڪ تذڪرو آهي. ان ۾ سنڌن اوصاف ۽ اخلاق عاليہ بابت هڪ طويل قصيدو آهي. ان مان ڪجهہ اشعار مثال طور ڏجن ٿا.

شاه باز نشیمن لاہوت      شاه اورنگ خطۂ ملکوت
اہل دل عارف معارف حق      صاحب وجدوتارک مطلق
بحر عرفان کنوزدانائی      مہر ایقان چراغ بینائی
دمبدم رحمت خداوندی      یاد بر روحِ شاہ مروندی،

(3) هندستان جي هڪ بزرگ شاهہ شرف الدين، جڏهن سنڌن زيارت ڪئي، تڏهن بي اختيار ٿي چيائين:

عجب دیدم بدرگاہِ قلندر،
نجف چوں مشہد نور منور،
طواف تربت آں شاہ سرور،
ثواب غازیاں را حج اکبر۔

(4) سچل سرمست (ولادت 1739ع وفات 1826 ع جي ڪلام ۾ پڻ لعل سائينءَ جو ذڪر ملي ٿو. اردو ڪلام ۾ سچ سائين فرمائي ٿو:

سچو میرا مرشد سخی قلندر،
قلندر جوگی کیسی بین بجائی۔

5_ قاضي فضل الله پاٽائي جو شعر آهي:

ساقی بیار جام شراب قلندری
کز مستیش ز ہستیء عالم شوم بری
گر جرعہء زجام قلندر کسے چشیدہ
بر جام جم ہمیشہ تواند تونگری
این کاسہء قلندر خورشید خاور است
سہروردی، نقشبندی، چشتی و قادری

6_ مولانا ضيائي سيوستاني فرمايو آهي:



Gul Hayat Institute

نیست از آسیب دوران مر سیوستاں راں راهب
گرچه آید زیر طوفان جمله عالم فی المثل
کشتیء نوحؑ ست گویا، شاه دورے همچو نوحؑ
منکران را تیرو چوب از دوری سازد خجل
صبت کوسِ نوبتش کان مجمع اهل دل است
غافلان را میکند هشیار از روز ازل

بيدل ۽ بيڪس سائينءَ جو احوال ۽ سندن چيل مدحيه ڪلام جو نمونو به اڳي ڇڪو آهي. حضرت بيدل بيڪس سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ حضرت قلندر شهباز جي شان ۾ ڪافي مدحيه ڪلام چيو آهي. حضرت بيدل سندس تاريخ وصال هن طرح منظوم ڪئي آهي:

دل چو تاریخ وصال او بجسته از سروش
هاتفم گفتا که او لعل یمن عرفان بود
(۶۵۰ھ)

لاڙڪاڻي ضلعي جي مشهور شاعر عثمان سانگيءَ (1778ع_1860ع) جو نوشهري جي نقشبندي بزرگ خواجه عبدالحي جو مريد هو. سندن شان ۾ شعر چيو آهي. مثال ملاحظه فرمايو:

حق نور جلال الله مست وار قلندر
قلندر صوفی عین صفا، سردار قلندر۔

9_ سندس پير ڀائي فقير خير محمد به شهباز قلندر جي شان ۾ هڪ ڪافي چئي آهي. جنهن مان مثال هيٺ ڏجي ٿو:

اڇي حاضر حسيني ٿي، قلندر لعل مروندي
ڪابل ڪشمير ڪنڌاري، بلخ بيحد سمرقندي.

10_ نشان علي فقير به مٿين سلسلي جو بزرگ آهي سندس شعر فقير هدايت علي نجفيءَ مرتب ڪيو آهي، جو اڃا قلمي حالت ۾ موجود آهي. فقير نشان عليءَ به شهباز سائينءَ جي شان ۾ شعر چيو آهي. هڪ بند مثال طور ڏجي ٿو:

Gul Hayat Institute

عرش زمين تي طبل تمهارا، وڳدا نوبت نينهن نقارا،
ملڪ فلڪ تي ڪيتو اشارا، ڪيڏن ورد ڏمال.

11ـ سيد ثابت علي شاه پنهنجي حياتيءَ جي تذڪري ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

*سير گاه صادقان، خلوت سرائے عارفاں*
*مامن متوکلان، آرام گاه اولیاء*

بارڪ الله شهر سيوهڻ، سنڌ جو داراالامان
آه دار الاوليا سنڌ نالس اصل ڪان
شهر سيوهڻ ڪشتيءِ نوح و قلندر ناخدا
شهر سيوهڻ جنهن جو آ شهباز حسيني شهريار
اي خدا! هي شهريار ۽ شهر هجي دائم بقا.

12ـ سکر جي محمود ميان بہ سنڌن شان ۾ مدحيہ شعر چيو آهي. مثال طور هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

لعل قلندر پير پيڙا ڀنين لاوين
ڪن ٿهري، ڪڙڪي ڪير دي
تڪڙي بحر دي هي سير، پيڙا ڀنين لاوين.

13ـ خانڳڙه جي بزرگ، احمد صاحب پنهنجي ڪيترين ڪافين جي شروعات هن ٽل سان ڪئي آهي:

مست و مست قلندر لعل

14ـ ٽنڊو شاهہ جهانيان (ضلعو حيدرآباد سنڌ) جي جهانيان پوٽہ صوفي بزرگن بہ لعل سائينءَ جي شان ۾ شعر چيو آهي. انهن بزرگن مان سيد غلام شاهہ فرمائي ٿو:

”قلندر لعل شهبازا، کولي ڏي دل جا دروازا.“

15ـ انهيءَ خاندان مان سيد روشن علي شاهہ فرمائي ٿو:

لعلئون لعل قلندر لعل، تون آهين نوري مرد نهال.

16ـ انهيءَ گادي جي سجاده نشين، سيد هادي بخش شاه مسڪين چيو آهي:

”قلندر مهر مان مونکي، پيالو پرت جو پياريو.“

17ـ لعل سائينءَ جا هندو مسلمان عقيدتمند آهن. اڳ ۾ اچي چڪو آهي تہ بہ ميندين هندو ڪيندا آهن. هندو شاعرن بہ لعل سائين، جي خدمت

Gul Hayat Institute

اقدس ۾ عقيدت جا گل پيش ڪيا آهن. فقير سوڀراج "سوڀ" متي ذڪر ڪيل جهانيہ پوٽہ گاديءَ جو طالب. وينل سيوهڻ ڪاني جهانيہ پوٽہ (سيوهڻ ۾ جهانيہ پوٽن جي بہ ڪافي آهي). هڪ پارسي شعر ۾ چوي ٿو:

"قلندر مظهر سر علی است قلندر جلوه گر علی است"

ٻي هڪ سنڌي ڪلام ۾ چوي ٿو:

"تون آهين ناميو ننگ پال ۽ نگهدار قلندر
ڏسي حال ڪر ڀال قربدار قلندر."

18ـ ديوان "صورت بهار" ۾ صورت سنگهہ (ولايت 1832ع, وفات 1877ع) جي هڪ اردو ۾ مناجات ملي ٿي: جيڪا ڪيترن ئي بندن تي مشتمل آهي. ان مان هڪ بند مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

دم مست قلندر شہ شہباز قلندر
ہم دست خداوند کا ہمراز قلندر
1- سلطان فقیروں کا غریبوں کا ہے صاحب،
بخشندا امیروں کا غریبوں کا ہے راہب،
حاکم ہے امیروں کا یتیموں کا یا رب،
مختیار ملائک کا ہے مولا کا ہے نائب۔

19ـ سيوهڻ جي پسگردائيءَ جي هڪ شاعر، جنهن جو نالو يا تخلص سيلاني آهي: لعل سائينءَ جي شان ۾ هڪ "تيهہ اکري" چئي آهي: جنهن جو هڪ بند ڏجي ٿو:

الف لڳ الله جي، شهباز! سڻ منهنجو سوال
بي نوا، مسڪين، عاجز جو عرض ڪر تون بحال
شاه تون شهباز مروندي، حسين آهين لعل
مست تون المست آهين، مست حال ۽ مست خيال
واسطي الله جي ناشاد ڪي تون شاد ڪر!
دانهن فريادي سنڌي سيدا! ٻڌي ڪو داد ڪر!

20ـ هڪ ڏور جو شاعر، هڪ ڏور جي بيت ۾ حضرت شهباز جي ولادت ۽ شان هن طرح بيان ڪري ٿو:



Gul Hayat Institute

نانگي ٻڏي نينهن جي ڪا ڪچي ڪا چوٽي؛
گهر ڀرايس گودڙي ڏئي الف سان اوٽي؛
نڪي نر نڪاح ڪو نڪا نيڪٽي؛
جهڙو آيو جڳ ۾ تهڙو ويو موٽي؛
تنهين جي چوٽي، پورب ٽيندي پڌري

21ـ رئيس ضياء الدين مرحوم سندن مستيءَ بابت چيو آهي:

ٽيو مفهوم مستيءَ ۾ عجب اسرار مروندي،
حياتي هيج واري جي طريقت سان ٿي پابندي

زنده شاعرن مان بہ ڪيترن ئي ڪين خراج عقيدت پيش ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

## باب چوٿون

# شاعري

حضرت قلندر شهباز کي فارسيءَ جو شاعر ڄاڻايو ويو آهي. سنڌ ۽ هند جي قديم ۽ جديد مؤرخن ۽ محققن کين شاعر تسليم ڪيو آهي؛ ۽ سندن شعر پنهنجن ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي. مولانا محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪتاب ”مدح سنڌ“، مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ جي ڪتاب ”فتوي واحدي“، مير علي شير قانع جي ڪتاب ”مقالات الشعراء“، حضرت قادر بخش بيدل جي ڪتابن سندالموحدين ۽ ”رموز العارفين“ مهتا مولچند جي ڪتاب رساله سوانح قلندر خداداد خان جي ڪتاب ”لب تاريخ سنڌ“، هڪ قلمي ڪتاب ”بياض —صالح“ ۽ ٻين ڪن ڪتابن ۽ قلمي بياضن ۾ کين شاعر ڄاڻائي سندس شعر ڏنو ويو آهي. ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻيءَ پنهنجي پي. ايڇ. ڊي جي مقالي Persian Peots of Sindh ۾ کين شاعر ثابت ڪيو آهي ۽ کين سنڌ جو پهريون شاعر ٺهرايو آهي. [1]

شهباز سائينءَ ڏانهن هڪ عشقيه نالي ڪتاب به منسوب آهي، جنهن ۾ ڪجهه شعر پڻ آيل آهن. قلندر نامي جي مصنف حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ مذڪور ڪتاب شيخ عثمان انصاريءَ جو ٻڌايو آهي. هن پنهنجي راءِ جي ثبوت ۾ هي پڻ لکيو آهي، ته ”عشقيه“ نالي ڪتاب ۾ حافظ ۽ جاميءَ جا به شعر آهن، جي حضرت قلندر شهباز کان گهڻو پوءِ ٿي گذريا آهن. [2]

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادو وارن حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب فارسي ڪلام سائيڪلو اسٽائيل ڪري شايع ڪيو آهي؛ جنهن ۾ ”راجا“ تخلص آيل آهي. ان کان سواءِ ٻين ڪتابن ۽ رسالن ۾ به حضرت

[1] Persian Poets of Sindh, Sindhi Adabi Board, Foot Note P.7

[2] قلندر نامه سنڌي ص17_18



Gul Hayat Institute

قلندر شهباز ڏانهن مسوب فارسي شعر شايع ٿيندو رهيو آهي. حقيقت ۾ "راجا" جي تخلص سان جيڪو بہ شعر حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب ڪيو ويجي ٿو، اهو "راجو قتال"[1] جو آهي. ان هوندي بہ هت آءٌ پنهنجي تحقيق وضاحت سان پيش ڪريان ٿو جيئن ڪنهن بہ شڪ شبهي جي گنجائش نہ رهي.

هن وقت تائين مون کي راجو قتال جي ديوان جي ٻن نسخن جي ڏسڻ ۽ مطالعي ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، جن ۾ صاف چاٽايل آهي تہ ديوان "راجو قتال" جو آهي. هڪ ديوان محترم قاضي علي اڪبر صاحب جي بياض ۾ نقل ٿيل آهي. هن بياض ۾ هن ديوان کان سواءِ حضرت سچل سرمست جون مثنويون، ٻين ڪن شاعرن جو پارسي، سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ۽ پارسي نثر ۾ بہ تي تصوف جي مسئلن تي رسالہ آهن. نہ فقط ايترو پر هن ۾ "ديوان راجا" کان سواءِ حضرت قلندر شهباز جا ڪجهہ جدا غزل بہ آهن، جيڪي ڪتي بہ ڇپيل ڪونهن. ڪاتب جو نالو چاٽايل ڪونهي، پر آهي ماضي قريب جو ڇاڪاڻ جو سنڌي شعر موجوده رسم الخط ۾ لکيو اٿس. ڪتاب جي وچ تي هڪ هنڌ لکيو اٿس:

"نوشتہ شد از بياض جناب خليفہ صاحب ميان نظر محمد صاحب ڪہ از بياض جناب اعليٰ مولانا مرشد صاحب سچو صاحب گرفتہ بودند"

راجو قتال جي ديوان جي ٻي نسخي لاءِ معلوم ٿيو تہ يونيورسٽي لئبرريءَ ۾ آهي. موقعي سان لاهور وڃڻ ٿيو ۽ پنجاب يونيورسٽي لئبرريءَ ۾ وڃي ڪوشش وٺي "ديوان راجو قتال" ڪيرايم ۽ سچو ڏينهن ويهي پيٽيم ۽ مطالعو ڪيم. لئبرريءَ ۾ هن مخطوط جو نمبر 4304 آهي. ديوان جي پوئتان پارسي نثر جو ڪتاب "سلڪ السلوڪ" بہ شامل آهي، جيڪو تصوف بابت آهي. مخطوطي جي سائيز "5$\frac{1}{4}$-8" آهي.

ديون جا ورق 21 آهن، پر بہ تي پنا وچان نڪتل معلوم ٿيا. مخطوطي جو جلد قديم آهي، ۽ اندر اڏيهيءَ جا ڪيترائي سنها سنها ٽنگ آهن. غزلن تي

---

[1] سيد صدر الدين راجو قتال بخاري، مخدوم جهانيان جهان گشت (وفات 785 هـ) جو ننڍو ڀاءُ هو. 827هـ ۾ وفات ڪيائين. منهاج العابدين ۾ سندس ذڪر آيو آهي. (ڪئٽالاڪ انڊيا آفيس لئبرري، واليوم 2 ص654 ۽ 1029_1028)

نمبر ڪونهن، پر ڪل 33 غزل آهن. ديوان جي آخر ۾ هيءَ تحرير آهي.

*”تمت تمام شد کان من نظام شد این دیوان شاه راجو قتال صاحب را بتاریخ دهم رجب سنه 11 از راه یادگارے بروز سه شنبه از دست خاص شیخ محمد جعفر ولد شیخ محمد عباس“*

ڪتاب سلڪ السلوڪ جي آخر ۾ هي تحرير آهي:

*”کتاب سلک السلوک تصنیف مولا بخش عفی عنه بخط کمترین بندگان درگاه نعمت الله ابن حسن دهلوی روز چهار شنبه 24 جمادی الاول 1155.“*

ٻنهي ڪتابن جو خط ٻ پنا جدا جدا آهن. يونيورسٽي ايڪسپرٽ جي مشوري سان انهيءَ نتيجي تي پهتاسين ته سلڪ السلوڪ اڳ جو لکيل آهي؛ ديوان پوءِ جو. پوءِ ٻنهي کي ملايو ويو آهي. ديوان 12 صدي هجريءَ جو لکيل معلوم ٿئي ٿو ۽ سن 11 ڪنهن مغل بادشاه جي تخت نشيني جو سن آهي.

ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادو وارن طرفان ظاهر ڪيل حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب ڪلام؛ محترم قاضي علي اڪبر صاحب جي بياض وارو ”ديوان راجا“ لفظ لفظ ڪري ويهي پيٽيا اٿم. تنهي ۾ ساڳيو ڪلام آهي. البته لفظن جي ڦير گهير جو گهڻو تفاوت آهي؛ ائين به آهي، ته ڪنهن ۾ هڪڙا غزل ڪونهن ته ٻي ۾ وري ٻيا غزل ڪونهن. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل واري ۾ ته گهٽا ڪونهن. ان کان سواءِ ائين معلوم ٿئي ٿو ته ڪيترا غزل گم به ٿيل آهن. جيڪي هينئر تنهي ۾ ڪونهن. پنجاب يونيورسٽيءَ واري نسخي توڙي محترم قاضي علي اڪبر صاحب جي بياض ۾ ڪل 33 غزل آهن. ايترو آهي ته 3 غزل هڪ ۾ هڪڙا ته ٻي ۾ ٻيا آهن. ٻنهي کي ملائڻ سان ”ديوان راجا“ جا ڪل 36 غزل ظاهر ٿين ٿا.

منهنجو اندازو هو ته ڊسٽرڪٽ ڪائونسل طرفان ظاهر ڪيل ورقن جي جن غزلن ۾ ”شهباز“ تخلص آيل آهي؛ اهي غزل ضرور حضرت قلندر شهباز جا هوندا، پر پيٽا کان پوءِ اهو اندازو به صحيح نه نڪتو. البته اهو ثابت ٿئي ٿو ته حضرت قلندر شهباز جا انهيءَ ساڳي زمين ۾ غزل ضرور هئا، جن جي ”راجا“ تبع ڪئي آهي. زماني جي گردش سبب حضرت قلندر

شهباز جا اهي غزل تہ لکي ويا پر، انهن جون مصرعون ۽ بيت "راجا" جي انهن غزلن ۾ گڏجي ويا. جيڪي غزل "راجا" حضرت قلندر شهباز جي انهن غزلن جي تتبع ۾ چيا هئا. ثابتيءَ لاءِ انهن اهڃاڻن جي هيٺ وضاحت ڪجي ٿي. لوڪل بورڊ وارن ورقن ۾ غزل نمبر 5 جو مقطع هن طرح آهي:

بیک پرواز من بینم کہ شہبازم بگویم حق
بنور چشم باطن عین خود را عین آں دیدم

پنجاب يونيورسٽيءَ واري ساڳي غزل جي مقطع جي پوئين مصرع بلڪل ساڳي آهي، پر پهرين مصرع بلڪل مختلف آهي، جا هن طرح آهي:

"بھر حالی پس از بینا شدن چنی گوید"

محترم قاضي علي اڪبر صاحب واري بياض ۾ بہ ساڳي غزل جي مقطع جي پوئين مصرع هڪ جهڙي آهي، ۽ پهرين مصرع پنجاب يونيورسٽيءَ واري نسخي جهڙي آهي، پر ٿورو لفظي تفاوت آهي. پيٽا لاءِ هيٺ ڏجي ٿو:

"بھر حال پس از راجا شدن بینا چنین گوید"

ان مان صاف ظاهر آهي تہ "شهباز" جي تخلص واري مٿي ڏنل مصرع هن غزل کان جدا آهي، ۽ بڌائي ٿي تہ ڪنهن جدا غزل جي آهي، جيڪو حضرت قلندر شهباز جو هوندو.

لوڪل بورڊ وارن ورقن جي ڇهين غزل جون بہ مطلعون آهن. پهرين مطلع هن طرح آهي، جيڪا سنڌ ۾ عام مشهور آهي ۽ حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب آهي:

امروز شاہ شاہاں مہماں شد است مارا
جبریل با ملائک درباں شد است مارا

هي مطلع نہ پنجاب يونيورسٽي واري نسخي ۾ آهي، ۽ نہ محترم قاضي علي اڪبر صاحب واري نسخي ۾ آهي. انهن ۾ هيٺين مطلع آهي، جيڪا لوڪل بورڊ وارن ورقن ۾ مٿين مطلع جي هيٺان هوبهو ڏنل آهي. نہ فقط ايترو پر ان کان پوءِ سڄو غزل بلڪل ساڳيو آهي. اها مطلع هي آهي:

خورشید ہر دو عالم تابان شد است مارا
از فرش تاثریا[1] غلطان شد است مارا

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته "امروز شاه شاهان..." وارو مطلع ڪنهن جدا غزل جو آهي، جو پوءِ هن غزل سان ملايو ويو آهي. جيئن ته اهو بيت حضرت قلندر شهباز جي نالي عام ۾ مشهور آهي. تنهن ڪري اندازو آهي ته اهو حضرت قلندر شهباز جي غزل جو مطلع هوندو جيڪو هينئر گم آهي. جيئن ته "راجا" انهيءَ ساڳيءَ زمين ۾ غزل چيو آهي: تنهن ڪري ماڻهن حضرت قلندر شهباز وارو مشهور مطلع ان سان ملائي ڇڏيو آهي.

لوڪل بورڊ جي ورقن جي غزل نمبر 10 ۾ به شهباز تخلص آهي. تخلص وارو مقطع هن طرح آهي:

شہباز پریدیم و از خویش گذشتیم
با دوست بما نیم و بس دوست ندانیم

پنجاب يونيورسٽيءَ واري "ديوان راجا" ۾ اهو غزل هوبهو آهي، پر مقطع هن طرح آهي:

راجا کہ تماشائی جہاں عظمبست
اما چہ توان۔۔۔۔ کہ زان چشم نداریم

محترم قاضي علي اڪبر صاحب واري "ديوان راجا" ۾ مقطع آهي ئي ڪو نه. البت مٿين بيت سان ملندڙ بيت وچ غزل ۾ آهي، جو هن طرح آهي:

آزاد بگشتیم چو از خویش برستیم
تا یاد چنین باد کہ این حال بیابیم

لوڪل بورڊ جي ورقن جي 22 غزل ۾ شهباز تخلص آيل آهي، پر اهو غزل به "راجا" جي ديوان جي ٻنهي نسخن ۾ موجود آهي. لوڪل بورڊ وارن ورقن ۾ ان غزل جو مقطع هن طرح آهي:

شہباز تن را شاد کن خود خانہ دل آباد کن
این سخن حق رایا دکن الا علی اللہ رزقہا

---

[1] پنجاب يونيورسٽي: ازعرش تاثري



Gul Hayat Institute

محترم علي اڪبر واري نسخي جي ساڳي غزل جي مقطع ۾ فقط اهو فرق آهي، جو "شهباز" جي بدران "راجا" ۽ "حق را" جي بدران "از حق" آيل آهي. پنجاب يونيورسٽيءَ واري نسخي ۾ ساڳيو غزل آهي، پر مقطع ڪو نه اٿس. پائنجي ٿو تہ ڪنهن "راجا" جي بدران هرويرو ڪٽي شهباز وڌو آهي.

لوڪل بورڊ جي ورقن ۾ جيڪو غزل نمبر 17 آهي، ان جي رديف "مست –الست هستم" آهي، ۽ ڪن بيتن ۾ "شهباز" لفظ بہ آهي. اهو غزل بہ "ديوان راجا" جي ٻنهي نسخن ۾ موجود آهي، پر انهن ۾ اها رديف ڪانهي. محترم قاضي صاحب واري نسخي ۾ "اللب لب لبم" آهي. ان ڪان سواءِ هيٺيان بيت ٻنهي نسخن ۾ ڪونهن. "شهباز" لفظ بہ انهن ۾ئي آهي:

شهباز شهسوارم پرواز قدس دارم
زان جا شکار آرم مست-الست هستم
که شاه و که گدایم گاهے بخود خدایم
گه بندر سند ندایم مست الست هستم

"ديوان راجا" جي ٻنهي نسخن ۾ مذڪور رديف سان ٻہ غزل آهن، پر مٿيان بيت ٻنهي ۾ ڪونهن، ۽ بيتن ۾ "مست الست هستم" جي رديف ڪانهي لوڪل بورڊ وارن ورقن ۾ ساڳيءَ رديف سان ٻيو غزل بہ ڏنل آهي، پر ان ۾ "شهباز" لفظ وارو مٿيون بيت ٻيهر آيل بہ آهي. البت ان ۾ ٻي مصرع جي لفظن "آن جا" جي بدران "بيجان" آيل آهي.

هن مان بہ انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ "مست الست هستم" جي رديف سان حضرت قلندر شهباز جو جدا غزل هوندو جيڪو هنئر گم آهي. مٿيان بہ بيت ان جا آثار آهن. جيڪي "راجا" جي ساڳي زمين واري غزل ۾ ملي ويا آهن.

لوڪل بورڊ وارن ورقن ۾ "شهباز" لفظ وارا اهي ٽي غزل هئا، جن جو تجزيو پيش ڪيو ويو. البت هڪ غزل اهڙو بہ آهي، جنهن جي مقطع ۾ شهباز سان گڏ قلندر جو لفظ بہ آيل آهي. اهو غزل "ديوان راجا" جي ٻنهي نسخن ۾ ڪونهي.

لوڪلبورڊ وارن ورقن ۾ ان غزل سوڌا باقي ٽي غزل بچن ٿا، جيڪي "ديوان راجا" جي ٻنهي نسخن ۾ ڪونهن. انهن مان هڪ غزل "ز

عشق دو ستد..“ لاءِ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم جو چوڻ آهي ته اهو شيخ عثمان انصاري جو آهي، ۽ ٻي غزل ”من آن درم....“ لاءِ لکيو اٿس، ته شمس تبريزي جو آهي. ڪن وري پهريون غزل عثمان هاروني‌ءَ جو ڄاڻايو آهي، پر اهي ٻئي غزل شيخ عثمان انصاري‌ءَ جي عشقيه ۽ ڪليات شمس تبريز ۾ ڪونهن. انهيءَ ڪري هي ٻئي غزل ۽ ٽيون ٻچيل غزل آخر ۾ ڏنا ويندا.

”شهباز“ لفظ قاضي صاحب واري بياض جي فقط هڪ غزل ۾ آيو آهي، پر اهو غزل پنجاب يونيورسٽيءَ جي نسخي ۾ ڪونهي. قاضي صاحب واري نسخي جي غزل ۾ ”شهباز“ فقط مطلع ۾ هن طرح آيو آهي:

شهباز لا مکانم بیرون زکون و مکانم
مسجود انس و جانم مطلب تو آشیانم

ڪن ٻين هنڌ ”شهباز لا مکانم“ هن طرح آيو آهي:

شهباز لا مکانم منبع در مکان نگنجم
عنقائے بے نشانم من در نشان نگنجم

هن بيت جي منظوم شرح حضرت قادر بخش بيدل پنهنجي ڪتاب رموز العارفين (قلمي) ۾ هن طرح ڏني آهي، جنهن ۾ بيدل سائين عارفن جا اقوال نظم ۾ ڏنا آهن:

اے خواجه بیا بصد ادب پیش — در حلقهء طالبان، صفا کیش
باشد که شوی تو شرفیابی — از حلقه بگوش آن جنابی
درگاه چه بارگاه عالی — مبنیٰ برکات لا یزالی
محفل نه که مسند امامت — منزل نه که خسرو کرامت
شاهی نه که افتخار شاهان — سرحلقهء احدیت کلاهان
صدیق مقام قطب اکبر — شهباز حسینی و قلندر
آن مخبر صادق المقامات — از سر مکاشف و کرامات
باماخبری زسر نهان داد — از عالم بے نشان نشان داد
گفتا که نه جسمم و نه جانم — شهباز فضائے لا مکانم
داریم بلا مکان پرواز — باذات خودم مدام دمساز
ما سر حقیم و قلزم نور — گنجایش ماست از مکان دور



Gul Hayat Institute

7- عرفان جي منزلن جي صحيح صحيح خبر ڏيڻ واريو ۽ ڪشف ۽ ڪرامت جو راز پڌائڻ وارو.

8- اسان کي لڪل رازن کان آگاهه ڪيائين ۽ اڻ ڏٺل دنيا ڏيکاريائين.

9- اسان کي ٻڌايائين ته "مان نه جسم آهيان ۽ نه روح" بلڪ لامڪان جي فضائن ۾ اڏامڻ وارو شهباز آهيان.

10- منهنجو پرواز هميشه لامڪان ۾ آهي، ۽ مان پنهنجو يارغار ۽ رازدار پاڻ ئي آهيان.

11- مان الله جو راز آهيان ۽ نور جو سمنڊ. مان هن ڪائنات جي اندر سمائجي وڃڻ وارو نه آهيان.

12- مان بي نشان آهيان ۽ هر انهيءَ شيءِ کان الڳ ٿلڳ، جا تنهنجي علم ۾ آهي.

13- مان انهيءَ دنيا جي بلندي تي رهڻ وارو آهيان جا لافاني آهي. مان عنقا وانگر ڏسڻ ۾ انهيءَ ڪري نه ٿو اچان جو بي نشان آهيان.

14- (واقعي) اهڙي ذات، جا بي نظير ۽ بي عديل هجي ۽ هر پابنديءَ کان آزاد، سا "نشان" جي دام ۾ ڪيئن ٿي ڦاسي سگهي؟

15- اها ذات قديم آهي، نه منجهس ڪميت آهي نه ڪيفيت، يعني نه ڪنهن جيتري آهي ۽ نه ڪنهن جهڙي، خزان ۽ بهار کان بي نياز ۽ سياري ۽ اونهاري کان به بي پرواهه.

16- اي، حقيقت کي سمجهڻ وارا. هيءَ "ڪم" ۽ "ڪيف" واري دنيا "حادث" آهي يعني نه قديم ۽ نه هميشه قائم رهڻ واري.

17- جڏهن حادث، قديم سان وڃي گڏيو ته حادث فنا ٿي ويو.

18- هيترن رنگن ۽ شڪلين جي باوجود اها ذات ذوالجلال رنگ (چون ۽ چگون) کان بي نياز آهي.

19- جا به شيءِ پيدا ٿي آهي، سا سندس ذات جو مظهر آهي، پر انهيءَ جي باوجود هو هر شيءِ کان پاڪ ۽ بي نياز آهي.

ٻيو هڪ غزل به ملي ٿو جنهن ۾ "شهباز" لفظ آيل آهي ان جو مطلع هي آهي:

*وجود محض مطلق را همه جا هر زمان دیدم*
*بهر سوئے بهر کوئے بهر صورت عیان دیدم*

هي غزل ديوان راجا ۾ به موجود آهي، پر ان ۾ هيٺيون بيت ڪونهي، جنهن ۾ شهباز لفظ آيل آهي:

*بيڪ پرواز مي بينم ڪه شهبازم بگوريم حق*
*بنور چشم باطن عين خود را عين آن ديدم*

مطلع ۽ مقطع ۾ فڪر جي گهرائي آهي ۽ وڏي دعوي به. ان مان معلوم ٿئي ٿو، ته اهي ٻئي بيت حضرت قلندر شهباز جي غزل جا آهن. "راجا" حضرت قلندر شهباز جي غزل جي زمين ۾ غزل چيو آهي. راجا جي غزل ۾ فڪر جي اها گهرائي ۽ خيال جي بلندي ڪانهي، جيڪا مٿي ڏنل ٻن بيتن ۾ آهي. محترمه نور شاهين انهن بيتن جي نهايت موزون تضمين ڪئي آهي، جا هيٺ ڏجي ٿي:

تصور جو ڪرشمو چئجي يا عين اليقين چئجي
وجود محض مطلق را همه جا هر زمان ديدم
چراغ۔ عشق باري ظلمتِ دنيا ۾ مون هن ڪي
ٻهر سوئي ٻهر ڪوئي ٻهر صورت عيان ديدم
بنور چشم باطن عين خودرا عين آن ديدم.

انهيءَ تحقيق ۽ جستجوءَ ڪان پوءِ هيٺيان غزل باقي بچن ٿا، جيڪي بياضن ۾ حضرت قلندر شهباز ڏانهن منسوب آهن، پر "ديوان راجا" جي ٻنهي نسخن ۾ ڪونهن. ان ڪان سواءِ انهن ۾ "عثمان" تخلص آيل آهي. هنن ۾ اهي غزل به شامل آهن، جيڪي قاضي صاحب واري بياض ۾ "ديوان راجا" ڪانسواءِ حضرت قلندرڙ شهباز جي نالي ۾ ڏنل آهن ۽ لوڪل بورڊ وارن ورقن ۾ باقي بچيا آهن. هي غزل مٿي ذڪر ڪيل ورقن ۽ بياض مان مليا آهن، پر انهن لاءِ ٻي ڪا مستند شهادت ڪانه ملي آهي. ان هوندي به جيئن ته هي غزل ڪنهن ٻي جا ثابت ٿي نه سگهيا آهن، تنهن ڪري هت درج ڪيا وڃن ٿا. غزل جيئن ته تمام قديم آهن، انهيءَ ڪري ڪاتبن ساڻن ڪيس ڪري ڇڏيا آهن. ان هوندي به غزل نهايت خبرداريءَ سان پڙهي هت درج ڪيا وڃن ٿا. محترم حافظ خير محمد صاحب اوحديءَ ۽ محترم مير حسان الحيدري خان چانديه غزلن کي صحيح نموني پڙهڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن ڪري آءٌ سندن ٿورائتو آهيان.



Gul Hayat Institute

## غزل (1)

رسیدم من بدریائے کہ موجش آدمی خوارست
نہ کشتی اندران دریا نہ ملاحے عجب کارست

شریعت کشتی باشد طریقت بادبان او
حقیقت لنگرے باشد کہ راہ فقر دشوارست

چو آتش جملہ خون دیدم بتر سیدم ازان دریا
بدل گفتم چرا ترسی گذر باید کہ نا چار است

ندا از حق چنین آمد مگر از جان می ترسی
ہزاران جان مشتاقان درین دریا نگو نسارست

بگفتم من ہمی آیم کمر بستم چو غواصان
چہ ترسم از نہنگانے کہ گل پیوستہ خارست

ایا عثمان مروندی سخن با پردہ داران گو
نیابی در جہان یاری جہانے پر ز اغیار ست

Gul Hayat Institute

## غزل(3)*

1- من آن درم که در بحر- جلال الله بود استم
بکوه- طور با موسیٰ کلیم الله بود استم

2- به آبِ زنده هم بودم به خضری زنده بود استم
به اسکندر در آن لشکر به لشکر گاه بود استم

3- به اسمٰعیل پیغمبر به ابراهیم بن آذر
در آن سر وقت قربانی به قربان گاه بود استم

4- گهی بر تخت گریانم گهی بر دار خندانم
گهی در مذهب- ترسا بسی محنت کشید استم

5- دو صد جامه کهن کردم لباس- فقر پوشیدم
بر آن برجی که من بودم هزاران یک رسید استم

6- ایا عثمان مروندی چرا مستی در این عالم
بجز مستی و مدهوشی دگر چیزی نه دانستم

Gul Hayat Institute

* هي غزل مقالات ۽ لب تاريخ ۾ به آهي.

## غزل(4)

کمند عشق در گردن مرا مسرور و خوش آید
خم و خمار و خرم ہم ازان مخمور و خوش آید

تجلیء جلالم کرد موسیٰ را بہ بے ہوشی
بہ بین کار جلالم راکہ چون بر طور خوش آید

بیا اے مرد رازے بین ازبن جادو چرا لرزی
شہنشاہم بہ بزم من ہمہ مذکور خوش آید

قلندر من شہبازم مرا آشیانہ گونان گون
بھر جا میروم آنگاہ با من نور خوش آید

Gul Hayat Institute

## غزل(5)

زغم خواری غم غم غم غریبم
ندارم جز غم غم غم غریبم

نمانده در دلم جز غم غریبم
غریبی در غریبی ام غریبم

نمانده در دلم غم غیر جانان
غمش را دوستم ہردم غریبم

ندارم بے غمی را طاقت آورد
بغم خو کرده ام چون غم غریبم

بجز غمخواري عشقت ندارم
دگر کارے، ازان باغم غریبم

غم عشقت دلم را تازه دارد
ہمین بس درد را مرہم غریبم

چو عثمان جان و دل درباز پیشش
بغم شو آشنا ہردم غریبم

Gul Hayat Institute

## غزل(6)

براہ عاشقی غم بار باید
رخش زرد و تنش بیمار باید

نباید فکر دیگر ہیچ گاہے
بدرد و محنتش دشوار باید

بخواری و بمحنت انس گیرد
بہ آہ و نالہ ہردم زار باید

زلذات جہان آزاد گردد
ہمیشہ دیدہ اش خونبار باید

تنش بیمار باید از غم عشق
دلش از تیغ عشق افگار باید

بیا عثمان اگر وصلش بخواہی
ترا اول قدم بر دار باید

Gul Hayat Institute

## غزل (7)

چہ بندی دل درین نابود آخر
کہ نتوانی درو آسود آخر

بجز درد تو من کارے ندارم
دہد لیکن ستاند زود آخر

نہ بندد دل بدنیا مرد عاشق
ہر آنکو بست، شد مردود آخر

کہ دنیا جائے حظ کافران است
ز جائے دوستان معبود آخر

اگر دنیا تمامی گنج دارد
بود آن گنج زہر آلود آخر

اگر مرد خدائی، دل چہ بندی؟
بباشی زین بدر خوشنود آخر

فدا کن جان و تن در راہ جانان
اگر خواہی رہائی زود، آخر

نباشی زین جہان بے غم زمانے
نگہ کن جملہ را بر بود آخر

بیا عثمان بدر کن دل ز عالم
اگر خواہی حق بہبود آخر

Gul Hayat Institute

## غزل(8)

نمی بیتی نمیدانی چه می ورزي چهاداری
چه نادانی نمی دانی چه می ورزی چهاداری

تو مرغ لا مکان بودی، فروماندی درین فانی
که نادان تر ز نادانی چه می ورزی چهاداری

چرا برخود ستم آري گهر گیری خزف چینی
مگر کوری نمی دانی چه می ورزی چهاداری

یکدم میتوانی هر دو عالم را خریدن تو
ولے قیمت نمی دانی چه می ورزی چهاداری

چه مغروری درین فانی که فانی خود نمی ماند
دریغا در چه سامانی چه می ورزی چهادری

برین بازی چه می نازی که بازی نیست خود قائم
بیا بگذر ازین فانی چه می ورزی چهاداری

اگر ترک جهان گیری شوی سلطان عالم را
سر از افلاک گذرانی چه می ورزی چهاداری

بیا عثمان چه درماندی فنا شو پیش از مردن
نه میری چون ز خود مانی چه می ورزی چهاداری

Gul Hayat Institute

## غزل(9)

آن شاہ ہر دو عالم عربی محمدؐ است
مقصود بود آدم عربی محمدؐ است

صدر شکر آن خدائے کہ پشت و پناہ خلق
شاہنشہے مکرم عربی محمدؐ است

مارا ز جرم حال پریشان، ولے چہ غم
چون پیشوائے عالم عربی محمد است

مارا چہ غم بود کہ چنین سایہ بر سر است
غمخوار حال زارم عربی محمدؐ است

بختم مدد نمود کہ از امتش شدم
مطلوب و جان جانم عربی محمدؐ است

ختم رسل؛ چراغ رہ دین و نور حق
آن رحمت دو عالم عربی محمدؐ است

آن سرور حقائق و آن رہنمائے دین
آن صدر و بدر عالم عربی محمدؐ است

آن کعبہء معارف و آن قبلہء یقین
آن شاہ دین پناہم عربی محمدؐ است

کن پیروی راہ وے ارباںیت نجات
شاہنشہے معظم عربی محمدؐ است

عثمان چو شد غلام نبی و چھار یار
امیدش از مکارم عربی محمدؐ است

Gul Hayat Institute

## غزل(10)

اے شاہ شاہ شاہ بقا با گدا نما
اے ماہ ماہ ماہ وفا با گدام نما

از محنت فراق چہ گوئیم درد دل
از شربت وصال، عطا با گدا نما

دردم ز خد گذشت و ندانم چھا کنم
از مرہم وصال شفا با گدا نما

ہستم گدائے کوئے تو خواہم لقائے تو
شاہا جمال خود ز سخا با گدا نما

ہم حاضری و ناظری در جملہ کائنات
انوار ذات عز و علا با گدا نما

عثمان مدام از تو ترا خواہد از کرم
با خود بکش ز لطف، لقا با گدا نما

Gul Hayat Institute

## غزل(11)

گر خدا را دوست داری خامشی باید گزید
با ہزاران شور و زاری خامشی باید گزید

چون زبان بندی دلت ہم خندد از فرخندگی
ہمچو گلہائے بہاری خامشی باید گزید

خامشی مس وجودت را کنند زر بے خلاف
و از دو عالم سر بر آری خامشی باید گزید

دار دائم در حضور دوست خود را دم بدم
جملگی باحق سپاری خامشی باید گزید

در زمین دل ہمین تخم محبت را بکار
ز آب دیدہ گشت کاری خامشی باید گزید

گفتگو باد خزان است و بہاری قلب را
نیست روئے رستگاری خامشی باید گزید

دم بدم چون باغبان شو پاسبان باغ دل
یک زمان غفلت نیاری خامشی باید گزید

در طلبگاری وصالش بندہ عثمان بین
میکند شب روز زاری خامشی باید گزید

Gul Hayat Institute

# ڀھرين ڇاپي جي قطع تاريخ

از: احمد خان آصف

ڇپجي ويو لطف خدا سان تذڪرو شهباز جو
جنھن ۾ قلندر لعل جو عمدو ڏنل احوال آه

اهل نظر شهباز کي والي سڏن ٿا سنڌ جو
شهباز بيشڪ سنڌ سان پنھنجو پلايو پال آه

تاريخ جي ئي روشني ۾ هي لکيل آهي ڪتاب
تحسين جو لائق مصنف هر گھڙي هر حال آه

هاتف چيو هنريت "آصف" مادهء تاريخ لک
وه نيڪ قسمت پاڪ سيرت طبع جو ٿيو سال آه.

1384هہ

Gul Hayat Institute